س.ا.س سٽي سکرڀاٽ ڪام

بندر بازاريون

(سفرنامو)

الطاف شيخ

ڊجيٽل پبلشر

سنڌي ادبي سنگت

شاخ سٽي سکر سنڌ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

"ننگر ۽ ناڙيون پگهم ڪٽي پنڌ پيا،
بندر بازاريون سڃا ساموندين ري."

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com



هن کتاب جا سمورا حق ۽ واسطا لیکڪ وٽ محفوظ

پہ لفظ

محترم دوستو.....!

السلام عليڪم

اداري، سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر سڀني طرفان اوهان جي لاءِ، جڳ مشهور شخصيت، (جنهن کي سنڌ جو سندباد جهازي چئجي ته نهايت بهتر ٿيندو) محترم الطاف شيخ جا سفرناما ۽ ٻيا ليک پيش ڪجن ٿا.

اسان محترم الطاف شيخ صاحب جا تمام گهٽا ٿورائتا آهيون جن جي اجازت ۽ تعاون سان اهي ڪتاب ٿوري آئوٽ لوڪ جي ايڊيٽنگ سان (ڪتاب جي متن ۾ ڪابہ تبديلي نہ ڪئي وئي آهي، صرف ويب سائيٽ تي آڻڻ لاءِ ان جي آئوٽ لوڪ کي خوبصورت بڻايو ويو آهي) اوهان تائين پهچائي سگهيا آهيون. ان کان علاوه ڪتاب جي پبلشر وغيره جا نالا، سندن مالڪي حقن سبب نہ ڏنا ويا آهن. صرف ليکڪ جي اجازت سان سندس ليک ڏنو ويو آهي.

محترم دوستو!.. اسان اُميد ٿا ڪريون ته اوهان پنهنجي راءَ کي پاڻ تائين محدود نہ ڪندا، ڇا ڪاڻ ته اوهان جي اها راءَ ئي اسان جي جياپي جو ڪارڻ آ. وڌيڪ بهتري آڻڻ لاءِ ضرور راءِ ڏيندا .

ساڻ سلامت

مهرباني

اوهان جي مشوري جو منتظر

عبداللطيف انصاري

شمس آباد سکر سنڌ

فون: 0333.7146119

اي ميل ؛ abdullateefansari@yahoo.com

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

انتساب

عبدالقادر (لالا) قريشي نالي

بختيار پور (ضلعي دادو) جي اهم شخصيت مرحوم اميد علي قريشي صاحب جو فرزند عبدالقادر قريشي، منهنجي بيحد ويجهن دوستن مان آهي. پاڻ سني دوستن کان وڌيڪ سنو ماڻهو ۽ نيڪ ۽ بااخلاق انسان آهي. اڄ جي دؤر ۾ هن جهڙو شريف انسان ۽ ايماندار آفيسر کو ورلي نظر اچي.

عبدالقادر سان منهجي ڄاڻ سجاڻ ڪئدٿ ڪاليج پيٽارو کان ٿي. مون کي ته ياد نه ٿو اچي ته عبدالقادر جو ڪڏهن ڪنهن سان جهيڙو ٿيو هجي. اسان ڪاليج جي ڏينهن ۾ انتظار ئي ڪندا رهياسين ته من عبدالقادر جو ڪنهن سان زباني جهڱڙو ٿئي. راندين ۽ پي ٿي پريڊ ته ضرور ڪندو هو پر باڪسنگ جهڙي مارڌاڑ ۾ حصو هرگز نه ورتائين. هاڻ ملي ته ان بابت پچندوسانس. پر جي باڪسنگ ڪئي هوندائين ته پڪ هڪ طرفي مارَ ڪاڌي هوندائين جو اسڪولي ڏينهن ۾ عبدالقادر جسماني طرح ڏاڍو ڪمزور هو. هونءَ ته هر مائٽ اهو ئي سوچيندو آهي ته پيٽارو جي پي ٿي پريڊ لاءِ سندس پٽ نازڪ آهي پر حقيقت ۾ ڪمزور ۽ نازڪ فقط عبدالقادر هو. ڪاليج جي انگريز پرنسپال هڪ دفعي اسان کي حيدرآباد جي ملٽري اسپتال ۾ ڏندن جي ڊاڪٽر ڏي موڪليو، جتي بنا ڪيرو ڪرڻ جي ڏندن جي فلنگ ڪئي وئي. عبدالقادر جي حالت تي رحم ڪائي ڊاڪٽر چيو ته فقط هن چوڪري کي سئي هڻي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پوءِ ڏندن جي مرمت ڪندس. بعد ۾ هڪ ٻئي ڪلاس ميٽ غلام محمد سومري (سڪر جي ڪمشنر خالد محمود جي پاءُ) ٻڌايو ته سئي هٽ لاءِ به عبدالقادر کي ڊاڪٽر پهرين رومال سونگهائي، بيهوش ڪيو هو. بهرحال اهو ته چرچو ئي هوندو. عبدالقادر سنو مريض هيو يا نه پر سنو ڊاڪٽر يا سرجن ضرور ثابت ٿئي ها جو هن جي دل ۾ هر وقت ٻين جي ڏک درد جو اونو رهي ٿو. پر تن ڏينهن ۾ ڪئبٽ ڪاليج ۾ بائلاجيءَ جو سبجيڪٽ نه هجڻ ڪري هن مئٽس ۾ انٽر ڪري مرچنٽ نيوي ۽ مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي جامشورو لاءِ Apply ڪيو. ٻنهي لاءِ چونڊجي ويو. اسان چٽگانگ ۾ ٽي مهينا ڪن انتظار ڪندارهياسين ته اجهو ٿو عبدالقادر اچي مئرين اڪيڊمي Join ڪري. خاص ڪري اسان جي ايڊيوڪيشن آفيسر ڪمانڊر اسرارالله (جنهن اسان کي پيٽارو ۾ به پاڙهيو هو) کي ڏاڍو شوق ۽ خواهش هئي ته عبدالقادر قريشيءَ جهڙو سنو شاگرد مرچنٽ نيوي ۾ اچي جهاز جو هڪ بهترين ڪئپٽن يا مئرين انجنيئر ٿئي. پر پوءِ چاهيندي به عبدالقادر چٽگانگ نه اچي سگهيو جو ان دوران هو جامشوري ۾ هڪ سيميسٽر پورو ڪري چڪو هو. بهرحال سندس نصيب ۾ اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ B.E ڪرڻي هئي نه ته اڄ نوابشاهه کان حيدرآباد يا دادو ايندي ويندي رستي تي اليڪٽرڪ جي تارن (Wires) کي گهوري ڏسڻ بدران سمنڊ تي طوفاني راتين ۾ تارن (Stars) کي ڏسي دنيا جي مختلف بندرگاهن جو رستو ڳولي ها. پاڻ ڪجهه عرصو روس ۾ رهي پنهنجي سبجيڪٽ ۾ اعلىٰ تعليم پڻ ورتائين. اڃڪلهه (آڪٽوبر 1997ع) نوابشاهه ۾ واپدا ۾ سپرنٽينڈنٽ انجنيئر آهي.

عبدالقادر قريشي ان فئملي سان تعلق رکي ٿو جنهن پهرين ترجيح

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هميشہ تعليم کي ڏني. هونءَ ٻہ پاٽ، بوبڪ، بختيارپور، راڏڻ پاسي جي قاضين، قريشين، جوٽيجن ۽ انصارين جو تعليمي ميدان ۾ سيڪڙو سنڌ جي ٻين شهرن کان گهٽو آهي. عبدالقادر قريشِي جو والد صاحب اميد علي قريشي 1900ع ۾ ڄائو. پاڻ ڪجهہ عرصو ٽريزري آفيسر رهڻ بعد ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. ان بعد سنڌ فوڊ گرين نئشنلائزيشن بورڊ جو M.D ٿيو جيڪا پوسٽ ڊپٽي ڪمشنر برابر هئي. پاڻ نوڪري دوران (اوٽونجاهہ ورهين جي ڄمار ۾) دل جي دوري پوڻ ڪري گذاري ويو. خيرپور جو خانصاحب گل حسن عباسي صاحب (ڊاڪٽر تنوير عباسي، سابق سيڪريٽري اي.اين. جي عباسي، اعجاز عباسي، مرحوم الطاف عباسي جو والد صاحب)، قاضي سچيڏنو صاحب (مرحوم اشفاق قاضي، ابرار، ارشاد، امتياز قاضي ڪمشنر حيدرآباد جو والد صاحب) ۽ عبدالقادر قريشيءَ جو والد صاحب پنهنجي وقت جا بيحد گهاٽا دوست هئا ۽ انهن جي اولاد پڻ تعليم ۾ پنهنجو پاڻ ملهايو.

اسان جي عبدالقادر قريشيءَ کي ٻہ وڏا ڀائر آهن. احمد علي قريشي (جن جو سال 1926ع) جيڪو هاءِ ڪورٽ جو جج آهي ۽ عبداللطيف قريشي (جن جو سال 1938ع) جيڪو وڪالت ڪري ٿوري ڪجهہ عرصو هاءِ ڪورٽ جو جج ٻہ ٿي رهيو، ڪيس اولاد نہ ٿيو باقي وڏي ڀاءُ احمد علي کي ماشاءَاللہ ڇهہ پُٽ ۽ هڪ ڌيءُ آهي. وڏو پُٽ منصور اسسٽنٽ ڪمشنر آهي، ٻيو نمبر ڏاڏي جي نالي وارو اميد علي ايگزيڪيوٽو انجنيئر آهي. ٽيون نمبر مقصود ڪراچي ويسٽ (هاربر) جو SDM آهي. ان بعد چوٿون مسعود آمريڪا ۾ آهي. پنجون محمود پڻ آمريڪا مان انجنيئرنگ ۾ ايم. ايس ڪئي آهي ۽ ننڍو مسرور بئنڪ آف آمريڪا ۾ اسسٽنٽ وائيس پريزيڊنٽ آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

عبدالقادر جو وڏو پٽ ابراهيم ڊاڪٽري پڙهي رهيو آهي. سندس ڏيءَ ساران جي ويجهڙائيءَ ۾ شادي پنهنجي سؤٽ مسرور سان ٿي آهي ۽ باقي ٽي ننڍيون ڏيئون اسڪول ۾ آهن. مسرور جي وڏي پاڻ مقصود جي شادي سندس ڏاڏي اميد علي قريشي صاحب جي ڳهاٽي يار خانصاحب گل حسن عباسي جي پوٽيءَ (اعجاز عباسيءَ جي ڏيءُ) سائرا سان ٿيل آهي.

عبدالقادر قريشي جي جڙ جي تاريخ يارهين مئي 1947ع آهي. پنهنجي زندگي جي اڌ سنچري مڪمل ڪرڻ تي اسان جهڙن دوستن طرفان کيس دلي مبارڪباد پڻ هجي.

الطاف شيخ

آڪٽوبر ۱۹۹۷ء

ڪراچي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

فهرست

1	مهاڳ ــ امرجليل	13
2	ليکڪ پاران	17
3	هن اليڪٽرانڪ ايڊيشن لاءِ ڪجهه لفظ	23
4	جهاز بابت ڪجهه ڄاڻ	25
5	سفر جي شروعات	37
6	سي سڪنيس ۽ نشي وارا بسڪيٽ	42
7	ملايا جو لباس ۽ چار قومي زبانون	49
8	ستم ڪندورهه ستمگر	52
9	هٿ جي هنر جو ٻاهر مان	56

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

10	هتي جون رنگين مڇيون ۽ پکي	60
11	تصويرون	63
12	پورٽ ڪلانگ جي هوٽل جي ماني	71
13	ملايا جي رڪشا جڳ کان نرالي	74
14	سکن جو ذڪر	78
15	ملايا جي مسجد	81
16	پڙهيل بُک مري سگهي ٿو	84
17	ڇا اڃان سنڌ ۾ سنڌي رهن ٿا	88
18	ملايا ۾ آهيان يا سنڌ يونيورسٽيءَ ۾	91
19	ولايتي نوڪري ۽ چوڪري جي ڳولا	97

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

20	مفت ۾ به به ڪپن	101
21	سنگاپور ۾ ست ڏينهن	106
22	سنگاپور ۾ سنگاپوري چانهن ڪانه ٿئي	111
23	ملايا ۽ سنگاپور جي وچ ۾ فقط پل	113
24	وڏيون مسڪراهٽون ته وڏيون قيمتون	120
25	سنگاپور ۾ هڪ سنڌي اسڪول	124
26	اڏ فلم مان اٽڪ جو راز	133
27	مفت ۾ حجامت	136
28	سنگاپور ايندڙن لاءِ هڪ نصيحت	140
29	پريت جو هڪڙو پل ئي سهي	144

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

30	متفرقات سنگاپور	151
31	ايمان لوڏن ۾ ٽائلند جي ڏرتيءَ تي قدم	157
32	سونگ ڪلا ڪان حاديہ شهر ڏي	172
33	ناريل جي رس جي فئڪٽري	175
34	پلاسٽڪ جو ڪاڏو	179
35	پنڌ ضربيان پنڌرهان = صحيح هنڌ	184
36	متفرقات ٽائلند	190

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مهاڀ

انگريزي اُچاروارو سفر

آمريڪي خلاباز نيل آرمز استرانگ چنڊ تي پير رکيو. دنيا حيران ٿي وئي. مان حيران نہ ٿيس. مان حيران ان وقت ٿيو هوس جڏهن الطاف شيخ ويسٽ انڊيز جي زمين تي قدم رکيو هو. متان سمجهو تہ ويسٽ انڊيز پڻ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جهڙن ڌڳن جي ڪا ٽولي آهي. نہ. ويسٽ انڊيز اسان جي زمين جو ڏورانهون حصو آهي جتي اڇي چمڙيءَ وارا اقليتي، ڪاري چمڙيءَ وارن اڪثريت تي حڪومت ڪندا آهن. ويسٽ انڊيز نائٽ ڪلبن ۽ جوا جي ٽيڪرين جي ڪري مشهور ناهي. ويسٽ انڊيز، سر فرينڪ واريل، ايورٽن ويڪس، ڪلائيڊ والڪاٽ ۽ گارفيلڊ سوبرز جي ڪري مشهور آهي. انهن سوشلزم جي پرچار ڪري پنهنجو ملڪ سرمائيدارن، پيرن، ميرن، زميندارن، جاگيردارن، اسمگلرن، خونين ۽ پاڻاريدارن جي حوالي نہ ڪيو آهي. هو موالي نہ آهن. هو ويسٽ انڊيز جا ناموَر ۽ ڪرڪيٽ جي تاريخ ۾ شهنشاهہ راندڳر آهن. اها بي ڳالهہ آهي تہ الطاف شيخ ويسٽ انڊيز ۾ ڪنهن بہ راندڳر سان نہ مليو. ان ۾ ڏوهہ الطاف جو ناهي. ڏوهہ منهنجو آهي. مون کي ڪرڪيٽ، فٽ بال ۽ باڪسنگ سان بيحد چاهہ آهي. الطاف مون کي ويسٽ انڊيز جي باري ۾ هڪ بي خبر بڌائي. اها خبر حيرت انگيز هئي. هن بڌايو تہ ويسٽ انڊيز ۾ سنڌين جا دڪان، هوٽلون ۽ واپار جون منڊيون آهن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

نيل آرمزاسترانگ ۾ لک چاليھ هزار ميلن جو خلائي سفر ڪري چنڊ تي پھتو. مون کي حيرت نہ ٿي. پر الطاف جڏھن ويھ هزار ميلن جو ساموندي سفر ڪري ويسٽ انڊيز پھتو تڏھن مون کي سخت حيرت ٿي. سمورن دوستن کي حيرت ٿي.

اسين سنڌي، چوندا آھن تہ، ڪنھن اڻڄاتل سبب ڪري سفر نہ ڪندا آھيون. اسين فقط انگريزي اُجار وارو سفر (Suffer) ڪندا آھيون. اسين اقتصادي، معاشي ۽ ثقافتي طرح انگريزي اُجار وارو سفر (Suffer) ڪندا آھيون.

الطاف شيخ ڪولمبس ناھي. پر ھن ڪولمبس کان وڌيڪ سفر ڪيو آھي (سنڌي اچار وارو سفر). اسان منجھان جڏھن ڪو نوجوان سنڌي اچار وارو سفر ڪندو آھي، تڏھن اسان جا مائٽ انگريزي اچار وارو سفر ڪندا آھن. دنيا جي فقط ھڪ سرحد آھي، اھا سرحد دنيا جي ابتدا ۽ اھا ئي سرحد دنيا جي انتھا آھي. الطاف دنيا جي سرحد ڏٺي آھي. ھو جڏھن ۾ سفر تان موٽندو آھي، تڏھن مان ڪانئس ساڳيو سوال ورجائي پڇندو آھيان. پڇندو آھيانس تہ: ھن دفعي دنيا جي ڪھڙي ڪھڙي حصي ۾ سنڌي ڏسي آيو آھين؟

الطاف شيخ جو سنڌ ملڪ جي متيءَ سان پيڇ پيل آھي. تنھنڪري، ھو دنيا جي جنھن ۾ حصي ۾ ويندو آھي، اتي سنڌي سڀاجھڙن جي ڳولا ڪندو آھي. سندس ڪوجنا اڪثر ڪري برٽواب ٽي آھي. ھن سنڌين کي پرديس ۾ سکيو ستابو ڏٺو آھي. ھن ھانگ ڪانگ، ٽوڪيو، سنگاپور، بيروت، وچ مشرق، يورپ، آفريڪا، آمريڪا ۽ ويسٽ انڊيز ۾ سنڌين جا دڪان، ھوٽلون، ڪارخانا ۽ واپار جون منڊيون ڏٺيون آھن. مان الطاف جون ڳالھيون ٻڌي سوچيندو آھيان تہ اسان منجھان اھڙو ڪو مڙس

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ماڻهو شل نروار ٿئي، جيڪو سڪَ جو سڳو ڪٽي نڪري ۽ سموري دنيا جي سنڌين کي هڪ مالها ۾ پوئي ڇڏي.

الطاف شيخ جي سفرنامن کان اڳ جيڪي سفرناما سنڌيءَ ۾ شايع ٿيا آهن، تن ۾ گهڻو ڪري مغربي تهذيب جي گلا، عورتن جي آزاديءَ تي اعتراض، پڙدي جي غيرموجودگيءَ تي افسوس؛ ۽ سموري دنيا تي مسلمانن جي قبضي نہ هڻڻ جو ارمان ڪيو ويو آهي. اهي دقيانوسي سفرناما، سفرناما گهٽ تبليغي جماعت جا بليٽن وڌيڪ محسوس ٿيندا آهن. اهڙا سفرناما پڙهڻ کان پوءِ پڙهندڙ لازمي انگريزي اچار وارو سفر (Suffer) محسوس ڪندو آهي. شاهد موجود آهن تہ اهڙن سفرنامن جا ڪمپازيٽر، ڇاپيندڙ ۽ پروف ريڊر اڄ ڏينهن تائين انگريزي اچار وارو سفر ڪري رهيا آهن ۽ سنڌي اچار واري سفر کان بيزار آهن.

الطاف شيخ تبليغ بدران جديد تقاضائن موجب لکيل سفرناما ڏنا آهن. هن سادن جملن ۽ دلفريب ڪهاڻين رستي پرڏيهي تمدن، تهذيبن، بولين، تاريخ جاگرافي ۽ عام معلومات جي اپٽار ڪئي آهي. الطاف شيخ جا سفرناما پڙهڻ کان پوءِ ائين محسوس ٿيندو آهي، جڻ تہ هيءَ دنيا اوپري نہ آهي. الطاف جي سفرنامن، پڙهندڙ جي دل وني ڇڏي آهي. هو سنڌيءَ جو اڪيلو ليکڪ آهي، جنهن کي ڪيترن ئي پڙهندڙن طرفان خط ملندا آهن، جن ۾ ڪائنس ٻاهرين ملڪن جي باري ۾ وڌيڪ پڇا ڳاڇا، نوڪرين ۽ پڙهڻ جي مسئلن ۽ وسيلن متعلق معلومات ورتي ويندي آهي. ان مان هڪ طرف الطاف شيخ جي شهرت ۽ ٻئي طرف نئين نسل جي سڃاڪيءَ جو اهڃاڻ ملي ٿو. هن اڪيلي سر لاتعداد نوجوانن جي دلين ۾ ٻاهرين دنيا ڏسڻ جو جذبو وڌو آهي. اهو سندس تحرير جو وڏو ڪارنامو آهي. الطاف شيخ کي 1970ع ۾ 'پاڪستان رائيٽرس گلڊ'

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

طرفان سندس سفرنامن جي ڪتاب 'منهنجو ساگر منهنجو ساحل' تي ادبي انعام ملي چڪو آهي.

امر جليل

جون 1979ع

ڪراچي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ليکڪ پاران .....

هي ڪتاب 'بندر بازاريون' پڻ منهنجي شروعاتي سفرنامن مان هڪ آهي. جيڪو نيوفيلڊس وارن ٽيون دفعو ڇپرايو آهي. هن ڪتاب جي پهرين ايڊيشن فيبروري 1975ع ۾ ڇپي يعني هي منهنجا ساموندي سفر سال 1974ع کان ٻه اڳ جا آهن. ان وقت ۽ اڄ جي تاريخ ۾ ڇوٽو صدي، يعني پنجويهه کن سالن جو Gap اچي ويو آهي. ان عرصي ۾ دنيا ۽ خاص ڪري سنگاپور، ٿائلنڊ ۽ ملائشيا (جنهن لاءِ هن ڪتاب ۾ هر وقت سنڊس پراڻو نالو 'ملايا' استعمال ڪيو اٿم) خبر ناهي ڪٿان کان ڪٿي وڃي نڪتي آهي. سنگاپور ۽ ملائشيا جهڙن ملڪن جي ترقي اسان کي هيڪاندي گهٽي ان ڪري ٻه لڳي ٿي جو اسان پاڻ وڌڻ بدران پنتي هليا ويا آهيون.

ڪتاب جا پروف جانچڻ ٻهاني پنهنجي هن پراڻي ڪتاب پڙهڻ جو موقعو مليو اٿم. پڙهندڙن کي هن ڪتاب ۾ ڪي ڪي ڳالهيون عجيب لڳنديون. پنجويهه سالن بعد مون کي پڻ عجيب لڳي رهيون آهن ۔ خاص ڪري شين جا اگهه، تن ڏينهن ۾ ملائشيا ۾ مزور جي ڏهاڙي ٻٽيهه روپيا وڏي ڳالهه سمجهبي هئي ۽ اسان جي ملڪ کان ٻيڻ جيتري هئي. هينئر اسان وٽ ئي ڏيڍ سؤ روپيا ٿي وئي آهي ۽ رازو وادو ته ٿي سؤ کان چار سؤ روپيا وڻي ٿو. مون کي ياد آهي ته 70-1969ع وارن ڏينهن ۾ اسان وٽ سيمنٽ جي ڳوڻ جي قيمت ڇهه روپيا هئي، جنهن جو جهاز

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پري اسان ڏٺي ويا هئاسين. اتي جي خريدار ٻڌايو تہ ڏٺي ۾ سيمنٽ جي هڪ ڳوڻ جي قيمت ٽيهہ روپيا آهي. ان تي اسان کي حيرت ٽيڻ لڳي ٿي. هئي ۽ هاڻ 1997ع جي آخر ۾ اسان وٽ ئي في ڳوڻ ٻہ سؤ روپيا ٿي وئي آهي. اهو ئي حساب پاڻ جو آهي. انهن ڏينهن ۾ ملائيشيا جي رڪشا جو ٻہ روپيا پاڙو هو جيڪو اڄ تمام گهٽ لڳي ٿو ۽ ان کان ٻہ پنڌرهن سال اڳ، 1961ع ڌاري جڏهن اسان ڪاليج جي 'سي ۔ اسڪائوٽ' طرفان ڪلڪتي ويا هئاسين تہ اتي جي ٽئڪسين جو ان وقت جو چار آنا پاڙو جيتوڻيڪ اڄ تمام گهٽ لڳي ٿو پر انهن ڏينهن ۾ اهو تمام گهڻو هو ۽ ڪلڪتي جون ٽئڪسيون مهنگيون سمجهيون ويون ٿي. پر ان وقت سون جي تولي جي قيمت ٻہ سؤ روپئي کان گهٽ هئي.

ملائيشيا جي 'ٻٽروٿ' بندرگاهہ ٻاهران مليل ٻہ ڇوڪرا ذڪريا ۽ هاشم جيڪي ان وقت انين يا نائين ڪلاس جا شاگرد هئا، انهن سان پوءِ ملاقات ٿيندي رهي. تعليم ختم ڪري انهن نوڪري ڪئي. هاشم تہ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ B.A يا M.A لاءِ ٻہ آيو. ٻنهي جون شاديون ٻہ ٽيون ۽ هاڻ تہ ٻار ٻہ وڏا ٿي ويا اٿن ۽ خود اهي ٻہ اسڪول وڃن پيا. سندن مونسان دوستي اڃا هلندي اچي. نَوَ سال ملاڪا (ملائيشيا) ۾ رهائش دوران هو ٻارن سان مون وٽ گهمڻ ايندا هئا ۽ آئون پينانگ يا ٿائلنڊ جو شهر حاديہ ڪار يا ٽرين رستي ويندو هوس تہ هاشم جي گهر ضرور ٽڪندو هوس.

1973ع تائين، جن ڏينهن جي سفرن جو هن سفرنامي ۾ ذڪر آهي، ملائيشيا جي معاشي حالت اڃا ڪا خاص بهتر نہ ٿي هئي. ڪافي حد تائين بيروزگاري هئي ۽ اتي جا ماڻهو نوڪري ۽ پورهئي لاءِ ڏاڍو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پريشان هئا، جنهن جو بار بار ذڪر هن ڪتاب ۾ ڪيو آهي. پر پوءِ لڳاتار محنت، سڄي ۽ ايماندار قيادت (Leadership) ۽ خدمت خلق جو جذبو رکندڙ سرڪاري ڪامورن ۽ سياستدانن ملائيشيا کي بڻ ڏاهڪن سالن ۾ جنهن اتاهين هنڌ تي پهچائي ڇڏيو آهي ان تي اسان جي ٽين دنيا جا ملڪ تہ رشڪ ڪن ٿا پر ڪيترا يورپ جا ملڪ پڻ سڏون ڪن ٿا. سخت قاعدو قانون (۽ ان تي عمل پڻ)، تعليم جو اعليٰ معيار، غريب توڙي امير لاءِ عدل ۽ انصاف، صحت، صفائي، ڏيوٽي ۽ پورهئي ۾ ايمانداري، مختلف مذهبن ۽ زبانن جي ماڻهن جو هڪ ئي شهر، هڪ ئي محلي ۾ ڪير ڪنڌ ٽي رهڻ جو ٻيو نالو ملائيشيا ٽي ٻيو آهي.

منهنجو جهاز رستي 1982ع تائين ملائيشيا ۾ اچڻ وڃڻ لڳو رهيو ان بعد 1990ع تائين ملائيشيا جي هڪ شهر ملاڪا ۾ رهي پيس. ملاڪا ۾ لڳاتار رهڻ دوران مون کي سڄي ملائيشيا ۽ پروارن ملڪن، سنگاپور ۽ ٿائلنڊ کي اڃا بہ ويجهڙائيءَ سان ڏسڻ جو موقعو مليو. ملائيشيا کي روز بروز نہ فقط ترقي ڪندو ڏسڻ جو وڇهُ مليو پر انهن اصولن کي سمجهڻ جي جاڻ پڻ ٽي جن اصولن تي هلڻ ڪري ملائيشيا ان اعليٰ درجي تي پهتو آهي. اڇڪلهہ جي ملائيشيا جو ذڪر ’مڪلي کان ملاڪا‘، ’ڪوالالمپور ڪجهہ ڪوهہ‘ ۽ ويندي ’اي جرني ٽُ ٿائلنڊ‘ ڪتاب ۾ تفصيل ڏنو اٿم.

هي زمانو (جنهن ۾ ڪيل سفر جو ذڪر مون هن ڪتاب ۾ ڪيو آهي) اهو زمانو هو جنهن ۾ اڃا VCR تہ عام نہ ٿيو هو پر ٽيپ رڪارڊر بہ چرخي (Pool) وارو اڪائيءَ ۽ گرنڊنگ جو نظر ايندو هو. ڪيسٽ رڪارڊر جيتوڻيڪ نڪري چڪو هو پر مارڪيٽ ۾ عام نہ ٿيو هو. مون بہ ان ٽرپ بعد ممباسا (ڪينيا) جي هڪ ڏيوٽي فري دڪان تان پهريون

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪئسٽ رڪارڊر ورتو هو، پر گانن جا ڪئسٽ اڃا به اڇ وانگر عام نہ ٿيا هئا. ڪن خاص دڪانن تان ملندا هئا. ان ڪري فوني جا مالڪ خوش هئا تہ هنن جي گراموفون (Record Player) لاءِ جتان ڪٽان رڪارڊ مليو وڃن. پورٽ ڪلانگ جي نائيٽ بازار، جنهن جو ذڪر ڪيو اٿم، ان ۾ به رڪارڊ عام وڪامي رهيا هئا جيڪي اسان ورتا. ميوزڪ جي دنيا ۾ ايتري ترقي ضرور ٿي هئي تہ 78 آر پي ايم جي ٽڪر وارن رڪارڊن بدران پلاسٽڪ جا 45-RPMجا رڪارڊ نڪتا هئا جيڪي قيمت ۾ سستا، سائيز ۾ ننڍا ۽ وزن ۾ هلڪا هئا ۽ جلدي نہ ٽي ڀڳا.

پورٽ ڪلانگ ۽ ملائيشيا جي ٻين شهرن ۾ اڃ به اهي سستي اگهہ واريون نائيٽ بازارون عام آهن جن کي ملئي زبان ۾ پاسار مالم (Pasar Malam) سڏجي ٿو. اهي مارڪيٽون ائين آهن جيئن پاڻ وٽ جمع مارڪيٽون، اتوار مارڪيٽون يا منگل مارڪيٽون شورع ٿيون آهن. پر جيئن تہ انهن ڏينهن ۾ اسان وٽ اهي مارڪيٽون شروع نہ ٿيون هيون سو هي ملائيشيا جون نائيٽ بازاريون اسان لاءِ نئين ۽ دلچسپ ڳالهہ هئي. اڃ به ملائيشيا ـ توڙي هانگ ڪانگ سنگاپور ۾ آئون انهن مارڪيٽن مان خريداري ڪرڻ کي ترجيح ڏيان ٿو. انگلنڊ ۽ سئيڊن ۾ اهڙين مارڪيٽن جو نعم البدل پيني مارڪيٽون ۽ لوپس مارڪيٽون آهن.

ملائيشيا، سنگاپور، ٿائلنڊ ۾ ٻيون ڪيتريون ئي تبديليون آيون آهن. خاص ڪري معاشي ۽ اخلاقي طرح انهن ملڪن وڏي ترقي ڪئي آهي. عمارتون، تعليمي نظام، بزنيس، ڪارخانن ۾ هو اسان کان گهڻو اڳ نڪري ويا آهن. سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ ۾ انهن ڏينهن ۾ ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ عمارت (Peoples Park جهڙي) ٺاڙ نهي هئي نہ تہ Change

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

Alley جھڙيون سوڙھيون گھٽيون هيون هاڻ تہ سڄو ملڪ بلڪ ٻيٽ سھٽين اتاهين عمارتن، پارڪن ۽ رستن سان ڀريو پيو آهي. سنگاپور ۾ تہ خاص ڪري واپار جي ڪنڊي ۽ چوري چڪاري ايتري هئي جو پبلڪ بسين، سئنيما گھرن ۽ بندرگاھ ۽ هوائي اڈي تہ بہ جيب ڪترن کان خبردار ڪيو ويندو هو ۽ جتي ڪٿي هتي جي چئن زبانن، ملئي، تامل چيني ۽ انگريزيءَ ۾ ان بابت لکيل هوندو هو تہ 'جيب ڪترن ۽ چورن کان خبردار رهو.' هي اهو زمانو هو جڏهن اسان هنن کان وڌيڪ مهذب هئاسين. ماڻهو نوابشاهہ کان خيرپور يا حيدرآباد رات جو ٻارهين کان پوءِ بہ سلامتي سان سفر ڪندا هئا، ڪراچي ۽ حيدرآباد جھڙن شهرن ۾ زالون اڪيلي سر فلم جو ٻيو شو ڏسي گھر ايندڙون هيون، گھرن جي ٻاهرن دروازن کي تالا نہ لڳايا ويندا هئا. پر اڄ اسان وٽ الٽو حساب آهي. ۽ هوڏانهن اڄ جي سنگاپور جو ننڍو ٻار بہ بي ڊپو ٿي هلي ٿو. توهان جي ڪٿي وسري ويل هَڙ يا بئگ ٽن ڏينهن بعد بہ اتي ئي موجود نظر اچي ٿي. دنيا جا شاگرد سنگاپور، ملائيشيا، هانگ ڪانگ، ٿائلنڊ، مڪائو ۾ اعليٰ تعليم لاءِ وڃن ٿا. مائٽن کي خبر آهي تہ انگلنڊ ۽ آمريڪا ۾ تہ سندس ٻار ڪرجي سگھي ٿو پر سنگاپور جھڙي ملڪ ۾ هن لاءِ ايترو آسان نہ آهي جو اسڪول ڪاليج کان پڄي، هو سگريٽ يا شراب پيئڻ جھڙا شوق ڪري سگھي.

سو يارو انهن ملڪن پنهنجي قسمت بدلائي ڇڏي آهي. هر هڪ تعليم يافتہ ٿي ويو آهي. هر هڪ کو هنر ڄاڻي ٿو جنهن ذريعي هو روزگار ڪمائي سگھي. چانگي جھڙا ڳوٺ بہ مادرن ٿي ويا آهن ۽ ڪابہ عورت خيرات نہ ٿي ونڊي، جسم جو سودو نہ ٿي ڪري. چوڌاري ڪارخانا ۽ فئڪٽريون آهن. آفيسون ۽ بئنڪون آهن، جهاز ۽ جهازن جون

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪمپنيون آهن ۽ هرڪو ڪنهن نہ ڪنهن حق حلال جي روزگار کي لڳل آهي. مسلمان، هندو، عيسائي ٻڌن جي باوجود هرڪو خوش آهي. هرڪو پنهنجي عبادتگاهہ ۾ وڃي ٿو ۽ پنهنجو مذهبي ڏينهن ڏام ڏوم سان ملهائي ٿو. هڪ ٻئي جون خونريزيون ڪرڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي بالڪنيءَ مان بيهي پري کان ڪنهن کي ڪو بجو بہ نٿو ڏيکاري.

الطاف شيخ

ڪراچي 1997ع

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هن اليڪٽرانڪ ايڊيشن لاءِ ڪُجهه لفظ

هن سفرنامي 'بندر بازاريون' جا ٽي چار چاپا 'نيو فيلڊس پبليڪيشن' وارا ڇپائي ڇُڪا آهن. هي پهريون دفعو آهي جو هي ڪتاب سڪر جو نوجوان ليڪچرار ۽ سنڌي ادبي سنگت جو ڪارڪن ۽ ويب ڊزائيننگ ايڪسپرٽ عبداللطيف انصاري صاحب اليڪٽرانڪ ميڊيا تي آڻي رهيو آهي. پروف چيڪ ڪندي گذريل زماني جا ڏينهن ۽ ڳالهيون مون کي عجيب لڳيون. پڙهندڙن کي اهو ڏيان ۾ رکڻ کپي ته هن سفرنامي (بندر بازاريون) ۾ منهنجي انن سفرن جو احوال آهي جيڪي مون ستر جي شروع وارن سالن ۾ ڪيا ـ يعني 1971 کان 1973 تائين ۽ ڪُجهه مهينا 1974 جا پڻ.

بهرحال اڄُ کان 40 سال اڳ ڪن جو زمانو اهو هو جڏهن اسان جو ملڪ سنگاپور، سريلنڪا، ملائيشيا ۽ ٿائلنڊ جهڙن ملڪن کان هر فيلڊ ۾ سڌريل ۽ تعليم يافته هو. هنن ملڪن جا نوجوان اسان جي ملڪ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا هُئا. مٿين ملڪن ۾ اجان ايئر لائن شروع نه ٿي هُئي ۽ اسان جي PIA کي هلندي ڏهه سال ٿي ويا هئا. سنگاپور، سريلنڪا ۽ ملائيشيا جهڙن ملڪن جي هوائي ڪمپني توڙي جهازران ڪمپنيون اسان جي پاڪستانين وڃي شُروع ڪيون.

دنيا جي مقابلي ۾ اسان وٽ مهانگائي به نه هُئي. 1968 ۽ 1969 ۾ آمريڪي ڊالر جي قيمت چار روپيا هئي ۽ 1973 ڌاري ڏهه روپيا وڃي ٿي. آمريڪا ۾ حجام هيئر ڪٽ جا 4 ڊالر يعني 40 روپيا ونندو هو ته

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اسان کان رڙ نڪري ويندي هُئي جو اسان وٽ صدر جي ايئرڪنڊيشن دڪان "مادرن هيئر ڊريسر" وٽ به ٻه روپيا هُئي. جڏهن ۾ هڪ ڊالر يعني ڏهن روپين ۾ 400 ييِن ملندا هُئا. ۽ اسان جيتوڻيڪ جونيئر انجنيئر هئاسين. پگهار فقط 400 روپيا هُئا. جنهن جو فقط اڌ ٻاهر ملندو هو تہ به ٽئڪسين ۾ چڙهندا هئاسين. اڄُ اسان جي ملڪ جي سڪي جو قدر ڪرڻ ڪري جهاز جو هڪ چيف انجنيئر به جڏهن جهڙي ملڪ ۾ بس ۾ چڙهندي به ٻه دفعا سوچي ٿو. آمريڪا ۾ سستي ۾ سستو حجام به 12 ڊالر ونيِ ٿو يعني هڪ هزار روپيا. سنگاپور جو ڊالر جيڪو ادائي روپيا هو ۽ پوءِ 1973 ۾ چار روپيا ٿيو اهو اڄُ پنجاهه تي وڃي پهتو آهي. جڏهن جو سڪو YEN ايڏو مٿاهون ٿي ويو آهي جو اڄُ ڏهين روپئي ۾ 400 بدران فقط 4 ييِن ملن ٿا! سو ڪيتريون ڳالهيون اڄُ جي پڙهندڙن کي هڪ خواب محسوس ٿيندو.

الطاف شيخ

ڪراچي، 14 مارچ 2009

Altafshakh2005@gmail.com

Altafshaikh2004@yahoo.co.uk

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جهاز بابت ڏهين ڄاڻ

هن ڪتاب ۾ ڪجھ اهڙا نالا ۽ Terms استعمال ٿيا آهن جن جو واسطو جهازي دنيا سان آهي. عام ماڻهوءَ لاءِ انهن جي سمجهاڻِي هتي ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو.

ڊيڪ (Deck) : جهاز جو مٿيون حصو. جهاز جي ڏاڪڻ چڙهي هن حصي تي پهچجي ٿو. هي جهاز جي اڳئين ڪنڌ کان آخري ڪنڌ تائين هڪڙو ئي حصو (پَٽُ) آهي. جهاز کي واٽر ٽائيٽ رکڻ لاءِ لوهي پليٽن جي هيٺين حصي کي باٽم، ساڄي ۽ کابي پاسي جي پليٽن کي Shell پليٽنگ ۽ مٿئين حصي کي ڊيڪ سڏجي ٿو. ڊيڪ جي هيٺان سامان رکڻ جا گودام، انجڻ روم، خلاصين جا ڪمرا ٿين. ڊيڪ جي مٿان ۽ چار ماڙ جون چتيون ٿين ٿيون جن تي آفيسرن جا ڪمرا ۽ برج (جهاز جو ڪنٽرول روم) ٿئي. ڊيڪ جي مٿان وارا ڪمرا وڌيڪ هوادار ۽ سهڻا ٿين، جن جون دريون کولي باهر جو نظارو ڪري سگهجي ٿو. مسافرن جا فرسٽ ڪلاس ۽ ڊيلڪس ڪلاس ڪمرا ۽ مٿي ٿين. ڪجھ ملڪن جي 'مسافر جهازن' تي گهٽ پاڙي وارا مسافر ڪٽڻ لاءِ ڊيڪ جي هيٺ سامان جي گدامر هٺ بسترا لڳايا ويندا آهن. ان ۾ رهندڙ مسافرن کي ڊيڪ ڪلاس پئسينجر سڏجي ٿو. اسان جي حاجين جي پراڻن جهازن: سفينہ حجاج، سفينہ عرب، شمس وغيره تي پڻ ڊيڪ ڪلاس هو جنهن کي اسان جي سنڌ جا حاجي 'ديڪ' سڏيندا هئا. اونهاري جي ڏينهن ۾ بحر احمر (ڳاڙهي سمنڊ) جي سخت گرمي مان لنگهڻ وقت ڊيڪ ڪلاس

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جا مسافر پاڻ کي ديڳ ۾ ئي محسوس ڪندا هئا.

ردر (Rudder) : جهاز جي پويان لڳل سکان کي ردر سڏجي ٿو. جهاز کي ساڄي يا کاٻي موڙڻ لاءِ سکان کي موڙڻو پوي ٿو. ننڍين ٻيڙين جو سکان اسٽيرنگ ويل سان رسين ذريعي ٻڌل هوندو آهي. وڏن جهازن جو سکان (ردر) تمام Complicated ٿئي ۽ هئدرالڪ، اليڪٽريڪ يا نيوميٽڪ ذريعي Steering Wheel سان لاڳو ٿئي. ڪن جهازن تي اهي سڀ سسٽم گڏ ٿين ۽ اليڪٽرانڪ ۽ ڪمپيوٽر سسٽم ۾ گڏ ٿئي، جنهن ذريعي جهاز کي آڻو تي رکي سگهجي ٿو. يعني بندرگاهه کان نڪرڻ بعد جيڏانهن جهاز کي وڃي هلڻو آهي اها Data ان ۾ وجهي ڇڏجي ۽ ماڻهوءَ جي مدد بنا اسٽيرنگ ويل سکان کي ڪنٽرول ڪري ٿو، جيئن هوائي جهاز جو پائلٽ جهاز کي Auto تي رکي پوءِ هلندو رهندو آهي.

ريدار (Radar) : ٿي وي نما، گول اسڪرين وارو اوزار ٿئي جنهن تي ليڪن ۽ ڏٻن جي صورت ۾ سامهون ايندڙ جهاز، ٻيٽ، زمين ۽ سمنڊ هيٺ ٽڪريون ۽ تباهه ٿيل جهاز نظر اچن ٿا. اتراهن ملڪن ۾ هر وقت مينهن، برفباري ۽ اوندهه ڪري سامهون فرلانگ تائين ۽ نظر نه پوندي آهي. پر ريدار جي شيشي تي چاليهه ميلن تائين بينل ۽ چرندڙ شيون ڏسي سگهجن ٿيون. سامهون ايندڙ جهازن جي رفتار ۽ رخ جي ۽ خبر پئجي سگهي ٿي جنهن مان حساب ڪري اهو معلوم ڪري ونبو آهي ته آيا سامهون ايندڙ جهاز پاسي کان لنگهي ويندا يا اسان کي پاسو ڪرڻو پوندو. ۽ اگر ڪرڻو پوندو ته ڪڏهن ۽ ڪهڙي هنڌ ته جيئن حادثو نه ٿئي.

پورٽ هول : جهاز جي ڪمري (ڪئبن) جي دريءَ کي Port Hole سڏجي ٿو. هي دريون هميشه واٽر ٽائيٽ ۽ ايئر ٽائيٽ هئڻ ڪپن جيئن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

خراب موسم ۾ يا اتر قطب جي ويجهو وارن ملڪن ۾ سمنڊ جو پاڻي يا ٿڈي هوا اندر نہ اچي.

گئنگ وي: جهاز جي اها ڏاڪڻ جنهن ذريعي ڪناري تان چڙهي جهاز تي پهچجي ٿو Gang-Way سڏجي ٿي. لنگر ڪٽڻ مهل هيءَ ڏاڪڻ ڪرين ذريعي مٿي جهاز تي ڪنئي ويندي آهي ۽ پاسيري ڪري رکبي آهي. هن ڏاڪڻ هينان ڦيٽا ٽين جنهن ذريعي سمنڊ جي چاڙهه ۽ لاهه وقت پاڻهي صحيح ٿي بيهي.

ائلي وي : جهاز جي گهٽين کي ائلي وي سڏجي ٿو.

بٽلر : بورچين جي مٿان وڏي بورچيءَ کي بٽلر سڏجي ٿو. روز جو کاڌو تيار ڪرائڻ ۽ ڊائننگ ٽيبل تائين پهچائڻ بٽلر جو ڪم آهي.

پرسر: سئلون ڊپارٽمينٽ جي انچارج کي پرسر سڏجي ٿو. جهاز جا بورچي، بئرا، صفائي وارا Purser (پرسر) جي هٿ هيٺ ڪم ڪن. ڪجهه جهاز جا پرسر ريڊيو آفيسر کي پگهارون ڏيڻ ۽ بي ڏيتي ليتيءَ جي ڪمن ۾ پڻ مدد ڪن جن لاءِ هنن کي جهاز جي مالڪن طرفان ڪجهه وڌيڪ پگهار ملي.

سڪاني : انگريزيءَ ۾ ان کي Quarter-Master سڏجي ٿو.سُڪاني اهو خلاصي آهي جيڪو ڪئپٽن يا ٻئي ڊيوٽيءَ تي موجود نيويگيٽر سان گڏ چار ڪلاڪ ڏينهن جو ۽ چار ڪلاڪ رات جو ڊيوٽي ڪري. ڪلئي سمنڊ ۾ هن جو ڪم سامهون ايندڙ جهازن تي نظر رکڻ ۽ ان بابت ڊيوٽي آفيسر کي ٻڌائڻو آهي، جيئن هو اڳواٽ پنهنجي جهاز لاءِ ڪو سلامتيءَ وارو رستو اختيار ڪري سگهي. بندرگاهه ۾ گهڙڻ يا نڪرڻ وقت سڪانيءَ جي ڊيوٽي Steering-Wheel وٽ هوندي آهي ۽ ڊيوٽي آفيسر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

(ڪئپٽن، چيف آفيسر) يا پائلٽ جي حڪم موجب جهاز کي اوتريون ڏگريون ساڄي يا کاٻي موڙڻو هوندو آهي.

پائلٽ: هوائي جهاز هلائيندڙ ڪئپٽن کي ته پائلٽ چئبو آهي پر پاڻيءَ جي جهاز هلائيندڙ ان ڪئپٽن کي به پائلٽ چئبو آهي جيڪو بندرگاهه جو واقف (سونهون) هجي. ڪنهن به ملڪ جي بندرگاهه ۾ گهڙڻ کان اڳ جهاز کي ان بندرگاهه کان ڏهه پندرهن ميل ٻاهرڪلئي سمنڊ ۾ بيهاريو ويندو آهي. بندرگاهه ۾ اندر وڃڻ هلڻ لاءِ بندرگاهه طرفان مقرر ڪئپٽن لانچ ۾ چڙهي ايندو آهي ۽ پوءِ جهاز کي اندر وڃي هلندو آهي. ان ڪئپٽن کي بندرگاهه جو پائلٽ ٿو سڏجي. هن کي بندرگاهه جي چپي چپي جي خبر هوندي آهي. ڪراچيءَ جي بندرگاهه کي به اهڙا اٺ ڏهه پائلٽ آهن جيڪي پنهنجي ۽ ڏارين ملڪن جي جهازن کي اندر وڃي ايندا آهن يا رواني ٽيڻ وقت بندرگاهه کان ٻاهر ڪلئي سمنڊ تائين اماڻي ايندا آهن. بندرگاهه ۾ جهاز هلائڻ تمام ڏکيو ڪم آهي جيڪو هر بندرگاهه جا مڪاني پائلٽ سرانجام ڏين. ان ڪم جي في بندرگاهه وارا جهازران ڪمپنيءَ کان ونڻ جنهن کي Pilotage-Fee سڏجي ٿو.

ڪي ڪي بندرگاهه ـ خاص ڪري يورپ جا يا جپان ڪوريا جا ايترو ويجهو ٽين جو اهو ئي هڪڙو پائلٽ هڪ بندرگاهه مان جهاز کي ڪڍي ٻئي بندرگاهه اندر پهچائي ايندو آهي. اتر يورپ جي ملڪن وارو سمنڊ 'North-Sea' خاص ڪري سياري ۾ اهڙو ته خراب ۽ اونداهو هوندو آهي جو جهازران ڪمپنين جا مالڪ جيترا ڏينهن جهاز اتر انگلنڊ، پولنڊ، ڊنمارڪ، جرمني جهڙن ملڪن ۾ هوندو آهي ته يڪو هڪ پائلٽ رکندا آهن جيڪو 'نارٿ سي' پائلٽ سڏجي ٿو. جهاز جي ڪئپٽن کي جهاز جي مالڪن طرفان Instructions هوندا آهن ته سياري ۾ نارٿ سي ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جيڪڏهن جهاز هلائي سگهو ٿا تہ توهان جي مرضي پر جي ٿورو بہ شڪ يا ڊپُ ڊاءُ محسوس ڪريو تہ مهرباني ڪري 'نارٽ سي پائلٽ' Hire ڪريو. نارٽ سي پائلٽ جي في جيتوٽيڪ لکن ۾ ٽئي ٽي پر جهاز جي سلامتي ڪارڻ مالڪ اهو ڦاهو ڦڪيندا آهن. يورپ ڏي هلندڙ جهازن ۾ ان قسم جي پائلٽن جي رهائش لاءِ هڪ وڏيڪ ڪئبن پڻ هوندي آهي جنهن کي 'پائلٽ ـ ڪئبن' سڏجي ٿو.

خلاصي : جهاز هلائيندڙ مٽيون عملو آفيسر سڏجي ٿو ۽ هيٺيون اسٽاف خلاصي (Crew) سڏجي ٿو. خلاصين ۾ کي انجڻ روم جا خلاصي سڏبا آهن تہ بيا ڊيڪ ۽ گئلي (بورچيخاني) جا. ڊيڪ وارن خلاصين جو ڪم جهاز جي لوهي پليٽن کي سمنڊ جي پاڻيءَ ڪري زنگ لڳڻ کان بچائڻ لاءِ صاف رکڻ، رنگ لڳائڻ ۽ رسا ڇڪڻ ۽ سکانيءَ جي ڊيوٽي ڪرڻ آهي. انجڻ روم جا خلاصي تيل وارا ۽ آڳ وارا سڏبا آهن. گئلي وي جي ڊيوٽي ۾ استيورڊ (بئرا)، بورچي، پنڊاري (ياجي ڇلڻ وارا) ۽ ٽوپس (ينگي) اچي وڃن ٿا.

ٽرڊ انجنيئر، فورٿ انجنيئر، سيڪنڊ آفيسر، چيف آفيسر وغيره وغيره : جهاز هلائيندڙ عملي جا بہ اهم حصا آهن. هڪ نيويگيٽر (جن کي ڊيڪ آفيسر بہ سڏجي ٿو) ۽ ٻيو انجنيئر. ڊيڪ آفيسر (Navigators) جو ڪم سمنڊ تي رستو ڳولهڻ ۽ جهاز کي ان رخ ۾ وڃي هلڻ آهي. مندن موسمن، سمنڊ ۽ هوائن جي ڄاڻ رکڻ ۽ ان جي نقصان کان جهاز کي بچائڻ، بندرگاهہ ۾ ڪارگو (سامان) رکڻ ۽ لاهڻ آهي. انجنيئرن جو ڪم جهاز جي انجڻين کي هلائڻ ۽ انهن جي نگهباني ڪرڻ آهي. جهاز هڪ شهر مثل آهي، جنهن ۾ نہ فقط جهاز هلائڻ جي انجڻ آهي، پر اليڪٽرسٽي پيدا ڪرڻ، پاڻيءَ ۽ تيل جا ڪيترائي پمپ هلائڻ، بئالر، جنريٽر ۽ ٻيون مشينون پڻ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آهن. ڊيڪ آفيسرن جو سپ ۾ وڏو باس ڪئپٽن آهي. ڊيڪ ڪئڊٽ سپ ۾ جونئر ڊيڪ آفيسر آهي. اهڙي طرح انجنيئرن ۾ سپ کان ننڍو انجنيئرنگ ڪئڊٽ يا جونئر انجنيئر سڏجي ٿو. ان بعد ففٿ انجنيئر، فورٿ انجنيئر، سيڪنڊ انجنيئر ۽ آخر ۾ سپ کان مٿانهون چيف انجنيئر آهي.

دنيا جي هر ملڪ جي هر جهاز تي انجنيئرن ۽ ڊيڪ آفيسرن جون ڊيوٽيون مقرر آهن. مثال طور ٿرڊ انجنيئر جي ڊيوٽي رات جو ۽ ڏينهن جو ٻارهين کان چئين تائين جهاز هلائڻو آهي ۽ بندرگاهه ۾ سندس ڪم جنريٽرن جي سار سنڀال آهي. ٿرڊ انجنيئر سان گڏ واري ڊيوٽي ڊيڪ آفيسرن مان سيڪنڊ آفيسر ڪندو آهي. هڪ ئي وقت جاڳي ڊيوٽي ڪرڻ ڪري هر جهاز جي ٿرڊ انجنيئر ۽ سيڪنڊ آفيسر جي سڻي دوستي رهي ٿي. اهڙي طرح ٻين انجنيئرن ۽ ڊيڪ آفيسرن جي ڊيوٽي مقرر آهي.

ريڊيو آفيسر: انجنيئرن ۽ ڊيڪ آفيسرن کان علاوه هر جهاز تي هڪ ريڊيو آفيسر پڻ هوندو آهي. ريڊيو آفيسر جو ڪم ريڊيو ذريعي جهاز ۽ بندرگاهه وارن ڏي نياپا موڪلڻ ۽ وٺڻ آهي. جهاز تي ڪم ڪندڙ آفيسرن ۽ خلاصين جي پگهارن جو حساب ڪتاب ۽ مختلف ملڪن ۾ وڃڻ لاءِ Visa ۽ ٻيون ڪاغذي ڪاروايون پوريون ڪرڻ پڻ ريڊيو آفيسر جو ڪم آهي.

اليڪٽريڪل انجنيئر ۽ فرج انجنيئر: مٿين انجنيئرن (جيڪي مئرين انجنيئر آهن) کان علاوه جهاز تي ٻه ڪن اليڪٽريڪل انجنيئر ۽ هڪ فرج انجنيئرپڻ ٿئي. جن جو خاص ڪري اليڪٽرسٽي ۽ ريفريجريشن جو ڪم هوندو آهي. اهي انجنيئر سيڪنڊ انجنيئر ۽ چيف انجنيئرن جي هٿ ۾ ڪم ڪن ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

نيويگيشن: سمنڊ تي رستو ڳولڻ جي هنر کي Navigation سڏجي ٿو. سمنڊ تي خشڪيءَ جي رستن وانگر رستا نہ آهن. سمنڊ تي رستو ڳولڻ ۽ لڳندڙ هوائن ۽ لهرن کان فائدو وني يا بچاءُ ڪري جهاز هلائڻ نيويگيٽرن (ڊيڪ آفيسرن) جو ڪم آهي. نہ فقط جهاز هلائڻ پر ڏينهن ۾ ٽي چار دفعا سج، چند ۽ تارن جي مدد سان جانچڻو پوندو آهي تہ جهاز واقعي صحيح رستي ۽ رخ ۾ هلي پيو يا نہ. البت هاڻ ڪجهہ اهڙا اوزار نڪتا آهن جن ذريعي وقت بوقت اها خبر پوندي رهي ٿي تہ جهاز ڏرتيءَ جي گولي تي ڪهڙي هنڌ آهي. ان اوزار کي Satellite Navigator سڏجي ٿو. هونءَ Seaman ۽ Sailor نيوي جنگي جهاز تي هينئين عملي جون Ranks پڻ آهن.

سيڪيورٽي انجنيئر: بندرگاهہ ۾ موڪل ڪرڻ وقت هڪ سينيئر انجنيئر ضرور جهاز تي ڇڏبو آهي، جيئن هو باهہ لڳڻ جهڙي ايمرجنسي کي منهن ڏئي سگهي. ان انجنيئر يا ڊيڪ آفيسر کي سيڪيورٽي انجنيئر يا سيڪيورٽي آفيسر سڏجي ٿو. سيڪيورٽي انجنيئر سان گڏ هڪ يا ٻہ جونئر انجنيئر يا فٽ انجنيئر بہ هوندو آهي، جنهن کي انجڻ روم ۾ رهڻو پوندو آهي.

انجڻ روم : جهاز جي انجڻ روم سمجهو تہ پنج ڇهہ مار پلاز يا بلڊنگ آهي، جنهن جي هر فلور تي ڪيترين ئي مشينون آهن، جهاز جو پنکو Propeller هلائڻ واري مشين Main Engine سڏجي ٿي. جيڪا ٽي چار ماڙ ٽئي، جنهن جو هڪ هڪ سلينڈر ايترو تہ وڏو ٽئي جنهن ۾ ٽي ماڻهو آرام سان بيهي سگهن ۽ اٽ نَوَ فوٽ ڊگهو ٽئي. Main انجڻ کان علاوہ ٻيون اهم مشينون هي آهن. جنريٽر، پمپ، پيوريفائر، بئالر، ايئرڪمپريسر، ايووپريٽر، ڪولر، هيٽر Sewage پلانٽ وغيره

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پروپيلر: جهاز جي پنئين پاسي ٻاهر لڳل پنکي کي Propeller سڏجي ٿو. جهاز کي قيٽا نہ ٿين. پنکي هلڻ سان جهاز اڳيان پويان وڌي ٿو. جهاز جي پنکي هلائڻ واري انجڻ کي مين انجڻ سڏجي ٿو.

سيلنگ بوٽ: جيڪا ٻيڙي سڙهه (Sail) تي هلي ان کي Sailing Boat سڏجي ٿو. انجڻ جي ايجاد ٿيڻ کان اڳ پاڻيءَ جا جهاز سڙهن تي هلندا هئا ۽ Sailing Ships سڏبا هئا، جيڪي ٻيڙيون ڪاٺ جي چپن سان هلن ٿيون اهي Rowing Boats سڏجن ٿيون.

ڊراءِ ڊاڪنگ: لڳاتار سمنڊ ۾ بيهڻ ڪري جهاز جي تري تي سپون ۽ ٻيون ساموندي شيون (Sea Growth) چهٽيو وڃن جيڪي جهاز جي لس هلڻ ۾ رخنو وجهن ٿيون ۽ رفتار ڏينهون ڏينهن گهٽجڻ لڳي ٿي. جهاز جي تري جي صفائي ۽ چڪاس لاءِ جهاز کي خشڪ گودي۾ اڇي ٻيهاربو آهي جنهن کي ڊراءِ ڊاڪ (Dry-Dock) سڏجي ٿو. ڊراءِ ڊاڪ ۾ ڪيل صفائي، رنگ روغن ۽ مرمت کي Dry-Docking سڏجي ٿو. هر ڪارگو جهاز لاءِ ضروري آهي ته ٻن سالن ۾ هڪ دفعو ڊراءِ ڊاڪنگ ڪرائي ۽ مسافر جهاز لاءِ سال ۾ هڪ دفعو ضروري آهي.

جيٽي: بندرگاهه جو ڏڪو جنهن سان جهاز لڳي ٻيهي ٿو، جيٽي سڏجي ٿي. ڪن جهازن کي بندرگاهن ۾ جيٽي نہ ملندي آهي ته پوءِ جيٽيءَ سان لڳل جهاز جي پرسان ٽي ٻيهندا آهن. اهڙي صورت ۾ چئبو آهي ته اسان جو جهاز فلاڻي جيٽيءَ تي ٻينل فلاڻي جهاز جي Alongside آهي. هانگ ڪانگ، سنگاپور جهڙن مشغول بندرگاهن ۾ جهازن کي عام طرح 'الانگ سائيڊ' ٻہ ٻيهاريو وڃي ٿو. اهڙي صورت ۾ جهاز جو ڪارگو ڪناري بدران سمنڊ واري پاسي ٻينل بارجز ۾ لاهڻو پوندو آهي. بارج (Barges) تانگهي ۽ ٻنا انجڻ واري ٻيڙي ٿئي جنهن کي 'ٽگ بوٽ'

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

يا عام لانچ چڪي.

ڊيرڪون : جهاز تي سامان لاهڻ يا چاڙهڻ لاءِ بندرگاهه تي ڪرينون (Cranes) ٿين. ڪن بندرگاهن ۾ اهي نه ٿين ۽ جهاز تي لڳل ڪرينن ذريعي سامان لاتو ويندو آهي. جهاز جي Cranes کي ڊيرڪ Derrick سڏجي ٿو.

ڪئبن : جهاز تي رهائشي ڪمرا ڪئبنون (Cabins) سڏجن ٿيون.

ڊيوٽي ميس : جهاز کي هڪ وڏي ميس ٿئي جنهن کي Dinning Saloon سڏجي ٿو جنهن ۾ سڀ آفيسر، گهٽو ڪري يونيفارم ۾ ماني کائين. سئلون کان علاوه هڪ ننڍڙي ڊيوٽي ميس ٿئي جنهن ۾ ڊيوٽي وارا انجنيئر ۽ ڊيڪ آفيسر ماني کائين. ڊيوٽي ميس خبرن ۽ ڪچهري کان مشهور ٿئي جتي هرڪو فري استائيل ۾ ٻڌاڪ سڌاڪ هڻندو آهي. بئرن ۽ وڏن آفيسرن جي اڇ وڇ نه هجڻ ڪري ناقابل اشاعت لطيفا، شعر و شاعري ۽ پنهنجا پراوا Scandal آزادانه نموني بيان ڪيا ويندا آهن.

برج روم : جهاز جي ڪنٽرول روم کي برج سڏجي ٿو. برج جو هڪ حصو چارٽ روم هوندو آهي. جنهن ۾ هلڪي روشنيءَ جو بندوبست ٿيل هوندو آهي، جيئن مختلف سمندن جا چارٽ ڏسي ۽ ماپي سگهجن. باقي حصي ۾ اونداهه ڪئي ويندي آهي جيئن رات جو سامهون ايندر جهاز ڏسي سگهجن. برج جي ڪابي ۽ ساڄي پاسي واري حصي کي Wing سڏجي ٿو.

بل ورڪ : جهاز جي ڇوڙاري ڏنل بنوڙي کي Bulwark سڏجي ٿو.

بنڪر : جهاز جون مشينون هلائڻ لاءِ جيڪو تيل وڃجي ٿو ان کي Bunker سڏجي ٿو. بنڪر وڃڻ وارو سڄو ڏينهن يا رات انجنيئرن لاءِ ڏوڙ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڏوڙان جو هوندو آهي. جهاز لاءِ هڪ قسم جو تيل نه پر ڪيترن ئي قسمن جو تيل ٽنن جي حساب سان ونجي ٿو. جنهن کي مختلف ۽ مقرر ٽيل ٽانڪين ۾ جمع ڪيو وجي ٿو. هڪ ويهه هزار کن ٽن جهاز لاءِ اٽڪل هي تيل ونبا آهن. جيڪي مهينو کن هلن.

هيوي فيول H.F.O. بارهن سؤ کن ٽن
مئرين ڊيزل آئل. چار سؤ ٽن
ڪرئنڪيس آئل. چار هزار گئلن
سلينڈر آئل. به هزار گئلن
ترباٿين آئل. هڪ هزار گئلن وغيره وغيره.

اٿنڪر : جهاز جي اڳئين منهن وٽ لنگر (Anchor) ٽئي ٿو جيڪو سمنڊ ۾ جهاز کي بيهارڻ مهل هيٺ زمين تي ڪيرايو ويندو آهي. اٿنڪر زمين جي تري ۾ وجي ڦاسندو آهي ۽ جهاز کي اڳيان وڌڻ نه ڏيندو آهي. وري جڏهن جهاز کي هلڻو هوندو آهي تہ ونڊلس مشين ذريعي لنگر کي باهر ڇڪي ڪڍبو آهي. بندرگاهه ۾ جيٽيءَ پرسان جاءِ ملڻ تي لنگر ڪيرائڻ بدران جهاز کي جيٽيءَ تي ڪتل ڪلي سان ٻڌو وجي ٿو. لنگر (Anchor) لاءِ مشهور ڳجهارت آهي تہ اها ڪهڙي شيءِ آهي جنهن جي جڏهن ضرورت پوندي آهي تہ اڇلائي ويندي آهي ۽ جڏهن ضرورت نه هوندي آهي تہ پٽ تان ڪٽي رکي ويندي آهي.

اٿنڪريج : جهاز سڄو سفر پورو ڪري جڏهن ڪنهن ملڪ ۾ پهچي ٿو تہ هن کي اجازت نه آهي تہ بندرگاهه ۾ يڪدم گهڙي پوي. بندرگاهه ۾ اچڻ کان اڳ ڪلئي سمنڊ ۾ لنگر Anchor ڪيرائڻو پوي ٿو. پوءِ بندرگاهه

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اٿارٽيءَ طرفان ان ملڪ جي ڪسٽم ۽ اميگريشن جو عملو ڪلئي سمنڊ ۾ جهاز تي پهچي جهاز جي عملي ۽ مسافرن وغيره جي ڪاغذن جي چڪاس ڪري ٿو. ان بعد بندرگاهه طرفان پائلٽ اچي ٿو جيڪو جهاز کي آهستي آهستي ڪري اندر بندرگاهه ۾ مقرر ڪيل جيٽيءَ تي اچيو بيهاري.

هر بندرگاهه جي ٻاهران، ڪلئي سمنڊ جو اهو حصو جتي جهاز کي اڻڪر ڪيرائي اندر اڇڻ جو انتظار ڪرڻو پوي ٿو، ان کي Anchorage (اڻڪريج) سڏجي ٿو. اڻڪريج تي بيهڻ وارو وقت جهازيءَ لاءِ آرام ۽ انتظار جو هوندو آهي. آرام جو ان ڪري جو اڻڪريج تي نہ جهاز هلائڻ جي ڏيوٽي ڪرڻي پوي ٿي نہ ڪا مشينري کولي ان جي مرمت (Overhauling) ڪرڻي پوي ٿي. سو مسافري جو ٽڪ پيڇڻ ۽ آرام لاءِ اڻڪريج سنو آهي. ساڳي وقت انتظار ۾ ڪرڻو پوي ٿو تہ خبر نہ آهي جهاز کي ڪڏهن اندر گهرائن جيئن ڪناري تي پير رکي سگهجن ۽ گهمي ڦري سگهجي. اڇڪلهه ڪيترائي بندرگاهه مادرن ٿي ويا آهن ۽ ڏينهن اڌ جي انتظار بعد اندر گهرايو وڃي ٿو. هڪ اهڙو ۾ سفر ياد اٿم جنهن ۾ ڪراچي کان ڪيوبا سفر ۾مهينو لڳو. ان بعد ڪيوبا جي اڻڪريج تي مهيني کان ۾ مٿي انتظار ڪرڻو پيو. ان بعد مهيني کن لاءِ جهاز بندرگاهه ۾ گهڙيو تہ ڪيوبا جي ڪميونسٽ حڪومت اسان کي ڪناري تي پير رکڻ جي هڪ ڏينهن جي ۾ اجازت نہ ڏني.

اڻڪريج کي ڪڏهن ڪڏهن فقط اڻڪر ۾ چيو وڃي ٿو. چي اسان جو جهاز چار ڏينهن اڻڪر تي بينو ان بعد اندر سڏايو ويو.

ڊوميسٽڪ فرج : جهاز تي ۾ ٿي ڪمرا، گوشت، مڇيءَ ۽ پاڄيءَ ميوي کي ٺڏو رکڻ لاءِ هوندا آهن. انهن ڪمرن کي جنهن مشين ذريعي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ريفريجريٽر وانگر ٽڏو رکيو ويندو آهي ان کي ’ڊوميسٽڪ فرج‘ سڏجي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ته بن ٽن مهينن جي سفر جو راشن اڪل چاليهه کن ريڊون، ٻڪريون ۽ ڏڳيون هوندیون آهن. ان خيال کان ڊوميسٽڪ فرج مشين تمام اهم سمجهي وجي ٿي، جنهن جي خراب ٿيڻ تي سڄو گوشت خرراب ٿي سگهي ٿو ـ جنهن کي پوءِ سمنڊ ۾ ئي اڇلڻو پوي ٿو ۽ نئين گوشت لاءِ ويجهي بندرگاهه جو رُخ رکڻو پوي ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سفر جي شروعات

سيڪنڊ انجنيئري جو امتحان پاس ڪري جيئن ئي ڪراچي پنهنجي آفيس پهتس، تہ ان ئي ڏينهن مون کي 'عزيز پٽي' جهاز تي في الحال ٽردِ انجنيئر جي حيثيت سان Sail ڪرڻ لاءِ چيو ويو جو ان جهاز جو ٽردِ انجنيئر ڪُپل مهينن کان موڪل لاءِ واجهائي رهيو هو.

جهاز جي هڪ ڳالهہ آهي تہ هر جهاز تي هڪ مقرر عملو ٿئي ٿو جنهن کان سواءِ جهاز جو هلڻ مشڪل آهي. هونءَ ئي اسان وٽ "مئرين انجنيئرن" جي جهازن تي سخت ضرورت هئي، ويتر جو بنگلاديش نهڻ بعد مڙيئي بنگالي هليا ويا تہ، ڪيترن جهازن تي اسٽاف جي ڪوٽ ٽي پئي ۽ موڪلن تي ويلن کي بہ واپس ڏيوڻيءَ لاءِ گهرائي، جن جن ملڪن ۾ پاڪستاني جهاز بينا هئا، انهن کي باءِ ايئر موڪليو پئي ويو.

'عزيز پٽي' تي پهتس تہ معلوم ٿيو تہ، اهو جرمنيءَ جو نهيل جهاز آهي ۽ انجڻ پڻ جرمن M.A.N اٽس. هيءَ انجڻ منهنجي لاءِ نئين هئي. ان کان اڳ مون فقط سلزر انجڻ وارا جهاز هلايا هئا. جهاز جو انجنيئر، جنهن کي اهو جهاز ڇڏڻو هو، سو منهنجو ڪئبٽ ڪاليج پيٽارو جو دوست سعيد سليمان هو. اسان ٻئي پيٽارو ۾ گڏ روم ميٽ هئاسين. (ان کان پوءِ مئرين اڪيڈمي چٽگانگ ۾ پڻ)، انجڻ جي چارج ڏيندي، آگرين تي چميون ڏئي چوڻ لڳو: "انجڻ هن جهاز جي، پٽُ اٽئي پٽ! ٽورو بہ خيال رکندين تہ جرمن زالن وانگر، هروپرو دوکو نہ ڏيندءِ.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪٽي ائٽلانٽڪ سمنڊ هجي يا بي آف بسڪي. هر شيءِ آٽوميٽڪ اٽئي.“

ءِ پوءِ جنريٽرن وٽ بيهي وري آگرين تي چمي ڏئي چوڻ لڳو: ”جنريٽر فرسٽ ڪلاس، پمپ فرسٽ ڪلاس ءِ جونئر اسٽاف سڄو قابل اٽئي. توکي ڪنهن بہ قسم جي سمنڊ يا بندرگاهہ تي پريشاني نہ ٿيندي.“

”بس، بس. توتي اعتبار آهي. تون پلي موڪل ڪر. پر اهو ٻڌاءِ ، هن جهاز جي ’روٽ‘ ڪهڙي آهي. انگلنڊ يا آمريڪا تہ نہ اٽس؟“

”ڇو پلا؟ اوڏانهن ڪنهن ڇوريءَ کي شاديءَ جو ڏٽو ڏئي آيو آهين ڇا؟“ هن مون کي گهُوريندي چيو.

”نہ يار، اوڏانهن مونکي هر دفعي موڪليو اٽن. هن دفعي آءٌ اهو سوچي سامونڊي نوڪريءَ لاءِ نڪتو آهيان تہ ڏور اوپر ڏي ڪو جهاز ويو تہ ويندس. جو اهوئي دنيا جو حصو منهنجو ڏنل ناهي.“

”پارٽنر، ويري ساري! هي جهاز تہ انگلنڊ ءِ يورپ ٽو وجي.“ سعيد ٻڌايو ءِ آءٌ ماٺ ٿي ويس.

سال ڪن اڳ سامونڊي نوڪري مان تنگ ٿي جڏهن ڇڏيم تہ ظفر حسن، استاد بخاري، ناريجو ءِ هادي بخش جهڙن اديب دوستن چيو: ”تنهنجي نوڪريءَ مان گهٽ ۾ گهٽ اسان کي مختلف ملڪن جا سفرناما پڙهڻ لاءِ پيا ملندا هئا. آغا سليم، قمرشهباز ءِ امرجليل جهڙن دوستن جڏهن پهرين سفرنامن جي همت افزائي ڪئي تہ آءٌ اهو سوچي وري سمنڊ ڏي ڇڪجي آيس تہ گهٽ ۾ گهٽ رهيل ملڪ، خاص ڪري اوپر پاسي جا ضرور ڏسڻ ڪپن، جتي جادوءِ پريو جهان آهي. پراسرار چين ءِ ڪوريا، سهڻو سنگاپور ءِ ملايا آهي. هانگ ڪانگ آهي. ٿائلنڊ آهي. پر افسوس جو جيڪو جهاز ملي رهيو هو، سو اوڏانهن ويو ٿي. جتي اڳ بہ ڪيترا دفعا وجي چڪو هوس. سامهون بندرگاهہ ۾ پيا بہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ءِ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

نئشنل شپنگ ڪارپوريشن جا جهاز بينا هئا. اهي ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا. انهن سان منهنجو ڪو سروڪار نه هو. مون کي پنهنجي جهاز سان رهڻو هو جيڪو هفتي کن کان پوءِ ڪويت ۽ ممباسا کان ٽيندو لنڊن وڃڻو هو. اتان پوءِ هر دفعي وانگر جرمني، فرانس، بيلجم ۽ پولنڊ جي بندرگاهن ۾ وڃڻو هو. اسان جي سامهون 'سرفراز رفيقي' نالي جهاز بينو هو، جو ٻئي ڏينهن تي ڪراچيءَ کان لنگر کڻڻ جي تيارين ۾ هو."

"يار هي جهاز سرفراز رفيقي به عجيب آهي. سندس انجڻ بلڪل پنيان هئڻ ڪري، سمنڊ تي ڏاڍو لڏي ٿو." هڪ انجنيئر ٻڌايو، "انجڻ پنيان هئڻ ڪري ته لڏي ٿو پر هونءَ به لڏڻ سندس عادت آهي. شل نه ٿوري تڪي هوا لڳي يا سمنڊ ۾ ڪا وڏي چولي اچي. پوءِ پنهنجو پاڻ سنڀالڻ ۾ ئي پورو هوندو آهي." ٻئي چيو. ۽ آءٌ اهو سوچڻ لڳس ته اهڙو گهٽو لڏڻو جهاز به مصيبت آهي جيڪو ٿوري جهڪ، ٿوري ساموندي چاڑهه تي ئي مست ٿي ڪُڏڻ لڳي. هونءَ به مون کي اهي جهاز نه وٺندا آهن جن جي پُڇ ۾ انجڻ هجي. جي رهائش ۽ انجڻ وغيره وچ ۾آهي ته ايترو لوڏو محسوس نٿو ٿئي. ڪنهن به ڏگهي ڪانيءَ کي وچ تي جهلي پاسن کان هيٺ مٿي ڪري ڏسبو ته پُڇڑين جي مقابلي ۾ وچ ڏري گهٽ هڪ هنڌ رهندو ۽ اهڙي طرح لوڏن وقت جهاز جي پاسن تي رهندڙ هيٺ مٿي ٿا ٿين ۽ وچ وارن کي گهٽ لوڏا اچن ٿا.

اسان جهاز جا ڪجهه آفيسر ان ئي ڏينهن شام جو چانهه تي جهاز جي ڊيڪ تي اچي گڏ ويناسين ته اتي آفيس جو پٽيوالو، جهاز جي ڊاڪ ڇڑهندي نظر آيو. خطن جي پري هٿن ۾ هيس سا اچي مونکي ڏنائين. مختلف واسطيدارن لاءِ ساڳي خط جا نقل هئا ۽ مون ڏي پڻ، جنهن ۾ لکيل هو ته 'عزيز پٽِي' جهاز کي ڇڏي سرفراز رفيقي جهاز تي هينئر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جو هينئر وڃي چڙهان، جو اتي جي انجنيئر جو حادثو ٿي پيو آهي. هينان نوٽ لکيل هو تہ، 'جهاز سپاٽي ڏهين وڳي ڪراچي ڇڏي رهيو آهي.'

واڇ ۾ نهاريم. ان وقت شام جا پنج وڃي چُڪا هئا. سپني دوستن خط پڙهي تعجب ڪاڏو تہ هي ڪهڙو نادرشاهي حڪم آهي جو چوويهہ ڪلاڪن جي بہ وچ ۾ مهلت ڪانهي. ڪو چوڻ لڳو تہ بيمار ٿي پئُ. ڪو صلاح ڏيڻ لڳو تہ چوان تہ يونيفارم تيار نہ آهي. مون کي تہ اڳهين ان جهاز تي وڃڻ لاءِ دل کوٽي هئي سو عذرن جي آجيان ڪندي فيصلو ڪيم تہ اهڙو نمونو اختيار ڪندس، جو ٻئي ڪنهن کي رکي ڇڏين ۽ جهاز نڪري وڃي. پر ان هوندي بہ احتياط خاطر ڪراچي جي دوستن کان موڪلائڻ لڳس. سپ ايترو جلد روانو ٿيڻ تي تعجب ڪائڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا: "يار توسان اها حالت پئي ٿئي، جا گمنام سپاهيءَ سان دفن وقت ٿيندي آهي بنا ڪنهن روئڻ جي، بنا ڪنهن جنازي نماز جي، بنا ڪنهن دعوت جي روانو ٿي رهيو آهين."

ٻئي ڏينهن آفيس مان صبح ساڻ اچي جهازن جو ٽائيم ٽيبل ورتم. سرفراز رفيقي جهاز جي وڃڻ جا هنڌ پڙهي ڪٽي ڏسان تہ مار! اهي ئي هنڌ، جيڏانهن آءٌ وڃڻ ٿو چاهيان... ملايا، چين، سنگاپور، ٿائلنڊ، هانگ ڪانگ، جپان ـ ۽ نہ فقط ايترو پر جپان کان پوءِ جهاز کي آمريڪا جي اولهہ ڪناري جي شهرن لاس اينجلس ، سئن ڊياگو، وئنڪوئر پڻ وڃڻو آهي. مونکي باقي چا ٿي ڪتو. جهاز جون ٻيون سپ اوٽايون وساري، يڪدم سامان ٻڌي، ٽئڪسي ڊوڙائي، اندر بندرگاهہ ۾ پهتس، ٽائيم سوا ڏهہ ٽيو هو. پائلٽ جهاز تي پهچي چڪو هو. جهاز جي ڏاڪڻ ڪڍي چڪي هئي، جلدي جلدي ڪرين ذريعي مونکي ۽ منهنجي سامان کي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جهاز تي چاڙهيو ويو ۽ جهاز ڪراچيءَ جي بندرگاهه مان ٻاهر نڪرڻ لڳو. منهوڙي کان پربهرو جهاز کي پڃائي، پائلٽ الوداع ڪئي. انجڻ روم جي ٽيليگرام جي سُئي Full Ahead تي پهچڻ سان، جهاز پنهنجي سڃي رفتار سان ڏکڻ طرف پهرين ويجهي بندرگاهه ڪولمبو ڏي وڌڻ لڳو. پنڌيان ڪراچيءَ جون اڀيون عماريون ميرانجهڙيون ٽيندي ٽيندي غائب ٿي ويون ۽ هاڻ چؤڌاري سمنڊ ئي سمنڊ، پاڻي ئي پاڻي ۽ انجڻ ۽ چولين جو آواز رهجي ويو آهي ۽ آئون وينو حال اوريان.

جهاز، سلون تائين ڏکڻ ڏي وڃي پوءِ اتان اپرندي طرف رُخ رکندو. ستن ڏينهن کان پوءِ ملائيشيا جي مشهور بندرگاهه پينانگ ۾ پهچندو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سي سڪنيس ۽ نشي وارا بسڪيٽ

ڪنهن سچ چيو آهي ته طوفان نه آهن ته وچ سمنڊ تي به نه آهن ۽ جي قسمت ۾ آهن ته ڪناري تي به بچيو نٿو سگهجي. ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي ته آمريڪا ويندي ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ جيڪو خوفناڪ سمنڊن ۾ وڏي ۾ وڏو سمجهيو وجي ٿو. (هونءَ پڪيڙ جي لحاظ کان وڏي ۾ وڏو سمنڊ پئسفڪ آهي.) اهو به سڄي واٽ، ڏهه ئي ڏينهن ڪن، آفريڪا جي ڪيپ آف گڊهوپ کان وني، نيويارڪ (آمريڪا) يا ويسٽ انڊيز تائين. اهڙو مانو ملندو آهي جهڙي آرسي هجي ۽ محسوس ئي نه ٿيندو آهي ته ڪو جهاز هلي پيو. فرلانگن جا فرلانگ جهاز، پنيان پاڻيءَ تي لينگهو ناهيندو ويندو آهي، جيئن واريءَ تي ڪنهن ڪي گهلڻ جا نشان بيهن. ۽ ڪڏهن ته وري اهڙي حالت، جا هن دفعي ٿي. ڪراچيءَ کان باهر نڪتاسين ئي مس ته موسم ۽ سمنڊ خراب مليوسين. جهاز اڳهين هلڪو هو. چاڪاڻ ته خالي پئي ويو، سو ائين گڏهه وانگر ڪڏائڻ لڳو جو سيني کي الٽين جو ڦهڪو هو. لاٽئون ڦري ڦري ڪرڻ وقت جيئن آخري ۾ چار چڪر پاسيرا هڻندو آهي، ڪجهه اهڙي ئي انداز سان اسان جو جهاز لڳاتار لڏي رهيو هو. سڄو ڏينهن گذري ويو. منهنجو سامان ڪئبن ۾ ائين ئي رکيو هو. آخر پئنٽري مئن (ميس جي استيورڊ ۽ بئائز جي انچارج) کان پڇيم: ”منهنجو ڪهڙو بئاءِ آهي. نه سامان ناهيو اٿس نه چادرون مٿايون اٿس.“ پئنٽري مئن چوڻ لڳو: ”سائين بئائز سئ نوان آيل آهن ۽ سيني کي سي سڪنيس (Sea-Sickness) پئي ٿئي. ڊائننگ سلون ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

بہ آءٌ اڪيلو ڪم ڪري رهيو آهيان.“

ٿوري دير کان پوءِ ٽڪاءَ سان درُ کليو. مون ته سمجهيو الائي ڪنهن مست سانڍ در کي ٽونو هنيو. گهنجيل قميص ۽ وکريل وارن ۾ هڪ چوڪرو ائين اچي اڳيان ٽنگون ڦاڙي بينو، جڙ ڪو موالي پيئڻ کان پوءِ پئسا نہ ڏيڻ ڪري، شراب خاني مان ڏڪا ڏئي ڪڍيو ويو هجي.

”سر، مون کي نديم چون ٿا. آءٌ توهان جو بئاءِ آهيان.“

”چو خير ته آهي؟ سي سڪنيس پئي ٿئي چا؟ اها ته سيني کي ٿيندي آهي.“ مون کيس سمجهائيندي چيو. ”ان جو اهو مطلب نہ آهي ته ڊيوٽي نہ ڪجي. تنهنجي ته ڊيوٽِي ڪا ڏکي ناهي. اسان جي ڏس ڪيتري ڏکي ۽ جوابداريءَ واري آهي ۽ يڪا چار چار ڪلاڪ ڏينهن جو ۽ رات جو بيني پير، انجڻ روم ۾ گرميءَ ۾ ڪم ڪريون ٿا.“

پاڻ نئون آيو هو، سو ٿوري دل وڏي ڪرڻ ٿي چاهيمانس. مون کي پڪ هئي ته جيئن ئي موسم صاف ٿي يا ڪو بندرگاهه اچي ويو ته کيس سپ کان وڌيڪ ساموندي نوڪري وڻندي.

سي سڪنيس بابت اڳين ڪتابن ۾ پڻ لکي چڪو آهيان ته هيءَ بيماري موسم خراب ٿيڻ کري يا سمنڊ ۾ جوش اچڻ ڪري، جهاز جي لڏڻ سان ڦيريءَ وانگر محسوس ٿئي ٿي. پئسينجر جهاز ڪجهه اهڙي نموني سان ناهيا وجن ٿا، جو گهٽ لڏن، پر مال بردار (ڪارگو) ۽ تيل کڻڻ وارا جهاز (ٽئنڪر) گهڻو لڏن ۽ گهڻي ڦيري ٿئي.

سمنڊ ۾ گهٽ جوش هوندو آهي ته سي سڪنيس بہ تمام ٿوري ٿيندي آهي. ان حالت ۾ صرف اکيون ڳريون ٿين ۽ ننڊ جو گهيرٽ محسوس ٿئي. پر جي سمنڊ ۾ گهڻو جوش هوندو آهي ۽ ويتر موسم بہ خراب ٿي پوي ته پوءِ گهڻي ٿيندي آهي ۽ الٽيون پڻ اچن. هونءَ اڄ تائين

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ان بيماريءَ جي ڪا اهڙي دوا ايجاد نہ ٿي سگهي آهي، جا هن ڪي سدائينءَ لاءِ ختم ڪري. گهٽائڻ لاءِ اپاءَ آهن، جهڙوڪ: پاڻيٺ واريون شيون، مثال طور ـ چانهہ، شربت، ربڙ گهٽ وڌن. ڪنهن نہ ڪنهن ڪم ۾ پاڻ کي رڌل رکجي، ڪمري جون دريون کولي تازي هوا کائجي، سمند ڏي نہ ڏسجي، ۽ ڪوشش ڪري کائيندو رهجي. جيتوڻيڪ ان وقت کا شيءِ نہ ٿي وڻي، پر زوريءَ ٻہ کائجي. ڇو جو خراب حالت ويتر تڏهن ٿئي ٿي جڏهن ڪو خالي پيٽ تي الٽيون ڪرڻ چاهي ٿو. ان ڪري حاجين ۽ ٻين مسافرن جي جهاز تي کين زوريءَ بسڪيٽ کارايا ويندا آهن (پر ڪن پوڙهن حاجين جي واتان بڏبو آهي تہ هو ان بيماريءَ جو ڪارڻ ئي اهي بسڪيٽ سمجهندا آهن ۽ کائڻ کان نٽائندا آهن. وطن موٽڻ تي ٻڌائيندا: ”جهاز تي اسان کي زوريءَ بسڪيٽ کائڻ لاءِ ڏيندا هئا، جيئن نشي وارا بسڪيٽ کائي ستا پيا هجون. اسان ٻہ ان وقت تہ بسڪيٽ ونندا هئاسين، پر جهڙو ئي آفيسر پنيرو ٽيندو هو تہ سمند ۾ اڇلي ڇڏيندا هئاسي.“)

هونءَ سي سڪنيس دوري مثال آهي. ان وقت زندگيءَ مان بيزاري محسوس ٿيندي آهي. ڪا شيءَ نہ وڻندي آهي ۽ ديوٽي ٻہ لاچار ڪرڻي پوندي آهي. ان کان پوءِ هنڌ حوالي. ڇاڪاڻ تہ سمهڻ سان وري ٻہ فرحت محسوس ٿئي ٿي ۽ الٽي جهڪي ٿئي ٿي. حالت اها هوندي آهي جو سامهون سامان ڪرندو رهندو، پر دل نہ چوندي تہ بستري تان اٿي ڪٽي ريڊيو يا ريفريجريٽر کي ڇڪ کان بچائجي. ريڊيو يا ريفريجريٽر تہ ڇا، دل چوندي آهي تہ سڄو جهاز پلي ڇڄي پُري يا ٻڏي تہ جيئن هن يڪي عذاب مان جان ڇُٽي. اهو ئي سبب آهي، جو اڳئين زماني ۾ جڏهن نندڙا جهاز هئا(جن ۾ هيڪاندو گهٽو سي سڪنيس ٿئي) غلام قيدين کان

زوريءَ ماري ڪڍي چپُن ۾ ونجهن سان هلرايا ويندا هئا، پوءِ جڏهن سمنڊ خراب ٿيندو هو ۽ ’سي سڪنيسس‘ کين تنگ ڪندي هئي تہ هو پنهنجي جان تان بہ هٿ ڪٽي، پاڻ کي سمنڊ ۾ ڦٽو ڪري انت آڻيندا هئا. ان ڪري کين سنگهرن سان ٻڌو ويندو هو. پر هاڻي، هڪ تہ جهاز عمدي قسم جا آهن، هر هڪ پنهنجي خوشيءَ ۽ شوق سان اچي ٿو ۽ ٻيو تہ جهاز تي ڪم ڪندڙن کي جيتريون سهوليتون آهن بي ڪنهن نوڪريءَ واري کي مليل نہ آهن.

اسان جو جهاز ڪراچيءَ کان نڪرڻ بعد بہ ڏينهن جوشيلي سمنڊ جو شڪار رهيو. آءٌ بہ ٻين وانگر سوچيندو رهيس تہ بس جهاز رڳو ڪڍي پهچي تہ هيءَ نوڪري ڇڏي ڪناري تي ڏڪي سڪي، گهٽ پگهار تي ئي سهي، ڪا نوڪري ڪبي، پر هيءَ نہ. ههڙي نوڪريءَ کي باهہ ڏجي. جهاز تي رهڻ لاءِ ايئرڪنڊيشنڊ جاءِ آهي تہ ڇا، ڪائڻ لاءِ اوچو ڪاڏو ملي ٿو تہ ڪهڙي ڪم جو، پگهار گهٽو آهي تہ اهڙو پئسو ڇا ڪبو. ماڻهو تہ اهو بہ سوچيندا هوندا تہ اسان سڄي دنيا گهمون ٿا پر ڪين ڪهڙي خبر تہ اهڙي دنيا ڏسڻ کان تہ هيءَ ڇڪ ڏينهن جي زندگي گهوٽڪي، ڪنڊ ڪوٽ ـ يا ٻئي ڪنهن اهڙِي غير رومانوي ڳوٺ ۾ ئي گذاري ڇڏڻ بهتر آهي. اهڙا ۽ ان جهڙا ڪئين خيال، جي زندگيءَ مان ڪڪ ٽيڻ جي حمايت ڪن ٿا، دماغ ۾ سي سڪنيس وقت ايندا آهن. ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي جڏهن سمنڊ اوچتو مانو ٽيندو آهي، موسم صاف ٿي ويندي آهي ۽ بئرامیٹر جو ڪانٽو نارمل ڏي وڏڻ لڳندو آهي تہ ڳالهہ وسري ويندي آهي تہ ڪجهہ گهڙيون اڳ ڪيڏي مونجهہ ۽ آنڊ ماندڻ هئي. ڇا حالت ۽ ڇا سوچ هئي. پنهنجن پراٽين ڳالهين تي ڪِل ايندي آهي. سو اسان جي جهاز کي بہ بن ڏينهن کان پوءِ جيئن ئي سمنڊ مانو مليو تہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سيني جا مرڪندڙ منهن ڊائننگ سلون، ائلي وي (جهاز جي گهٽين)، سموڪ روم (جهاز جي ڊرائنگ روم) ۽ ڊيڪ (عرشي) تي نظر آيا. ۽ پوءِ خبر پئي ته هن ٻيڙي تي ٻيا ڪير ڪير سفر ڪري رهيا آهن. ڏسندي ئي ڏسندي سڄي جهاز تي ڪل خوشي ۽ ٺهڪ چؤڌاري پکڙجي ويا. ٽيبل تي ڏسان ته استعيفيٰ جي درخواست رکي آهي جا سي سڪنيس جي حالت ۾ نوڪريءَ کان ورڇي لکي هيم. ان کي، ان وقت ئي ڦاڙيم. چگو جو سمنڊ تي پوسٽ جا ڏيا ڪونهن، نه ته خبر ناهي ڪيترن جهازين جون استعيفائون هر سال هيڊ آفيس پهچندیون رهن.

هونءَ هي منهنجو سفرنامو اهي نوجوان، جن کي ساموندي نوڪري ڪرڻ جو ارادو آهي، پڙهي شايد ويچار ۾ پئجي وجن ته هيءَ جهاز تي ڪهڙي بلا، سي سڪنيس جي روپ ۾ نازل ٿئي ٿي. انهن لاءِ ايترو عرض ڪندس ته ان لاءِ ڪا گهبرائڻ جي ضرورت ناهي. اهڙا خراب ڏينهن سمنڊ تي روز روز ڪونه ٿا اچن. منهنجي هيستائين جي ساموندي زندگي۾ اهو اندازو آهي ته اهڙا ڏينهن سراسري مهيني ۾ هڪ يا ٻه ٿا ٿين. ڪڏهن ڪڏهن ته ڇهن ستن مهينن جي سفر ۾ ڪٿي هڪ ڏينهن ٻه اهڙو نه آيو هوندو. وري ساڳي وقت سي سڪنيس سيني کي هڪ جيتري ٻه ڪانه ٿي ٿئي. ڪن کي وري برداشت جو مادو تمام گهٽو آهي ۽ ڪيڏي ٻه موسم خراب هجي، پر ڪين ذرو ٻه اثر نٿو ٿئي. ڪن کي وري پهريون مهينو ٻه ٿئي، ان بعد صفا نه ٿئي يا تمام ٿورڙي سي سڪنيس ٿئي. بهرحال اها ڪا اهڙي ڳالهه ناهي، جنهن ڪري ڪو ساموندي نوڪريءَ کي ڏڪاري.

نوڪريءَ لاءِ هر جهاز تي ٻه طبقا ٿين. هڪ 'خلاصين' جو، جيڪي هيلپر نموني جو ڪم ڪن ۽ ٻيو جهاز هلائيندڙ عملو، جن جي ڏينهن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

رات جي ڊيوٽي ٽئي ۽ جوابداري پڻ. انهن ۾ ڊيڪ آفيسر (نيويگيٽر) ۽ انجنيئر اچي وڃن ٿا. انجنيئرن ۽ ڊيڪ آفيسرن جي چوند انٽر سائنس (فزڪس ۽ مئٿس) ڪان پوءِ ٽيندي آهي ۽ انهن کي مئرين اڪيڈميءَ ۾ بن سالن لاءِ ڪئڊٽ رکيو ويندو آهي. انجنيئريءَ جو پنجن سالن جو ڪورس هوندو آهي. جو انجنيئرنگ ۽ ڪئڊٽس کي وڌيڪ ٽي سال ڪنهن شپ يارڊ ۾ 'يارڊ ۽ جاب' ڪرڻو پوي ٿو. هي چوند جا مقابلي وارا امتحان مئرين اڪيڈمي وارا انٽر جي امتحان کان چار پنج مهينا اڳ جن لاءِ 'ڪمانڊنٽ مئرين اڪيڈمي، ماريپور روڊ ڪراچي' کان فارم گهرائي پرٽا پوندا آهن جن جي سؤ ڊيڍ سؤ روپيہ ڪن في ٽئي. اسان جي ڊينهن ۾ هيءَ اڪيڈمي ڇٽگانگ جي پرسان 'جلديا' نالي ٻيٽ تي هئي، پر هاڻ ڪراچيءَ ۾ تبديل ٽي چڪي آهي.

خلاصين ۾ بورچي، وادا، بي هنر، مشيني جي ڪم ۾ مدد ڪرڻ لاءِ آڳ وارا، تيل وارا، بئرا وغيره اچي وڃن ٿا. انهن جي چوند ڪراچي ۾ 'مرڪنٽائيل مئرين ڊپارٽمينٽ، ڪياماڙي' ۽ 'شپنگ آفيس' سنڌ سيڪريٽري ويجهو ٽيندي آهي. پوءِ اهي آفيسون خلاصين کي مختلف ڪمپنين جي جهازن تي موڪليندیون آهن. جهازن جا مکيہ ٽي قسم آهن. مسافربردار جهاز، مال بردار جهاز ۽ تيل ڪٽڻ وارا جهاز. مال بردار جهازن ۾ اهو مزو هوندو آهي تہ اهي ڪيترن ئي بندرگاهن تي، گهٽا ئي ڏينهن، اڃا بہ هفتن جا هفتا بينا هوندا آهن. مسافربردار جهازن تي ٻين جهازن کان پگهار ڏهہ سيڪڙو ڪن مٿي ٽئي، پر هميشہ مسافرن جو گوڙ متل هوندو آهي ۽ چند مقرر بندرگاهن تي ڏينهن اڌ مس ترسن. تيل ڪٽڻ وارن جهاز تي پڻ پگهار ٻين جهازن کان وڌيڪ آهي، پر اهي جهاز بہ فقط ٻن يا ٽن بندرگاهن ۾ وڃن. هڪ گهٽو ڪري ايراني نار يا 'وچ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اوپر‘ جو بندرگاھ جتان تيل ڪڍڻو ھوندو اٿن ۽ ٻيو اھو، جتي ڇڏڻو ھوندو اٿن. جنھن جھاز تي منھنجو سفر ٿي رھيو آھي اھو مال بردار (Cargo) جھاز آھي ۽ چوڏھن ھزار ٽن مال ڪٽي سگھي ٿو. منجھس ريفريجريٽيڊ سامان، جھڙوڪ : ميوا، مڇيون، گانگٽ وغيره جن کي خراب ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ برف کان بہ گھٽو ٿڏو رکڻ گھرجي، پڻ ڪٽي سگھجي ٿو. ھي جھاز جرمنيءَ ۾ 1966ع ۾ ٺھيو ۽ اڃ سال پراڻو آھي.

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

* ملايا جو لباس ۽ چار قومي زبانون

جهاز تئين ڏينهن سلون جي ويجهو پهتو ۽ سندس ڪنارو بنا دوربين جي نظر اچڻ لڳو. ان کان پوءِ سلون بيٺ جو هينان ڦيرو ڪري جهاز جو رخ ايرندي طرف موڙيو ويو، جو بلڪل سامهون اوپر ۾ ملايا آهي، جيڪا اسان جي پهرين منزل هئي ۽ ڪراچي ڇڏڻ بعد پوري ستين ڏينهن ملايا جي بندرگاهه ۽ بيٺ 'پينانگ' ۾ جهاز کي پهچڻو هو.

ملايا ۾ پهچڻ کان ۾ ڏينهن اڳ آءُ اهو سوچي رهيو هوس ته خبر ناهي ملايا جا ماڻهو ڪهڙي قد بتُ ۽ رنگ روپ جا هوندا. آمريڪا، يورپ ۽ آفريڪا گهمندي بين ملڪن جا ماڻهو ته اڪثر ڏٺل هئا، پر ڪڏهن ۾ اهڙو همراهه نٿي سُجهيو جو ملايا جو هجي ۽ نه وري ڪٿي انهن بابت پڙهيو هوم. سندن اڳوڻي وزيراعظم ـ تنڪو عبدالرحمان جو نالو سو ٻڌل هو. جنهن مان ايترو اندازو هوم ته اتي مسلمان ڀڻ هوندا. ٻيا ڪهڙن مذهبن ۽ ڏرمن جا ماڻهو، ڪهڙيون ٻوليون ۽ لباس پائين ٿا، ان بابت ڪا معلومات نه هئي سو پينانگ جهاز پهچڻ تائين آءٌ ملايا جي ماڻهن بابت سوچيندو رهيس.

هينئر آءٌ پينانگ بيٺ ۽ ملايا جي سرزمين جي وچ ۾ هلندڙ فيريءَ ۾ چڙهي پينانگ بيٺ تي وڃي رهيو آهيان. منهنجي پرسان ۽

* هاڻ ملايا جو ملڪ ملائيشيا سڏجي ٿو ۽ چئن زبانن بدران هڪ قومي زبان ملئي آهي جنهن کي پاسا ملائيشيا سڏين ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اڇين پوين بينچن تي ڪيترائي مرد، عورتون، ٻار ۽ ڇوڪرا ڇوڪريون وينا آهن. ڪي ڪٽڪ رنگا، ته ڪي پيلا ۽ ڪارسرا. اڇي گوري ۽ پيلي رنگ جا، چيني آهن، چيني ڇوڪرين کي اسڪرٽ پيل آهن. سانوري رنگ جا پر ٿورو سُونهن ۾ سرسُ، نڪُ چينين جهڙو ئي منو، پر ٿورو وڌيڪ چپيل، ملئي آهن، جيڪي ملايا جا اصلي رهاڪو آهن. انهن جي عورتن جي پوشاڪ بشرٽ ۽ گوڏ آهي پر اڇڪلهه جا نوجوان ڇوڪرا پينٽ پائين، باقي ڇوڪريون ساڳي دريس کي چهٽيو اڇن. گوڏ لاءِ مختلف رنگ ۽ اوچو ڪپڙو استعمال ڪن، خاص ڪري گُلن وارو يا شنگهائي سلڪ. بشرٽ ۽ گوڏ ٻن جدا رنگن جي استعمال ڪن، پر ڪي ڇوڪريون جيڪي ساڳيو رنگ استعمال ڪن، اهي ٽڏي رنگ کي ترجيح ڏين ٿيون. انهن جي زبان ملئي آهي ۽ مسلمان آهن. چيني، عيسائيت ۽ ٻڌ ڌرم سان واسطو رکن ٿا، ڪي ٿورا منجهن مسلمان پڻ آهن ۽ ڪي چيني پراڻي مذهبن جي پيروي ڪن ٿا. سامهون جيڪو انڊونيشي نموني جي ڪاري ٽوپي ۾ وينو آهي سو پڻ ملئي آهي، مون سمجهيو شايد انڊونيشي آهي، پر پڇا تي معلوم ٿيو ته ملايا ۾ ٽوپي پائڻ نيازمنديءَ جي نشاني آهي.

ملايا ۾ چپي چپي تي توهان کي ڏکڻ هندستان جون ساڙهيءَ ۾ ڊڪيل، سنهڙيون، ڪاريون ڇوڪريون، تامل زبان ڳالهائيندي نظر ايندیون. انهن ۾ مسلمان به آهن ته هندو به. سندن مردن جو لباس، اڇي گوڏ، سا وري گوڏن وٽان مٿي وريل هوندي. ملايا جون چار قومي زبانون آهن. انگريزي، ملئي، چيني ۽ تامل. انگريزي گهڻو ڪري هرڪو ڳالهائي ۽ سمجهي. رڪشا وارو يا اٽڙهيل دڪاندار به توهان سان انگريزيءَ ۾ گفتگو ڪري ويندو. ڏکڻ ۾ مڙئي اتر کان وڌيڪ انگريزن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جو اثر ڇڏيل ٿو ڏسجي. فيري ويهن منٽن ۾ پينانگ پهچي ٿي. سڀ لهن ٿا ۽ پينانگ بيٺ گهمڻ لاءِ ٽڙي پکڙي وڃن ٿا.

ماڻهن ۽ موٽر لارين کي، درياءُ جي هڪ پر تان بي پر تائين پهچائڻ لاءِ يا سمنڊ جو ننڍڙو ٽڪرو اڪارڻ لاءِ هڪ ويڪرو ننڍڙو جهاز، يا وڏي ٻيڙي، انجڻ تي هلندڙ ٿئي. جنهن کي عام طور فيري سڏجي ٿو. اهڙو سسٽم ڪيترن ئي ملڪن ۾ آهي. جيئن لورپول ۾ برڪن هيڊ ۽ پيئر هيڊ جي وچ ۾ فيري هلي ٿي، يا هانگ ڪانگ ڪان ڪولون، ڪولون ڪان مڪائو وغيره. ڊاڪا، چٽگانگ، ڪلنا ۾ اهو فيري سسٽم عام آهي. اسان وٽ پڻ موري ۽ دادوءَ وچ ۾ جڏهن ۽ جيسين پُل نهي، فيريءَ جي ڪري اڇ وڇ جي سهوليت پيدا ڪري سگهجي ٿي. اهڙي نموني درياءَ جي ٻين ڪيترن هنڌن تي ٻن ڪنارن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍڻ لاءِ هي طريقو وڏو ڪارآمد ثابت ٿيو آهي. فيريءَ جو هينئيون ڊيڪ موٽرن لارين بيهڻ لاءِ هوندو آهي ۽ مٿيون مسافرن لاءِ.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ستم ڪندو رهم ستمگر

پينانگ ٻيٽ، ملائيشيا جي سرزمين کان ٿورو ئي پري، ٻہ ميل کن ٿيندو، جنهن جي چؤڌاري سمنڊ آهي. هونءَ هي سڄو علائقو ننڍن وڏن ٻيٽن سان ڇانيو پيو آهي ۽ سوين انڊونيشيا ۽ ملايا جا ٻيٽ هڪ ٻئي سان گڏيا پيا آهن. ڪي تہ اهڙا ٻہ ننڍا ٻيٽ آهن جن تي ڪو رهي ٻہ ڪونہ ٿو. ملايا کي پنهنجون يارهن رياستون آهن. 1963ع ۾ انهن رياستن: اتر بورنيو (جنهن کي اڄڪلهہ سراواڪ ۽ سباح سڏجي ٿو)، گڏجي پنهنجي ائسوسيئيشن ناهي ۽ سي پاڻ کي گڏجي 'ملائيشيا' سڏائڻ لڳا. پر پوءِ سنگاپور 9 آگسٽ 1965ع تي انهن کان ڌار ٿي، الڳ ملڪ جي حيثيت اختيار ڪئي آهي. ملائيشيا جو وڏو شهر ۽ گاديءَ جو هنڌ ڪوالالمپور آهي، پر هڪ سياح لاءِ پينانگ ٻيٽ ٻہ وڏي ڪشش رکي ٿو، جيڪو بقول سندن هڪ ننڍڙو 'ملائيشيا' آهي، جنهن ۾ توهان کي هر اها شيءِ ملندي، جيڪا سڄي ملائيشيا ۾ آهي.

اسان جي جهاز پينانگ ۾ اچڻ بدران ملائيشيا جي سرزمين جي آخري ريلوي اسٽيشن واري شهر 'بٽرورٿ' ۾ اچي لنگر ڪيرايو. اسان کي هتان جهاز ۾ آمريڪا لاءِ رٻڙ ۽ مڇي کڻي وڃڻي آهي. پينانگ ۽ بٽرورٿ جي وچ ۾ هر اڌ ڪلاڪ کان پوءِ فيري هلي ٿي. پينانگ وڃڻ لاءِ ڪا ٽڪيٽ ناهي، پر موٽڻ تي ٽڪيٽ ونڊي پوي ٿي. پينانگ ۾ هر شيءِ بنا ٽئڪس جي وڪامي پر اها شيءِ پينانگ کان ٻاهر ڪڍڻ تي ٿورو گهڻو ٽئڪس لڳي ٿو. پينانگ ۾ دنيا جي هر شيءِ تمام سستي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ملڻ ڪري، بارهو ئي ڏارين مسافرن ۾ ملڪي ماڻهن جو ميلو لڳو پيو آهي. ۽ جتي خريداريءَ جهڙو ڪم هجي اتي عورت ذات جو هجڻ تمام ضروري سمجهڻ ڪپي، چو ته خريداري، عورت جي دلپسند وندر آهي. ٻين ڳالهين لاءِ هن وٽ وقت هجي يا نه پر خريداريءَ لاءِ ضرور هوندو آهي. پهرين ڏينهن مون کي خبر نه هئي ته ڪو پينانگ 'ٽئڪس فري ٻيٽ' آهي. جتي ڪٿي، لاس پاماس (Canary ٻيٽ) ۽ ٽرينداد ٻيٽن (ويسٽ انڊيز) جيان، چوڪريون ئي چوڪريون نظر پئي آيون. دڪانن تي ميڙ، گهٽين ۾ ميڙ ۽ هوٽلن ۾ سامان جي پرين سان گڏ عورتون. ٽيبل جي چؤڌاري ٻن ڪرسين تي پاڻ وينيون آهن ته ٻه سامان سان ستيون پيون آهن. ڪپڙن جا پارسل، ڪوڙن زيورن جون ڊبليون، سئنڊلن ۽ رومالن جا ڪوڪا. آءٌ سوچيندو رهيس ته ڳالهه ڇا آهي. اڄ ڪو خاص ڏينهن آهي جيئن حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي سئنيمائن ۽ ڇڙيا گهرن ۾ هڪ ڏينهن فقط عورتن لاءِ هوندو آهي. سو اهڙو ڪو هتي ٻه نمونو آهي، جو مرد ته ورلي نظر اچن ٿا! يا ته ڪي هتي ويجهڙائي ۾ چوڪرين ۽ عورتن جا ڪاليج آهن جي موڪل بعد خريداري لاءِ نڪري پيون آهن. پر پوءِ هتي جي معلومات پڙهڻ بعد خبر پئي ته پينانگ ڊيوٽي فري ٻيٽ آهي جتي هر شيءِ اصلي اگهه تي (يعني ڪارخاني جي اگهه تي) ملي ٿي. پينانگ ڪان ٻاهر ملائيشيا جي سرزمين تي آڻڻ لاءِ معمولي ٽئڪس آهي، جيڪو فقط ملائيشيا جي ئي ماڻهن جڪي ڏيڻو پوي ٿو ۽ اهو ٽئڪس وري سندن ئي ملڪ کي سجائڻ ۽ سندن سُک لاءِ ڪم ۾ آندو وجي ٿو.

واپسيءَ تي فيريءَ ۾ هڪ محترمه منهنجي پرسان ويني هئي، صحت ۾ ڪجهه وڌيڪ ئي صحتمند هئي ۽ هن لاءِ سندس جسم ڊوئڻ ئي ڪافي هو پر سامان پنهنجي تور ڪان ٻه ٻيڻو ڪنيو هئائين. پاسي ڪان

ڪڇُن مان ڪڏهن ڪو پاڪيٽ ڪريو ٿي پيس ڪڏهن ڪو ڏبو. منهنجي پاسي وارا ڪرندڙ ٽپڙ ذري ذري مون ٿي ڪٽي ڏنامانس ۽ ٻئي پاسي جا سندس ٻئي پاڙيسريءَ. اٽڪ مهل شڪريو چوڻ وقت منهنجي منهن ۾ چتائي، پڇڻ لڳي، "ڇا فارينر (پرديسي) آهين؟"

چيومانس، "ها. ڪراچيءَ کان آيو آهيان." منهنجي هٿ ۾ رڳو رسالا ڏسي چوڻ لڳي، "توهان ڏارين لاءِ ته هتي معمولي ٽئڪس بہ معاف آهي پوءِ بہ تو پينانگ مان ڪجهہ نہ ورتو آهي. پينانگ کان وڌيڪ سستائي ته چنڊ تي بہ نہ هوندي."

مون مُرڪي ڪٽي ماڻ ڪئي. هاڻ محترمہ کي ڪير سمجهائي، ته اسان لاءِ جيڪي خدائي فوجدار ڪسٽم آفيسرن جي روپ ۾ ڪراچيءَ ۾ انتظار ڪري رهيا آهن ته رڳو پهچون ته ابتي کل لاهين، انهن کان ڪير بچائيندو. پاڪستاني ڪسٽم آفيسرن وٽ اگهي ته ڪڇ نہ ته ماڻڪن موٽ وارو حساب! جي راڻا ريجهيل هجن ته پلي ڪو ڏينهن ڏني جو هاڻي بہ ڪاهي وجي ته بہ پرواهہ نہ آهي، نہ ته ڪوشش اها ڪندا ته ٻاهران آيل مسافر کان چاڪليٽن جي پئڪٽ تي بہ ٽئڪس جو ٻڌائي، هيسائجي ۽ ڪجهہ ڪيجي. خبر ناهي ڪراچيءَ ڪسٽم جو ايترو سخت رويو ڇو آهي؟ جيڪر اهو ورتاءُ فقط پنهنجن تائين محدود آهي ته پوءِ گهر جي ڳالهہ آهي تون ستم ڪندو رهہ ستمگر. پر جيڪڏهن ڏارين آيل مسافرن ۽ سياحن سان بہ اهڙو غيرقانوني رويو ٿو رکيو وجي ته اها ملڪ لاءِ ناموس نہ آهي. ان سان ڏارين تي ملڪ بابت غلط اثر پوي ٿو، ڇو ته هر ڏاريون ماڻهو، سياح، مسافر يا واپاري ڪنهن بہ ملڪ ۾ گهڙڻ سان پهرين پهرين ڪسٽم جي عملي سان ملي ٿو ۽ چوندا آهن ته:

First impression is the last impression.

ان ڏس ۾ اسان جي ڪشمر ۽ اميگريشن جي عملي کي ملڪ جي ناموس لاءِ ڏارين آيلن سان، حد کان وڌيڪ سني ۽ آڏرياءَ واري لهجي ۾ ڳالهائڻ کپي ۽ نيڪ نيتي سان فرض پورو ڪرڻ سان ڏارئين آيل تي ملڪ بابت سنو اثر وهي ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هٿ جي هُنر جو باهر مانُ

اسان جي جهاز کي پينانگ (ملايا) ۾ رڳو هڪ ڏينهن بيهڻو هو. ملايا مان اسان کي ربڙُ کڻڻو هو، پر پهچڻ سان معلوم ٿيو ته پنج سؤ ٽن مڇي ٻه ڪٽي آهي. جهاز تي اهڙين شين لاءِ الڳ پاندا (Hatches) نهيل آهن، جن کي ايترو ٽڏو رکي سگهجي ٿو جو گوشت مڇيءَ جهڙيون شيون خراب نه ٿين. هر شيءِ لاءِ هڪ اهڙو ٽيمپريچر ٽئي ٿو جنهن تي رکڻ سان اها خراب نٿي ٽئي. اهو تعليم دوران 'ريفريجريشن ۽ ايئرڪنڊيشنگ' سبجيڪٽن ۾ پڙهايو ويندو آهي. مثال طور برف جو ٽيمپريچر زيرو ڊگري آهي، پر مڇيءَ کي مهينن جا مهينا سڻي حالتن ۾ رکڻ لاءِ ضروري آهي ته ٽيمپريچر برف کان ٻه ويهه ڊگريون وڌيڪ ٽڏو رکجي - يعني ڪاڻو ويهه ڊگريون. هونءَ ڳوڻن يا شهرن ۾ مڇيءَ کي خراب ٽيڻ کان بچائڻ لاءِ برف جي سرن اندر وجهي رکندا آهن. ائين ڪرڻ سان ڏينهن بن لاءِ صحيح آهي پر مهينن جا مهينا کائڻ لائق حالت ۾ رکڻ لاءِ مڇيءَ کي ان کان ٻه وڌيڪ ٽڏو رکجي. اهڙي طرح گوشت لاءِ ڪاڻو ڏهه کن ڊگريون ڪافي آهن. ياڇين ۽ ميون لاءِ واڌو پنج ڊگريون. گهرو ريفريجريٽرن جي متئين خاني (چئمبر) جي ٽڏاڻ، مڇيءَ ۽ گوشت کي سڻو رکڻ لاءِ ڪافي آهي پر هڪ خيال رکڻ کپي ته گوشت ۽ مڇيءَ کي ضرورت موجب ڏار ڏار حصا اڳواٽ ڪري رکجن. يڪي گوشت کي روز ڳاري، رڌڻ لاءِ ٽڪرو ڪڍي باقي کي وري چئمبر ۾ ٽڏو رکڻ غلط آهي. هڪ دفعو گوشت يا مڇي، فرج خراب ٽيڻ ڪري، يا ٻاهر ڪڍڻ ڪري، روم ٽيمپريچر تي پهچي وئي ته ان بعد يڪدم استعمال ڪرڻ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪپي. ٻيو دفعو وري ٽڏو رکڻ صحيح نہ آهي.

پاڇيون ۽ ميوا، ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ڇڏين ٿا، سو ان لاءِ ضروري آهي تہ اهي شيون پلاسٽڪ جي ٿيلهين ۾ بند ڪري رکجن يا ريفريجريٽر جي هيٺئين ڊڪيل خاني ۾ رکجن. جهاز يا ٻين هنڌ گهٽي مقدار ۾ ميوا يا پاڇيون رکڻ وارين جاين تي پڪا (بلوئر) لڳائڻ ضروري آهن جيئن خراب گئس ٻاهر ڪڍي سگهجي ۽ ٽڏاڻ پڻ چؤڏاري هڪ جيتري ورهائجي.

اسان کي جيئن تہ ان ڪارگو جي اڳواٽ خبر نہ هئي سو ان وقت اهڙو بندوبست نہ هو. بهرحال پاندن کي ان مقرر ٽيمپريچر جيترو ٽڏو ڪرڻ لاءِ يڪدم ان جون مشينون Refrigerating Compressors هلاياسين. ان ۾ ٻہ ڏينهن لڳي ويا. ان کان پوءِ تي ڏينهن تي راتيون لڳاتار، ملايا جا بندرا مزور پنهنجي قد کان ٻہ ڏگهيون مڇيون جهاز تي چاڙهيندا رهيا ۽ اسان کي ايترو وقت ملڻ ڪري، نہ رڳو پينانگ پر سؤ ميل ڏورانهون شهر پورٽ ڪلانگ (جيڪو اڳ ۾ پورٽ سويٽن هام سڏبو هو) پڻ ڏسڻ لاءِ ملي ويو.

جيڪا مڇي هتان کڻي رهيا آهيون سا مون پهريون دفعو ڏٺي آهي. هڪ هڪ مڇي ڇهہ فٽن جي آهي. ٽرڪن ۾ ڪڇي جهاز وٽ پهچايون وڃن ٿيون. اتان وڏين جارين ۾ وجهي ڪرينن رستي جهاز جي ڊيڪ تي رکيون وڃن ٿيون. جتان ٻہ ٻہ مزور مڇيءَ کي اندر کڻي پاندن ۾ رکن ٿا. اهو ڪارگو لاس اينجلس ۔ آمريڪا لاءِ آهي. هاڻي اتي ڏسجي تہ آمريڪي کهڙي نموني سان جلد جلد ٿا لاهين جو انهن وٽ هر ڪم لاءِ اهڙا طريقا آهن جو ٻين ملڪن کان ترٺُ ۽ سڪل آهن. هيءَ مڇي اتي ڳترا ڳتڙا ڪري ڪائڻ لاءِ ننڍن ڊبن ۾ بند ڪئي ويندي يا دوائن وغيره ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پڻ ڪم ايندي. بهرحال ملايا جا ماڻهو ۽ سندن حڪومت اهڙين شين کي باهرين ملڪن ڏي موڪلي چگو ناڻو ڪمائي رهيا آهن ۽ سندن سڪي جو ڏسندي ئي ڏسندي اگهه وڌي رهيو آهي. هتي هڪ عام مزور به ملايا جا اٺ ڊالر (ٻٽيهه روپيا) روز ڪمائي ٿو، جڏهن ته پاڻ وٽ ان جي اڌ جيترو به ناهي.

هتان ملايا مان باهرين ملڪن ۾ وڪري لاءِ شيون موڪلڻ تي ڪابه جهل پل يا ڪو ٻيو ڪٽراگ ناهي ۽ نه لائسنس جي ضرورت آهي ۽ نه ئي آفيسن جا ڦيرا ۽ ٻيا جهنجهٽ آهن. پاڻ سرڪار به همت افزائي ڪري ٿي ۽ سهولت ڏئي ٿي ته جيئن ماڻهو ملڪ جي نهيل سامان جي باهرين ملڪن ۾ مارڪيٽ ناهي ڏارين ملڪن جو ناڻو ڪمائين، جنهن مان ملڪ کي پڻ فائدو رسي. اسان جي ملڪ مان پڻ مڇي ۽ گانگٽ، يورپ ۽ آمريڪا جي ملڪن ۾ موڪليا وڃن ٿا. اڳ ۾ ته چٽگانگ ۽ چالنا مان ڏيڏر به موڪليا ويندا هئا. آمريڪا ۽ يورپ جي ملڪن ۾، خاص ڪري بيلجم ۾ ڏيڏرن جون ٽنگون ماڻهو وڏي شوق سان کائين ٿا ۽ انهن لاءِ اها شيءِ ائين لذيذ ۽ اڻلپ آهي جيئن پاڻ وٽ تتر يا ڪنيون.

جنهن پاڪستانيءَ پهرين ڏيڏر باهر موڪلي يورپ جي مارڪيٽ تي قبضو ڪيو هو، ان کي سابق صدر ايوب خان همت افزائي خاطر انعام پڻ ڏنو هو. جيڪڏهن باهريون ناڻو اسان وٽ اچي وڃي ته اسان جي رپئي جي قيمت پاڻهي وڌي وڃي. ۽ رپئي جي قيمت جي وڌڻ سان گهٽ ڪمائڻ وارو به سکي زندگي گذاري سگهي ٿو، جو جو شين جي قيمت پوءِ گهٽ لڳندي.

اسان جي ملڪن جا ماڻهو هٿ جي هنر ۾ پڙُ آهن ۽ هٿ جي هنرن، جهڙوڪ: جنڊي، ڪاشي، اوجو، پرت، چُر، ٽڪ وغيره جي آمريڪا ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

يورپ ۾ اڃڪلهه تمام گهٽو ڪپُ آهي. پهريون دفعو نيويارڪ جي ڀهڪندڙ علائقي ٽائيمس اسڪائر ۾ هڪ آمريڪن چوڪريءَ کي پرت جو گج پاتل ڏسي ڏاڍو تعجب لڳم. ان کان پوءِ ته ڪيترن ئي کي سنڌي پرت جا چولا ۽ گج ڏنا (هڪ دڪان تان گج جي قيمت پڇايم ته ڇهه ڊالر ٻڌايون حالانڪ اهڙو ساڳيو گجُ انهن ڏينهن ۾ اسان جي ڳوٺن ۾ ڇهين ستين روپئي ۾ ٿي مليو ۽ جيڪي عورتون اهي ناهين ٿيون انهن کي انهن جو اجورو ان جي به اڌ جيترو ملي ٿو.) پڇا تي معلوم ٿيو ته اهو سامان پاڪستان مان ايندڙ ڪجهه اتي رهندڙ آمريڪين ۽ هڪ به پاڪستاني کوجا ۽ ميمڻ واپاري موڪلين ٿا. ساڳيو قدر جنڊي، ڪاشي جي سامان، سوسي ۽ ڪاڌيءَ جي ڪپڙي جو ٿي سگهي ٿو. ۽ اهڙن ڳوٺن جي پورهيتن کي گهرجي ته هو گڏجي ڪا سوسائٽي، انجمن ناهي، پاڻمرادو سامان موڪلي پاڻ وڌيڪ ناڻو ڪمائي پنهنجون حالتون وڌيڪ بهتر بڻائين ۽ پنهنجي هٿ جي ائٽ ۽ ڪڃيءَ کي مشينريءَ ۾ بدلائين ۽ اڃا به وڌيڪ سامان ناهي ملڪ کي به فائدو رسائين ته پنهنجو پاڻ کي به.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هتي جون رنگين مڇيون ۽ پکي دنيا ۾ مشهور آهن .

هتي ملايا ۾ هڪ خاص ڳالهه اها آهي جو هر وقت جهُڙ لڳو پيو آهي ۽ بارش جام پوي ٿي، اها پڻ سني ڳالهه آهي جو اڪثر رات جو پوي ٿي. بارش ۽ جهُڙ ڪري ايتري گرمي محسوس نٿي ٿئي نه ته خط استوا جي ويجهو ملڪن ۾ صبح جا اٺ ئي مس ٿيندا ته سڄُ ذري گهٽ چوٽيءَ تي بينو هوندو. هنن ملڪن ۾ جي خيرپور جو همراهه هجي ها ته وڌيڪ دلشڪستو ٿئي ها جنهن بابت نجم قاضي (هاڻ آرمي ۾ ميجر) قصو ٻڌائيندو آهي ته سندس ڳوٺ خيرپور جي هن همراهه پهريون دفعو روزو رکيو ۽ ڪيس ٻڌايو ويو ته سج جڏهن وڃي الهندي طرف لهندو تڏهن روزو چوڙبو. اهو همراهه سج ايرڻ سان ذري ذري سج طرف ڏسڻ لڳو ته ڪيترو اڳتي وڌيو ۽ باقي ڪيترو پنڌ اٿس. سڄُ ٻارهين وڳي ڌاري پورو جوش ڏيکارڻ لڳو ۽ چوٽ تي پهچي چُرڻ جو نالو نه پئي ورتائين. اسان جي هيري جڏهن ڏٺو ته سج چرڻ جو نالو نه پيو ونئي ته ڪاوڙ ۾ اچي، چيلهه تي هٿ رکي، سج کي چيو، "ٻڏُ ٽڪ! ٻڌ ٽڪ!" سو خط استوا جي ملڪن ۾ ته سج نائين ڏهين ڪان ٽِڪَ ٻڌي بيهي ٿو.

ملايا ۾ بارش ۽ گرميءَ ڪري گهاٽا ٻيلا آهن. جن ۾ جهنگلي جانور ۽ پکي جام ٿين. هونءَ به سنگاپور، انڊونيشيا ۽ هتي جا پکي ۽ رنگبرنگي مڇيون مشهور آهن. ڪراچيءَ جي ماهي خاني ۾ اڌ کان وڌيڪ مڇيون مٽين ملڪن جون آهن. ٻيلن جي هئڻ ڪري ڪاٺ سستو آهي. ان ڪري ڪيترائي گهر ڪاٺ جا نهيل نظر اچن ٿا. ان کان علاوه

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

فرنيچر پڻ سستو ملي ٿو. ملايا جي خاص پوک ربڙ آهي. جتي ڪٿي، چؤڌاري ربڙ جا ڍڳا ڍڳا وڻ ۽ انهن مان هتي جون عورتون ربڙ ڪيندي نظر اچن ٿيون. معدنيات ۾ شيهو جام ٿئي ٿو ۽ سڄي دنيا مان هتان درآمد ٿئي ٿو. ان کان سواءِ هنن ملڪن جهڙوڪ: ملايا، انڊونيشيا، سينگاپور، سلون ۾ گرم مسالو، ڪارا مرچ، لونگ، ڦوٽا، ادرڪ ۽ ڪاڄا تمام گهٽا سستا آهن. ملايا ۾ ته پهچڻ سان پان کائيندڙن لاءِ عيش ٿي ويو. هتي جا پان شايد ڏاڪا جي پانن کان به سنا آهن جو جنهن ٿي کاڌو تنهن تعريف ڪئي ٿي ته ڄا لاجواب پان آهي ـ بلڪل نرم ۽ ملائم.

هتي ملايا ۾ ڪجهه ته تمام وڏيون هوٽلون آهن جيئن ته پينانگ ۾ هوٽل ائمبسدر، هوٽل ڪانٽينينٽل، هوٽل ملائيشيا، هوٽل مئنڊارن، هوٽل مرلين، هوٽل پام بيچ وغيره جيڪي ڪراچيءَ جي ڪانٽينينٽل، ميٽروپول ۽ جبيس جهڙيون آهن. انهن هوٽلن بابت وڌيڪ اجايو لکي پڙهندڙن کي بور نه ڪندس. وسعت سارو رهائش لاءِ ڪنهن هوٽل کي ڳولڻ اڇڪلهه جي ٽريول ايجنسين آسان ڪري ڇڏيو آهي. هنن وٽ ۽ هر ملڪ جي هوائي اڈي يا بندرگاهه تي توهان کي ان ملڪ جي هوٽلن بابت معلومات ملي سگهي ٿي. اسان ته رهون جهاز تي، پر ڪڏهن ڪڏهن سرڪاري طرح هوٽل ۾ رهڻو پوندو آهي، جڏهن هڪ جهاز تان ٻئي جهاز تي بدلي لاءِ هوائي جهاز رستي ٻئي ملڪ ۾ موڪليندا آهن. يا نئون جهاز خريد ڪرڻ لاءِ، جهاز جي تياريءَ کان اڳ هوٽل ۾ رهڻو پوندو آهي. يا ڪڏهن ڪڏهن جهاز تي جيتن جڙن کي مارڻ (Fumigation) لاءِ زهريلي دوا ڇڻڪاري ويندي آهي ته ان صورت ۾ جهاز جو سڄو عملو هوٽل ۾ وڃي رهندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن جهاز تي ڳري مرمت پئي هلندي آهي (جنهن ۾ آواز ۽ گوڙ شور ٿئي) تڏهن به هوٽل ۾ رهندا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آهيون. يا پئسا وٺي پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪنهن پيئنگ گيسٽ هائوس ۾ وڃي رهندا آهيون جو وڌين هوٽلن کان اهڙا گهر سستا پون ٿا. اهڙي نموني سان ڇڪن ملڪن جي هوٽلن ۾ رهڻ ٿيو آهي پر جتي به رهيو آهيان تہ اهو اندازو لڳايو اٿم تہ ان قسم جون وڏيون ۽ پُرتڪلف هوٽلون، پئسي ڪمائڻ جا اڏا آهن ۽ انهن جو خرچ، هڪ عام سياح، خاص ڪري ايشيا جي اسان جهڙن غريب ملڪن جو رهاڪو، برداشت نہ ٿو ڪري سگهي. امير ملڪن جا باشندا ۽ واپاري يا آفيسر تہ برداشت ڪري سگهن ٿا. باقي بين عام سياحن ۽ شاگردن لاءِ جيڪي پئسي کي به خيال ۾ رکن ٿا انهن لاءِ پيئنگ گيسٽ هائوس، مختلف هاسٽلون ۽ ائسوسيئيشن جون جڳهيون بهتر ۽ سستيون آهن.

ملايا ۾ ڪاڏي پيتي جون نندڙيون هوٽلون، ايراني نموني جون يا بولٽن مارڪيٽ ۾ هڪ هندوءَ جي تاج هوٽل جهڙيون هوٽلون، چينين يا مدراسين جون جام ملنديون. چيني هوٽلون فقط پاڪستان ۾ ئي خوبصورت، صفائي واريون ۽ لذيذ ڪاڏو پيش ڪنڍ ٿين، جو هو اسان جي طرز جو، اسان جي سواد مطابق مرچ مسالو وجهي ڪاڏو رڌين ٿا. باقي هتي جي چيني هوٽلن ۾ گندگي ۽ بدبوءِ تمام گهٽي آهي. اجا مدراسين جون هوٽلون مڙيئي بهتر آهن ۽ ڪاڏو به سوادي اٿن. ايتري قدر جو ڪيترا چيني ۽ ملئي ماڻهو به انهن هوٽلن ۾ پاڪستاني ۽ هندستاني ڪاڏا ڪائيندا نظر ايندا. هتي ڪوپري جو تيل ۽ آسٽريليا کان ايندر گيهہ جو استعمال عام ٿئي ٿو. ڪاڏو ڪافي سستو آهي. اڦراٽا ۽ مانيون ميدي جون به ناهين تہ اٽي جون به. ان کان علاوه چانور ۽ نوڊل Noodles (سئيون) گهٽيون ڪاڏيون وڃن ٿيون.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مئرين اڪيڈمي چٽگانگ ۾ 1963 جا ڪلاس ميٽ چاليهه سال بعد 2003 ۾ ڪراچيءَ ۾. ساڄي کان کاٻي: ڪئپٽن عرفان دار، ڪئپٽن عمران انصاري، چيف انجنيئر الطاف شيخ ۽ ڪئپٽن افتخار احمد.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

يوگو سلاويا مان سندربن نالي نئون جهاز آٽڻ وارا. الطاف شيخ اڳيان وينلن جي وچ ۾. فوٽو 1969.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

چٽگانگ ۾ تعليم دوران ڪشتي راني، سال 1963. الطاف شيخ ڪابي ڪ ان بيو نمبر، ساڄي پاسي عمران انصاري آهي. ڪابي پاسي سيف الرحمان ۽ ان جي پٺيان انضار احسن پاسيرو بيٺل تجمل حسين آهي ۽ ويٺلن ۾ قمر اعظم.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مسافر بردار فيري

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

1981ع ۾ الطاف جو هڪ جهاز چٽگانگ ۾ آيو هو جتي هو پنهنجي ڪلاس ميٽ چيف انجنيئر صلاح الدين سان گڏُ. اڳيان الطاف شيخ جي ننڍي ڏيءَ مارئي عطيہ.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جپان ۾ جهاز جي اڳيان الطاف شيخ جي گهرواري مستوران گهلو ٻارن سان گڏ.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪوئين ميري جهاز

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

فوٽو 1976. لورپورل انگلنڊ. الطاف شيخ پنهنجي گهرواري مستوران ۽ ڏيءَ مريم سان گڏ جهاز جي ڪئپٽن سان گڏ.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پورٽ ڪلانگ جي هوٽل جي مانيءَ

ملايا جي ٻئي شهر، پورٽ ڪلانگ ۾ دائود هوٽل ۾ مانيءَ جي ارادي سان اندر گهڙياسين. عام ٽيبل ۽ ڪرسيون پيون هيون. هڪ ڏکڻ هندستان جو ڪارو سنهو ماڻهو ڪاڏو پڇڻ لاءِ آيو. ساڻس اردو ۾ ڳالهايوسين ته وائڙن وانگر نهاريڻ لڳو، جو هتي سڀ ڏکڻ هندستان جا باشندا تامل زبان ڳالهائين ۽ اڙدو ته چا پر هندي به ڪونه سمجهن. ريڊيو سلون تان شام جو ساڌي ڇهين ڪان اڳ جنهن زبان ۾ پروگرام ايندو آهي، اها تامل آهي. پهرين اهو سوچيندو هوس ته تامل زبان ته فقط مدراس، بئنگلور پاسي ڳالهائي وجي ٿي، ان کي ايتري اهميت ڇو آهي. هتي اچي معلوم ٿيو آهي ته ملائيشيا ۽ سنگاپور پاسي تامل ڳالهائيندڙ تمام گهٽا آهن. ان کان علاوه انگريزي پڻ عام ڳالهائي وجي ٿي. اسان جي اڙدو ڳالهائڻ تي هو اسان کان پڇڻ لڳا ته اسان اها ڪهڙي زبان پيا ڳالهايون. اسان کين ٻڌايو ته اها اڙدو آهي ته وائڙن وانگر نهاريڻ لڳا. ٻئري کان پڇيوسين ته، "مادري زبان چا اٿئي." چوڻ لڳو ته: "هندي" اسان چيس، "پر تون اڙدو ته تمام صاف ڳالهائي سگهين ٿو."

"اڙدو؟!" هو اسان کي گهورڻ لڳو. "اڙدو ته مونکي ڪانه ٿي اچي!"

"اها هينئر جا اڙدو ڳالهائي!" اسان چيس.

"اوهه! اها ته هندي زبان آهي." ۽ اسان جي بيوقوفيءَ تي کلڻ لڳو. ڪاڏي لاءِ اسان ٽنهي دوستن مختلف آردر ڏنا. هڪ چڪن فرائي، ٻئي سادا چانور ۽ ٻوڙ، ٽئين مانيءَ ٻوڙ. هو پنهنجي اچي ڏوتيءَ جو پلئه

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

نيڪ ڪندو ويو ۽ پهرين سلاد ڪٽي آيو. جنهن ۾ ونگن، ٽماٽن ۽ بصرن جي ڪاتر هئي ۽ مٽان ٽماٽو ساس پيل هئي. پاڻيءَ بدران هتي مانيءَ تي ڪوڪا ڪولا، ناريل يا ڪمند جو رسُ پيئن. پاڻيءَ لاءِ اسان جتي به گهر ڪئي ٽي ته بيدليءَ سان تازو پاڻي آڻي اڳيان ٽي رکيائون. ٽڏي پاڻيءَ لاءِ چار آنا الڳ. ڪاڏو اسان سپني کي تمام گهٽو وڻيو. (ٽي سگهي ٽو ته سڄي ڏينهن جي بُک هئيسين، انڪري) ڪڪڙ جو هتي سڄو ٽڪر ڏيڻ بدران، ان جا ننڍڙا ننڍڙا ٽڪرا چانورن سان گڏ فراءِ ڪري ڏنا وڃن ٿا. ان کان علاوه گانگٽن ۽ آمليٽ جا ٽڪر، ساوا مرچ ۽ ڏاڙا پڻ چانورن سان مليل هئا. ڪنڊ تي وڏي ٽئي تي هڪ همراهه اقراڙا پچائي رهيو هو. سندس اڳيان کوپري ۽ گيهه جا ڏار ڏار ڏبا هئا ۽ گراهڪ جي مرضيءَ مطابق استعمال ڪري رهيو هو. اتي جا به پيڙا ڪٽي، الڳ الڳ مانيون ناهي ملائين ڪونه ٽي، پر هڪ ئي لپي مان تمام وڏي قطر جو سنهو تهه ناهي، ان جا پاسا ورائي، اوڏي ماني ٽي ناهيائين، جيڏي اسان وٽ عام آهي. ان اقراڙي جا اٺ آنا. چڪن رائيس جا ٽي روپيا، نوڊلس ٽالهيءَ جا به روپيا. ان کان علاوه مدراسي ۽ هندو گوشت نه ڪائيندڙ، چانور ڪائي رهيا هئا. انهن کي چانورن مٽان ٽورو رسُ ۽ پاڇي رکي ٽي ڏنائون: جنهن جو روپيو ڪن ورتو ويو ٽي. ناريل يا ڪمند جو رسُ به چئين آني مليو ٽي، پر هتي جو ڪمند ۽ ناريل تمام لذيذ آهي. پڙهندڙ سوچي رهيا هوندا ته مون کي چا ٽي ويو آهي جو اڃڪلهه قيمتون به لکندو وڃان.

ڪراچي ڇڏڻ وقت 'هلال پاڪستان' جي ايڊيٽر سراج الحق چيو هو ته: "يار سفرنامي کي اجا ڪجهه تفصيل سان لکُ، ٽي سگهي ته شين جون قيمتون به ڏي، جيئن اسان کي اندازو ٿئي. ۽ ان کان علاوه ٻين ملڪن جي شادين مُرادين ۽ مرڻي پرڻي جون رسمون ۽ رواج پڻ لکندو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪر.“

سو جيڪڏهن ڪو پڙهندڙ اڳهن جي لسٽ يا اڳتي ڪٽي بنا دعوت جي شادي ۾ شريڪ ٿيڻ جو احوال پڙهي بور ٿئي تہ سراج صاحب کي ئي شڪايت جو خط لکي سگهي ٿو، جو ان ۾ منهنجو ڏوهہ ڪونهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ملايا جي رڪشا جڳ کان نرالي

مللايا جي شهر بٽرورٿ، پورٽ ڪلانگ يا پينانگ ۾ جا خاص شيءِ، جنهن تي پهرين ڏيان اسان جي ملڪ جي ماڻهن جو ڇڪبو ، سا آهي هتي جي سائيڪل رڪشا، جنهن کي 'ٽراءِ رڪشا' سڏين. ڪنهن زماني ۾ ڪراچي ۾ به اهڙيون سائيڪل رڪشائون هلنديون هيون، جن کي اڳيان هلائڻ وارو سائيڪل تي ويهي هلائيندو هو، پر پوءِ 1955ع ۾ بند ٿي ويون ۽ ان جي جاءِ آٽو رڪشا (Auto-Rickshaw) ورتي، جنهن ۾ اڳيان موٽر سائيڪل آهي. هتي ملايا ۾ آٽو رڪشا ته بلڪل نظر ڪانه ٿي اچي، باقي سائيڪل رڪشا عام آهي. ان ۾ خاص ڳالهه اها آهي ته هلائڻ وارو اڳيان نه هوندو آهي، پر پئسينجر اڳيان ويهن ۽ سائيڪل پنيان هوندي آهي. هن کي اڪثر چيني هلائين. ڪو ڪو ڊرائيور سڪ به نظر اچي ٿو. هڪ چيني ڊرائيور کي چيم، "اسان جي ملڪ ۾ ته رڪشا هلائڻ وارو اڳيان ويهندو آهي ۽ پئسينجر پنيان." تعجب مان نهاري، ڪجهه سوچي چوڻ لڳو، "نه بابا نه. اهڙو جوکو اسان ڪٽي نه ٿا سگهون. حادثو ٿئي ته رڪشا به اسان جي پڄي ۽ مرون به پهرين اسان."

مزي جي ڳالهه اها ته پئسينجر جي حالت خراب تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن اوچتي خطري جي حالت ۾ ڊرائيور ڪٽي بريڪ هٽندو آهي ۽ اڳيان وينل سجو اڇلجي ويندو آهي ۽ ذري گهٽ هيٺ ڪرڻ تي هوندو آهي. باقي هتي ٽئڪسي ڊرائيور سڪ نظر ايندا. ان کان علاوه هر بئنڪ اڳيان يا ڪنهن هوائي ڪمپني، انشورنس ڪمپني جي اڳيان پوڙها سڪ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

چوڪيدار نظر ايندا. ائين سمجهڻ ڪپي ته سڪ معنيٰ چوڪيدار ۽ چوڪيدار معنيٰ سڪُ. جيئن اسان وٽ اڪثر پناڻ چوڪيدار بڻنڪن جي اڳيان نظر اچن ٿا.

هڪ ڏينهن فيريءَ جي انتظار ۾ هوس، پرسان هڪ ننڍڙو ٻارڙو پڻ بينو هو. ڪانئس پڇيم، "توهان جي ملڪ ۾ ڪهڙيون قومون رهن ٿيون." چوڻ لڳو، "چيني، ملئي، انڊين ۽ پنجابي"

"پنجابي ــ؟ مون ڪي ته ڪو پنجابي ائين ظاهر ظهور نظر نٿو اچي ۽ پنجابي، سنڌي، گجراتي، ڪوڃا، سڀ انڊين ۾ اچيو وڃن."

سامهون ٻه سڪ، پنهنجي زالن ۽ ٻارن جي ٽيم سان پئي آيا، ٻار انهن طرف اشارو ڪري چيو، "اهي آهن پنجابي" سڪ پاڻ طرف اسان کي نهارينڊو ۽ اشارو ڪندو ڏسي، اچي اسان جي پاسي ۾ بينا ۽ حال احوال ونڊ لڳا. پاڻ ملايا جا ئي شهري هئا. ٻڌايومان ته ڪراچيءَ کان آيو آهيان. چوڻ لڳا ته: "هتي ملايا ۾ ته پاڪستاني ڪو ورلي نظر اچي ٿو. باقي هندستانين سان پريو پيو آهي. انهن مان ڪي هتي جا پراٽا رهاڪو آهن ۽ ٻيا ويجهڙائيءَ ۾ نوڪرين خاطر ڊاڪٽر، انجنيئر، ڊرائيور، مزور هندستان کان آيا آهن ۽ ايندا رهن ٿا." پاڻ پنجابيءَ ۾ ڳالهائي رهيا هئا. هتي اڪثر سڪ جتي ڪٿي نظر اچن ٿا. هوٽلن ۾، سئنيمائن ۾، رستن تي گس پنڊ ملاقات ٿيندي رهي ٿي. سڪ پري کان ئي پڌرو. سندس وڏي ڏاڙهي ۽ خاص انداز جو پٽڪو نشانيون آهن. هڪ سئنيما ۾ ٽن نوجوان سکن سان ملاقات ٿي. هنن ڪي منهنجي سنڌي ٽوپي پسند اچي وئي ۽ مون کي سندن پٽڪا، سو نموني خاطر هڪ گروپ فوٽو ڪڍايوسين.

هڪ دفعي پينانگ کان واپس 'بٽروورٿ' فيري ۾ پهتس. اسان جو جهاز بٽروورٿ شهر جي فيري اسٽيشن کان ٻه فرلانگ کن پري بينل هو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مون وٽ پاڻ سان گڏ ڏوبيءَ وٽان ڪنيل ڪپڑا ۽ ڪجھ اخبارن ۾ رسالن جو پارسل ھو. رڪشا ۾ ئي وڃڻ چاھيم ٿي، پر رڪشا وارا ٻہ مون کي ڏاريون سمجھي گھٽي پاڙي ڪيڙ جي آسري تي ورائي ويا. سي ڏھ روپين کان مٿي پاڙي جي گھُر ڪرڻ لڳا. پنھنجي ملڪ ۾ ڪيترو ٻہ ماڻھو خرچ ڪندي فڪرمند نٿو رھي جو ضرورت وقت وري ٻہ دوستن مائٽن کان اوڌر جو آسرو رھي ٿو يا ڪمائي سگھجي ٿو، پر گھمڻ لاءِ ٻاھرين ملڪن ۾ مقرر زرمبادلي (ناڻي) مان ئي سي ڪجھ ڪرٽو پوي ٿو ۽ حساب ڪتاب اھڙو رکٽو پوي ٿو، جو آخري ڏينھن اھو ملڪ ڇڏڻ وقت ان ملڪ جو نہ سکو بچي ۽ نہ ان کان اڳ ختم ٿي وڃي.

رڪشا وارن چينين ڏنو تہ مرغو واھہ جو ڦاٽو آھي، پنڌ ڪٽي ويجھو اٽس پر سامان اٽس، سو ضرور رڪشا ۾ ھلندو. اتي ھڪ سڪ، ٽئڪسي ڊرائيورن جي وردي ۾ نظر آيو، تنھن کي چيم: "مون کي ڪا رڪشا پاڙي تي ڪري ڏي. آڻ تہ ھنن سان پاڙو طي نہ ٿو ڪري سگھان." تنھن چيو، "منھنجي ٽئڪسي خراب آھي نہ تہ ان خدمت لاءِ حاضر آھيان." (مڙئي پنھنجي نڙت واري انداز ۾ چوڻ لڳو). پوءِ اڳتي وڌي ھڪ رڪشا واري کي ملئي زبان ۾ ڪجھ چيائين ۽ مون کي ٻڌايائين تہ ڪيس فقط ٻہ روپيا ڏيان. رڪشا وارو اڳتي ھلي بندرگاھ جي در وٽ اڇي بيھي رھيو. چيومانس، "اندر جھاز تائين ھل اجا اڌ ڪان وڌيڪ پنڌ رھجيو ٿو وڃي." چوڻ لڳو، "اندر رڪشا کي وڃڻ جي اجازت ڪانھي" سوچيم تہ اھڙي ڳالھہ اڳ ۾ ڪري ھا تہ ٽڪر رستي لاءِ آڻ پاڻھي پنڌ ڪري وڃان ھا. پڪ ڪرڻ لاءِ گيٽ تي بينل پوليس واري کان پڇيم تہ رڪشا کي اندر اڇڻ جي جھَل آھي ڇا؟

"ھا، شام جي وقت رڪشا يا ٽئڪسي کي اندر بندرگاھ ۾ وڃڻ

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جي اجازت ناهي.“

”عجيب ڳالھ آهي. هي تہ سامان گھٽ آهي، جي گھٽو هجي ها تہ جهاز تائين ڪيئن کڻي سگھجي ها.“ مون چيو.

”ان صورت ۾ اسان رعايت ڪريون ها.“

”يا سامان بہ نہ آهي، پر ڪو چاق ناهي. تہ پوءِ“

”ان صورت ۾ بہ اسان رعايت ڪريون ها.“ پوليس واري کلي جوابُ ڏنو.

”تہ پوءِ سمجھو تہ آءٌ بيمار آهيان. هلي نہ ٿو سگھان.“

”تہ ان صورت ۾ سائين توهان ٻاهر گھمڻ نہ وجو ها. جهاز تي ئي آرام ڪريو ها.“ هو وري مون تي کلڻ لڳو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سڪڻ جو ذڪر

هڪ دفعي ملايا جي شهر ڪلانگ ۾ دوائن جي دڪان تان مٿي جي سور جون گوريون ونڻ نڪتس. دوائن جو دڪان بند هو ۽ ٻئي ڪنهن هنڌان ملڻ جي اميد گهٽ هئي. اسان جي ملڪ ۾ ٻي ڪا شيءِ ملي يا نه ملي پر هر هوٽل ۽ پان ٻيڙيءَ جي پيدبيءَ تان مٿي جي سور جون گوريون ساريدان، ڪوڊو پائرين، انلجين وغيره ضرور ملنديون. اهي نه ته ائسپرو يا ڊسپرو ته هر هنڌان ملي سگهنديون. پر ملايا ۾ مٿي جي سور منجهائي ڇڏيو. پر ۾ هڪ ٻئنڪ اڳيان هڪ 'سڪ سردارجي' بينو هو ڪيس پنهنجي من جي منشا ٻڌايم ته ڪو ائسپرو ڊسپرو جو ڏس ڏي. پنهنجي مخصوص ادا ۾ چوڻ لڳو، "او سرڪار، مون چيو، گهٻرايو چوٿا. هي غريب بندو ڪڏهن ڪم ايندو." ٻئنڪ جي پاسي ۾ سندس هڪ نندڙو ڪاڻ جو ڪمرو هو، تنهن کي کولي، ملايا ۾ واپرائڻ ۾ ايندڙ گوريون 'ڊيوسل' ڏنائين. سندس سڄو ڪمرو چوڪرين جي ڪئلينڊرن سان ڀريو پيو هو.

مون سان گڏ جهاز جو ريفريجريشن انجنيئر محمود پڻ هو. تنهن چرچي ۾ چيس ته: "سردارجي ڪمرو نندو اٿئي پر چوڪريون سڄي دنيا جون پالي رکيون اٿئي"

جواب ۾ ڪلي پڇڻ لڳو، "ڪجهه ڪئلينڊر ڪپن؟"

محمود چيس: "چرچا پيا ڪريون." پر سردارجي ڪٽي مڙڻ وارو هو. ڪئلينڊر هڪ هڪ ڪري لاهيندو ويو. اسان پيا 'بس بس' ڪريون پر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هي چوڻ لڳو، ”منهنجي هونءَ ئي بدلي ٿي چُڪي آهي. هن ڪمري تي ڪو ڏاريون، هتي جو چيني يا ملئي اچي قبضو ڪري، تنهن کان توهان کي چونہ ڏئي ڇڏيان.“ ۽ اسان هن جي ان حرڪت تي ڪلندا رهياسين. ٽيبل تي گرونانڪ جون ٻہ وڏيون تصويرون رکيل هيون. هڪ ڪٽي اها ٻہ ڏيڻ لڳو. محمود چيس، ”اها نہ ڪپي“ مون ڏٺو تہ سردارجي جو منهن ئي لهي ويو. مون ڪانئس اها ٻہ تصوير وٺي چيو، ”اها ٻہ برابر ڪپي.“

مٿي سڪن جو ذڪر ڪرڻ مان منهنجو مقصد فقط اهو آهي تہ مون کي اڪثر جيڪي سڪ مليا، تن سان ملي اندازو لڳايو اٿم، تہ هو ٻين هندستانين کان، خاص ڪري واپارين کان گهٽو مختلف ۽ دل جا صاف آهن ۽ ان کان علاوه خوش مزاج ۽ چرچائي پڻ آهن. ساڳي وقت مون کي 1961ع کان سڪن جو نفسياتي خوف وينل هو، سو پڻ ملايا پهچڻ سان دور ٿي ويو. 1961ع ۾ اسان نائين ڪلاس ۾ هئاسين ۽ ڪئدٿ ڪاليج طرفان ’سي ۔ اسڪائوٽنگ‘ جي سلسلي ۾ انديا جي مختلف شهرن آگره، لکنو، دهلي، امرتسر ۽ ڪلڪتي ويا هئاسين. تن ڏينهن ۾ اڄا ميٽرن واريون ٽئڪسيون نہ نڪتيون هيون يا ڪٽي نڪتيون ٻہ هيون تہ ڪراچي ۾ هجن، پر هيڏانهن اسان ڏي حيدرآباد ۾ نہ هيون جو ڏسي سگهجن.

ڪلڪتي ۾ علي رضا ميمڻ، نصير قاضي، نجم انصاري (هاڻ پاڪستان نيوي ۾ ڪمانڈر) ۽ آءٌ گڏ گهمڻ لاءِ نڪتاسين. واپسي تي رستو پلجي وياسين، سو هڪ سڪ ٽئڪسي ڊرائيور کي هلڻ لاءِ چيوسين. هو ٽئڪسيءَ جو ميٽر ڪيرائي هاڻ هلڻ وارو هو تہ مون ٻہ ساڳيو عمل ورجايو يعني ميٽر کي مٿي ڪري وري هيٺ موڙيو. منهنجي ائين ڪرڻ تي سڪ سڄو ڳاڙهو ٿي ويو. ٽئڪسيءَ مان نڪري،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اکيون ڦاڙي دانهن ڪري چوڻ لڳو، ”هي ڇا ڪيئي؟ هي ڇا ڪيئي؟ هي ٽئڪسي منهنجي مالڪ جي آهي. هاڻ هو مون کان وڌيڪ پئسا وٺندو.“

آڻٿ گهبرائجي ويس ۽ سوچڻ لڳس تہ شايد ائين ڪرڻ سان هن جو ميٽر پيڇي رکيو اٿم ۽ دل ۾ سوچڻ لڳس تہ جيڪي مون وٽ سؤ روپيا آهن، انهن مان هن جو ڪم ٿي وڃي ۽ منهنجي جان ڇٽي. آخر دل ٻڌي چيو مانس، ”ڪيترا پئسا توکي مالڪ کي وڌيڪ ڏيڻا پوندا؟“

چوڻ لڳو، ”چار آنا.“ ۽ آڻٿ سندس هٿ تي روپيو رکي اڇي ٽئڪسيءَ ۾ وينس. پر ۾ علي رضا وينو هو، تنهن چيو، ”يار، همراهه دانهون اهڙيون ڪيون، جو اسان بہ گهبرائجي وياسين تہ متان سڃي موٽر جا پئسا پرائي نہ وني.“

پوءِ معلوم ٿيو تہ ميٽر کي هيٺ ڪرڻ سان شروعات جو ’گهٽ ۾ گهٽ‘ پاڙو چار آنا وڌي ٿو ۽ بين پئسن سان جوڙ ٿيو وڃي، جنهن موجب سڃي ڏينهن جو حساب مالڪ ڊرائيورن کان ونن ٿا ۽ ان مطابق ئي کين پگهار يا ڪميشن ڏيڻ ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ملايا جي مسجد ۾

بٽرورٿ شهر ڪان جهاز تي ايندي رستي تي بندرگاهه وٽ هڪ ننڍڙي مسجد اچي ٿي. هڪ ڏينهن رڪشا بيهاري ان کي ڏسڻ ويس. هتي جي بندرگاهه وارو علائقو بهراڙي وارو علائقو آهي، جتي گهر ۽ ڪاڻ جا آهن ۽ چٽگانگ وارو نمونو لڳي ٿو. برسات ڪري ڇؤڏاري ڍڳهو ڍڳهو گاهه، پيرن اگهاڙا ٻار ۽ جهوپڙيون آهن. مسجد ان رستي جي ڪپر تي آهي. صبح جا نُو ٽيا هئا. هڪ همراهه ٻهاري ڏئي رهيو هو. انگريزيءَ ۾ ٻڌايائين ته پاڻ ملئي (ملايا جو اصل باشندو) آهي ۽ ملايا ۾ سڀ ملئي، مسلمان آهن.

ملايا جي چينين ۾ کي ڪرسچن آهن، کي ٻڌ، ڪن کي پنهنجا پراڻا چيني مذهب آهن ۽ کي ٿورا منجهن مسلمان ٻ آهن. ڏور اوپر جي هنن ملڪن ۾ چوٽين صديءَ ۾ انڊين اچي هندو ڏرم ۽ ٻڌ ڏرم پکيڙيو. اسلام جو پرچار پندرهين صديءَ ۾ عرب واپارين ۽ تبليغ وارن پهرين ملاڪا رياست ۾ ڪيو ۽ 1450ع ڌاري سڄي ملاڪا مسلمان رياست بنجي وئي. ملاڪا، ملائيشيا ۾ سڀ کان جهونو شهر ليکيو وڃي ٿو. پينانگ ٻيٽ ڪان ساڍا تي سؤ ميل ۽ سينگاپور کان ٻ سؤ ڪن ميل جي مفاصلي تي آهي. هيءَ رياست چانورن، ربڙ ۽ ناريل جي پوک ڪان مشهور آهي.

ملايا جي ڳوٺ جي مٿئين مسجد جيڪا بٽرورٿ جي بندرگاهه ۾ آهي، ڪافي ڪشادي ۽ خوبصورت لڳي. اندر ٽائلس جو فرش آهي ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ملايا جون عمدي قسم جي سنهن ڪکن مان نهل نکون وڃايل هيون. اندرين در وٽ بوردِ ٽنگيل هو، جنهن تي نماز جا ٽائيم انگريزي ۽ عربي زبان ۾ لکيل نظر آيا. ظهر نماز جو وقت ڪجهه اسان جي وقت کان اڳيرو لکيل هو. شايد منو هڪ يا ساڍا ٻارهن هو. پوڙهو امام مون کان پڇڻ لڳو: "تون به مسلمان آهين ڇا؟"

وراڻيومانس: "ها. الحمد الله"

پڇڻ لڳو: "ڪهڙو مسلمان آهين؟"

"ڇو، مسلمانن جا به قسم آهن ڇا؟" مون چيو.

"منهنجو مطلب آهي ته حنفي آهين يا شافعي؟" انگريزيءَ ۾ پڇندو رهيو.

آءٌ مُنجهي پيس. هو سوال کي شايد آسان ڪري وري پڇڻ لڳو: "نماز وقت هٿ مٿيرو ٻڌندو آهين يا هيٺ تي؟ فاتح سورت کان پوءِ آمين آهستي چوندو آهين يا ڏاڍي؟"

چيومانس، "اسان جي ڳوٺ ۾ انصارين جي مسجد ۾ ويندو آهيان ته هٿ مٿيرو ڪري ٻڌندو آهيان. ڪکن جي مسجد ۾ ويندو آهيان ته ٻيو ڪو ٽوڪي ان کان اڳ ستڻ جا ور چڪي مرين تائين آڻي، نماز پڙهندو آهيان. بيروت ۽ قاهره جي مسجدن ۾ بنا ٽوپيءَ جي به نماز پڙهي اٿم. سينيگال ۽ دوحا قطر جي مسجدن ۾ سوٽ ڪوٽ ۾ به نماز پڙهي اٿم. پر هر هنڌ منهنجي ڏيان ۾ هڪڙو ئي خدا رهيو آهي، جو تنهنجو، منهنجو ۽ اسان سيني جو پالڻهار آهي."

پوڙهي کي منهنجي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. هو دل ئي دل ۾ مون کي بيوقوف قرار ڏئي، مون تي کلڻ لڳو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پچيومانس، ”نماز تي ڪيتري خلق ايندي آهي؟“

”هونءَ روزانو ٻہ ڪن صفون مس ٿيندیون آهن. پر جمعي نماز تي هيءَ مسجد پرجي ويندي آهي ۽ ٻاهر ٻہ صفون ٻڌبيون آهن. هتي مسلمان ڪافي رهن ٿا.“

سامهون ڪاڻ جي گهرن ڏي اشارو ڪري ٻڌايائين، ”هي سڀ ملئي (Malay) مسلمانن جا گهر آهن“

مسجد جي پرسان چانهہ پاڻيءَ جون ڪچيون هوٽلون هيون ۽ ڪُجهہ ننڍڙا دڪان پڻ. ملايا ۾ اسڪولن ۽ ڪاليجن کي انهن ڏينهن ۾ موڪلون هئڻ ڪري انهن هوٽلن اڳيان ڪيترائي شاگرد ڦري رهيا هئا. هڪ ڏارئين کي مسجد اڳيان ڏسي، انهن کي تجسس ٿيو ۽ ڪجهہ نوجوان وڌي پڇڻ لڳا تہ ڪٿي جو آهيان ۽ ڇا ڪندو آهيان. انهن مان ٻہ ڄڻا ذڪريا ۽ هاشم الدين چانهہ لاءِ زور ڪرڻ لڳا. پر آءٌ جلدي ۾ هوس. مون ڪانئن رستو پڇيو تہ ڪٿان ٽئڪسي ملي سگهندي جيئن آءُ پينانگ ويندڙ فيريءَ ۾، اوڏانهن وڃي سگهان. سندن گهر مسجد جي پٺيان هو. سائيڪلون اتي ڇڏي مون سان گڏ هلڻ لڳا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پڙهيل ٻڪ مري سگهي تو پر پورهيت نہ!

هاشم ۽ ذڪريا جا گهر ڪاڻ جا نهيل هئا ۽ ٽنين جي ذريعي زمين کان ٽي چار فٽ ڪن مٽي ڪنيل هئا. گهر هيٺ، نهيل پاندي ۾ ڪانيون، ٽوڪرا ۽ بيڪار سامان پيل هو ۽ ڪجهه ڪڪڙيون ۽ بدڪون ڇُڪي رهيون هيون. ذڪريا ٻڌايو ته هتي ملايا ۾ مسلمانن جي ڳوٺن ۾ ڇڙا گهر آهن، باقي چينين جا سِرن جا پڪا يا جي ڪاڻ جا آهن ته سندن بنياد عام گهرن وانگر پٽ سان مليل آهي. ذڪريا جو پيءَ ڪنهن ڪارخاني ۾ مستري هو ۽ هاڻي پوڙهو هجڻ ڪري رٽائرڊ ٿي چڪو آهي. سندس پيءُ ۽ ماءُ در وٽ ئي مليا. هن کين ملئي زبان ۾ ئي سمجهايو ته آءٌ ٻئي ملڪ مان آيو آهيان. ان بعد بن ٽن گهرن کان پوءِ هاشم جو گهر هو. هاشم جو پيءُ گذاري چڪو آهي ۽ گهر ۾ ماءُ ۽ پينرن سان رهي ٿو. پاڻ ٻڌايائين ته سندس ٻه وڏا ڀائر شاديءَ بعد ٻين شهرن ۾ رهن ٿا ۽ هڪ هندستاني چوڪريءَ سان شادي ڪئي آهي. سندس هڪ ڀيڻ جي شادي ٿيل آهي. پر هوءَ مڙس سان گڏ هنن سان رهي ٿي. سندس پينرون ۽ ماءُ ٻه در تي بيهي مون کي اندر اچڻ لاءِ چوڻ لڳيون. اوسي پاسي جي گهرن جون عورتون ۽ ٻار پڻ نڪري ڏسڻ لڳا ته هي ڏاريون ڪٽي جو آهي. جيئن اسان وٽ ڪراچي ته وڏو شهر آهي جتي دنيا جي هر ملڪ ۽ قوم جا ماڻهو هميشه نظر اچن ٿا. اتي ڪنهن ٻئي ملڪ جي ماڻهو جي اچڻ يا وڃڻ سان ڪو فرق نٿو پوي. پر ذرا سوچيو ٽنڊي قيصر يا ٽنڊي حيدر جهڙي ڳوٺ جي بازار مان ڪا آمريڪن چوڪري مني اسڪرٽ ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اچي لنگهي يا بختيارپور يا قلجي جهڙي ڳوٺ جي مارڪيٽ مان ڪو نائيجيريا جو شيدي ذاتيرن رنگن جي ڏگهي چوغي ۾ اچي لنگهي ته سڀ دڪاندار ۽ واٽهڙو، نندا توڙي وڏا ڪجهه گهڙين لاءِ پڪ ٻيا ڪم ڇڏي ان کي ڏسندا ۽ معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ته اهو ڪٿي جو آهي ۽ ڪيئن آيو آهي. ساڳيو عالم هتي مون سان هو.

ملايا جي ڳوٺن ۾ چيني عورتون ۽ چوڪريون بشرٽ ۽ پجاما اهڙي نموني جا پائين جهڙا اسان وٽ سليپنگ سوٽ ٿين ۽ ملئي وڏي عمر جون عورتون ڪيچي، ميمڙ ۽ ڪوجا عورتن جي چولن سان ملندڙ جلندڙ ڏگها چولا پيرن تائين پائين. نندي عمر جون عورتون ۽ چوڪريون گهرن ۾ ڪم ڪار وقت هڪ ئي رنگين گوڏ سان جسم کي ائين ويڙهين جيئن سندن بدن چاتيءَ کان گوڏن تائين ڍڪجي سگهي ۽ گوڏ جو مٿيون پلئه سيني جي وچ ۾ اٽڪائين.

اهڙي ڊريس ۾ هڪ چوڪري، جنهن کي انگريزي ۾ ٿوري گهٽي آئي ٿي، هاشم کي اچي چيوته مون کان پڇي ته اسان جي ملڪ ۾ عورتون ڪهڙي ڊريس پائين ٿيون.

"هرقسم جون پائين. پر اهڙي ڊريس (فقط گوڏ) ڇٽگانگ ۽ سلهٽ جي جابلو علائقن ۾ ڇڪمي ٻُڌ ۽ بنگالي چوڪريون پائين."

اسان ٽئي جڻا پوءِ گهمڻ لاءِ نڪتاسين. ذڪريا ۽ هاشم سڄو ڏينهن مون سان گڏ هئا ۽ گائيڊ جو ڪم ڪندا رهيا. شام جو وري جهاز تي مانيءَ جي دعوت ڏنيمان. ڪانئن ملايا بابت ڇڱي معلومات حاصل ٿي، پر سندن وات تي هر وقت اها ڳالهه هئي جا هر هر هنن ڪئي ٿي - ساڳي ڳالهه ملايا جي ٻين نوجوانن جي وات تي به هئي، جيڪي جيڪي مون سان مليا، اها هئي نوڪري ۽ روزگار بابت. هنن اها ئي شڪايت ٿي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪئي ته هتي نوڪري ڪانهي ـ اسڪولن ۾ ڪاليجن مان ته پڙهيو ٿا نڪرون پر نوڪري نه ٿي ملي ـ ڪا جڳهه ئي خالي ڪانهي. هر ڪنهن ٿي پڇيو ته پاڪستان ۾ جي اسان اڇون ته اتي نوڪري آسانيءَ سان ملي سگهندي.

اڄڪلهه سڄي دنيا ۾ بيروزگاري وڌي وئي آهي. چاهي آمريڪا هجي يا يورپ، آفريڪا هجي يا ايشيا. خاص ڪري ڪرسي ٽيبل واري نوڪري White Collared Job ته ملڻ مشڪل ٿي پئي آهي. ان ڪري اهي جيڪي تعليم، علم خاطر نه پر نوڪريءَ خاطر وڻي رهيا آهن، انهن کي ڪافي دلشڪستو ٿيڻو پوي ٿو. باقي هڻ جو پورهيو جاڻندڙ لاءِ جتي ڪٿي قدر ۽ ضرورت آهي ۽ هر روز دنيا جي هر ملڪ ۾ هر پورهئي جي قيمت وڌندي وجي پوءِ اهو ڏنڏو ڪٽي درزڪو هجي يا ڏوبڪو، رازڪو هجي يا وادڪو. اڄڪلهه هڪ پڙهيل ڏارين ملڪن ۾ بک مري ويندو پر ڪنهن پورهيت کي اهڙي تڪليف درپيش نه ايندي، چاهي هن کي ان ملڪ جي زبان سمجهه ۾ اچي يا نه. آمريڪا ۽ يورپ ۾ ته اهي ڏينهن ڪڏهوڪو اچي ويا آهن جو هڪ پورهيت، آفيس ۾ ڪم ڪرڻ واري کان گهٽو ڪمائي ٿو ۽ سکيو ستابو رهي ٿو. هتي ملايا ۾ اصل باشندن ملئين کان وڌيڪ چيني سکيا نظر اچن ٿا، جن پوءِ اچي رهائش اختيار ڪئي، ڇاڪاڻ جو هو هنرمند آهن. هڪ پوڙهي چيني درزيءَ ٻڌايو: ”منهنجو پُٽ يونيورسٽيءَ ۾ ايم.اي پيو ڪري، موڪلن ۾ مون کي مدد ڪرائيندو آهي. چيو اٽمانس جيڪو وٽئي سو پڙهه پر پڙهائي بعد ڏنڏو ڪرٽو اٽئي، اباڻو يا ٻيو پر پورهيو ڪرٽو اٽئي.“

هونءَ هتان جا چيني تمام گهٽو پورهيت نظر اچن ٿا. سندن گهر اهڙا آهن جو ان جو اڳيون حصو دڪان، پويون حصو رهڻ لاءِ آهي. بوٽن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جو دڪان هوندو تہ ڏسبو تہ سڄو گهر زال مڙس، ٻار ٻچا جوتن ناهڻ ۾ لڳا پيا هوندا. درزيءَ جو دڪان هوندو تہ بہ ساڳيو عالم. ايتريقدر جو ڪو ورڪشاپ هوندو تہ ان ۾ بہ مڙس ويلڊنگ پيو ڪندو، زال ڊينٽ پئي ڪڍندي تہ ڏيءُ يا پُٽ پالش پيو ڪندو. ۽ ٻيو ڪو ننڍو ٻار پاڻيءَ سان ڏوئيندو پيو ۽ صبح کان رات جو دير تائين ڪم ۾ رڌل رهندا. اهڙي محنت ۽ سڃاڻي ڪنهن ملڪ ۾ اچي وڃي تہ اهو ڪڏهن بہ پنڌتي نڏو وڃي سگهي. ڏسندي ئي ڏسندي هي ملڪ جيڪي ٻي جنگ عظيم تائين ڪجهہ بہ نہ هئا، يا جيڪي ڪجهہ هئن سو وڃائي وينا هئا سي هاڻ يورپ جي ملڪن سان ڪلهو هٽڻ جهڙا ٿي ويا آهن. هونءَ جيتوڻيڪ هتي ڪيترن ئي مذهبن ۽ ٻولين جا باشندا رهن ٿا، پر سيني جو مقصد هڪ آهي: ديس لاءِ محنت ڪرڻ ۽ ديس کي سڪيو ستابو بنائڻ.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڇا اڄان سنڌي سنڌ ۾ رهن ٿا؟

ملايا ۾ اسان جو شام جو ڪا فلم ڏسڻ هوندو هو. ملايا ۾ ڪيترن ئي زبانن جون فلمون ڏيکاريون وڃن ٿيون، جهڙوڪ: انگريزي، ملئي، چيني، انڊين وغيره. انڊين ۾ ٻن زبانن جون ڏيکاريون وڃن ٿيون: تامل ۽ هندي (جنهن کي پاڻ اڙدو چئون ٿا. فرق صرف ڪجهه سنسڪرت ۽ فارسي عربي لفظن جو معلوم ٿو ٿئي) آفريڪا ۽ يورپ ۾ هندي فلمن جي سڌي مارڪيٽ آهي ۽ اتي جا شيدي ۽ گورا پڻ اهي فلمون ڏسن. اتي ڪڏهن ته ايتري رش ٿئي جو ٽڪيٽ بليڪ تي وڪامندي آهي. هتي پينانگ ۾ پهريون ڏينهن هندي فلم، "هاڻي ميري ساڻي" ڏسڻ ويا سين. (پهريون دفعو خبر پئي ته هندستاني ۽ پاڪستاني ائڪٽرن کان جانور سڌي ائڪٽنگ ڪن ٿا.) سڄو هال تقريبًا خالي هو. ڪجهه انڊين ڪنڊ پاسي ۾ ويٺل نظر آيا ٻيو مڙيئي خير، جيتوٽيڪ رنگين ۽ نئين فلم هئي ۽ اڄا پهريون هفتو ملايا ۾ هوس. ساڳيو عالم ٻيو دفعو انڊين فلم 'رام اور شيام' ڏسڻ سان ٿيو. پوءِ خبر پئي ته هتي ٻه ڪنهن زماني ۾ انڊين فلمون اؤج تي هيون، پر ويجهڙائيءَ ۾ چيني فلمون گوءِ ڪڍي ويون آهن ۽ مختلف زبانن جا ترجما فلم سان گڏ ڏيکارڻ ڪري چيني زبان نه ڄاڻندڙ ٻه اهي فلمون ڏسڻ لڳا آهن. ان ڪري هندي فلمن جي مارڪيٽ ڪري پئي آهي.

هتي ملايا ۽ سنگاپور ۾ ته اسان وانگر 'سنڌي شو' صبح جو ٿئي ۽ ٻيو مڊنائيٽ شو ٿئي. اهو فقط آچر رات ٻارهين کان پوءِ شروع ٿئي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٻيا فلم شو روزانا چار ٿين. ٻارهين کان ٿي، ٽن کان ڇهه، ڇهن کان نَو ۽ چوٽون نائين کان ٻارهين تائين.

پينانگ ٻيٽ تي ڪيترائي هندو سنڌين جا ٻه دڪان آهن، پر ڪنهن سان ٻه ڇڳيءَ طرح ملاقات نه ٿي سگهي جو موقعو ئي ڪونه ٿي مليو. هڪ دفعو ٽرانسسٽر خريد ڪرڻ لاءِ ڪجهه دوست 86 بشاپ گهٽيءَ ۾ 'ڪي. دي. واسواڻي ۽ ڪمپني' نالي دڪان تي چڙهياسين. هڪ ارڙهن اوٽيهن سالن جو چوڪرو بينو هو. اسان پڇيس، "سنڌي آهين؟"

چوڻ لڳو: "ها."

ٻڌايوسينس ته: "اسان سنڌ کان ٻيا اچون. تنهنجا وڏا سنڌ جي ڪهڙي شهر سان تعلق رکن ٿا."

"الائي مون کي ته خبر ناهي!" هن جواب ڏنو ۽ وري ٿورو وقت ترسي اسان کان سوال ڪيو،"ڇا اڃان سنڌ ۾ سنڌي رهن ٿا؟ ۽ ڪو سنڌي زبان ڳالهائي؟"

سندس گهٽ معلومات ۽ عقل تي تعجب لڳو، پر پوءِ سوچيم ته ان غلط ڳالهه ۾ هن جو ڪهڙو ڏوهه، جيڪو سنڌ کان هزارين ميل پري رهي ٿو. پاڪستان کان ٻاهر ورلي ڪو هوندو جنهن کي خبر هوندي ته سنڌي ۽ سنڌي زبان جهڙيون شيون ٻه پاڪستان ۾ آهن. پاڪستان جي ٻين ريڊيو اسٽيشن تان ئي فارين سروسز جي پروگرام ۾ ڪهڙو سنڌي پروگرام ٿو اچي، جو ٻاهر جي دنيا کي خبر پوي ته هن ملڪ ۾ هڪ ڪروڙ کان مٿي اهڙا ساهه ڪٽندڙ انسان ٻه رهن ٿا، جن جي مادري زبان سنڌي آهي. جن جي هزارها سال پراڻي تهذيب ۽ ثقافت هر لحاظ کان شاهوڪار ۽ مالامال آهي. وڏي ۾ وڏو ڇيهه ٿيندو ته مهيني ڏيڍ ۾ ڪو هڪ دفعو روبينا جي آواز ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو: "ڏانچي واليان موڙ مهاڳ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وي.“ اسان جون ڪهڙيون سنڌي فلمون يا رسالا ٻاهر وڃن ٿا. ڪهڙي ملڪ ۾ اسان جي ملڪ جو سفارتخانو سنڌي ٻولي يا ان جي ثقافت جي پرچار ڪري ٿو، جو ڏارين کي خبر پوي. اسان جي ٻوليءَ کي جنهن نموني سان زندهه دفن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي سا شايد دنيا جي ڪنهن ٻوليءَ سان ٿي هجي. پر ان هوندي ۽ سنڌي ٻولي امر آهي، زندهه آهي ۽ پڪاري رهي آهي:

مونکي جيئرو پوريو ٿو وڃي، تنهنڪري پيپوت آهيان مان،
سنڌ جي هڪ ڪروڙ ماڻهن جي، زندگيءَ جو ثبوت آهيان مان.

استاد بخاري

۽ سنڌي پنهنجي زبان کي وڏڻ ويجهڻ لاءِ هميشہ پنهنجا سر ۽ صدقي ڪيا آهن، جيل ۽ جبر کي ۽ ڪڏهن نہ ليکيو آهي.

تون ڇئہ نہ لڇان، تون ڇئہ نہ ڪڇان،
پر توکان هڪڙي ڳالهہ پڇان،
تون ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندين
اعلان هزارين مان نہ رُڳو.

ايياز

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ملايا ۾ آهيان يا سنڌ يونيورسٽي ۽ ۾

ملايا ۾ اسان کي جڏهن به واندڪائي ملندي هئي ته ڪا ٽي.وي يا ريڊيو اسٽيشن ڪولي ويهندا هئاسين. اهي هنڌ جتي چار پنج ننڍڙا ملڪ گڏ هجن يا جتي ٻن ٽن ملڪن جو باربر اچي ملي ٿو، اتي ٽي. وي ۽ ريڊيو جو مزو ٿو رهي. جيئن هتي ملايا ۾ ته فقط هڪ ٽي. وي اسٽيشن آهي، پر سينگاپور ۽ انڊونيشيا ملڪ به پر ۾ هجڻ ڪري انهن ملڪن جون ٽي. وي اسٽيشنون به ڏسي سگهجن ٿيون. ساڳيءَ طرح هڪ دفعي جڏهن اسان يوگوسلاويا جي شهر رائيڪا ۾ هئاسين ته اتي پڻ اٽليءَ ۽ فرانس جي شهرن جون ٽي. وي اسٽيشنون چٽيون نظر آيون ٽي ۽ اتي جا رهاڪو ان مان چگو مزو وٺندا هئا. اسان جي پاسي ان معاملي ۾ جاگرافي ڪجهه ايتري نامهربان آهي، جو ڪراچي جا ماڻهو فقط ڪراچي جي ٽي. وي هڪ ئي چئنل ڏسي سگهن ٿا، جو اوسي پاسي کان ٻيا ملڪ نه پر سمنڊ آهي.

بهرحال هتي جهاز تي شام جي وقت واندا ٽي جهاز جون ٻئي ٽيليويزنون هڪ ئي وقت کولي ڏسندا آهيون، جيڪي سموڪ روم ۾ رکيل آهن. جهاز جيئن ئي ڪراچيءَ کان نڪتو ته پهرين چنچر تي بوٽ ڊرل (Boat Drill) پرئڪٽس لاءِ جهاز جي ڊيڪ تي اچي بيناسين. ٽي وي جو اينٽينا سموڪ روم جي مٿان ٽنگيل ڏسي پر ۾ بينل اليڪٽريڪل انجنيئر کان پڇيم: ”پنهنجي جهاز تي ٽِي. وي به آهي ڇا؟“ کلي چيائين:”هڪ به نه، پر يڪيون ٻه!“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”ڀ ڪهڙي خوشيءَ ۾؟“

”بس اهو ملايا پهچي ڏسجانءِ ته بن ڪانسواءِ ڪم نه هلي سگهندو.“ ۽ پوءِ جڏهن ملايا ۾ ٽي وي ڪوليسين ته گونگي! رڳو تصويرون پئي آيون. وري بي ڪوليسين ته رڳو آواز پيو اچي. تصويرون غائب. انڪري ٻئي ڪولٽيون پيو ٽي، هڪ تصوير لاءِ بي آواز لاءِ.

ملايا ۾ ملئي (هتي جا اصلي رهاڪو) سڀ مسلمان آهن، پر پڙدي جو رواج بلڪل ڪونهي. ان هوندي ب منجهن مغربي بي حيائي يا بي باڪي ايتري ناهي. چيني چوڪريون بين جي پيٽ ۾ ڪافي سمارٽ ۽ بي باڪ آهن. باقي ملئي چوڪريون ڏارين سان ڳالهائيندي شرمائن ٿيون. آمريڪا ۾ ڪنهن چوڪريءَ کي فوٽوءَ لاءِ چئبو ته يڪدم پوز ناهي بيهندي. پر هتي مختلف ماحول آهي. ملايا ۾ پهچڻ کان ٻئي ڏينهن پاڻ سان ڪئميرا ڪٽي فوٽن لاءِ نڪتس. هڪ رڪشا هلائيندڙ چينيءَ جو فوٽو ورتم. هڪ سئنيما اڳيان بينل ميڙ جو فوٽو ڪڍيم جيڪي اڳيان ڪجهه چيني پوسٽر ڏسي رهيا هئا. هڪ ملئي اخبارون وڪٽندڙ چوڪري جو فوٽو ڪڍيم. سئنيما جي ڪنڌ وٽ پٽ تي ڪو مڪئي جا سنگ، ڪو ٻگڙا ۽ چٽا وڪٽي رهيو هو، هڪ فالودو نموني سيوين وارو ملڪ روز وڪٽي رهيو هو ۽ اسڪولي چوڪرا ۽ چوڪريون ميڙ ڪري بينا هئا. هڪ، ڪا رڌل شيءِ، شايد بهه يا پٽاٽا وڪٽي رهيو هو جنهن ڪان ڪجهه ٻار ونيو، چاپ اسٽڪس Chop-Sticks (تيلين) سان ڪائي رهيا هئا، جيڪي هنن ملڪن ۾ ۽ چين جپان ۾ ماڻهو ڪانٽن چمچن بدران استعمال ڪن ٿا. انهن جو فوٽو ورتم. باقي ڪنهن جو رهيو؟ ڪنهن جو رهيو؟ ڪنهن ملئي چوڪريءَ جو فوٽو تمام ضروري آهي، جا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هُجي بہ ڪنهن سهڻيءَ گوڏ ۾، جيئن ٻين ڪي هتي جي ماڻهن ۽ لباس جي چڱيءَ طرح خبر پئجي سگهي. اجهو سامهون فوٽ پاٿ تان ٻين جي ميڙ ۾ چار چوڪريون اچن پيون. فوٽوءَ لاءِ چوان يا نہ چوان" چا سوچيندیون. ڪنهن غلط فهميءَ ۾ نہ پئجي وجن. اجا مون کي هن ملڪ جي تهذيب، رسم ۽ رواج جي چڱيءَ طرح واقفيت ناهي. ائين اڀهرو نہ ٿيان جيڪر. جي انڪار ڪيائون تہ ڪيڏو خراب لڳندو. اجهو هو بلڪل ويجهو اچي پهتيون آهن ۽ لنگهي بہ وڃن ٿيون. آءٌ ڊبل مائينديد، آءٌ سودائي، آءٌ غريب ايشيائي، احساس ڪمتري ۾ ٻڏل، منهنجي سوچ ۽ فيصلي جي رفتار، انهن نازڪ، ننڍا قدم ڪٽي هلندڙ ملئي چوڪرين کان بہ سست ثابت ٿي. آءٌ ٻيا واتهڙو ڏسان ٿو. ان پويان چيني، ان پويان هڪ سڪ چوڪري سوڙهي پجامي ۽ ململ جي پهراڻ ۾ ماءُ سان گڏ لنگهي ٿي. ان پويان بہ چوڪريون ساڙهين ۾ لنگهن ٿيون. پڪ سنڌي هوندیون. پرسان گذرڻ وقت آءٌ ڪن ڏيان ٿو. ڪجهہ سنڌي جملا ٻڌي، مونکي شڪ ٿو ٿئي تہ ملايا ۾ آهيان يا سنڌ يونيورسٽيءَ جي آرٽس ڊپارٽمينٽ جي وراندي ۾؟ سامهون برندڙ وسامندڙ چيني اکر ڏسي پڪ ٿي ٿئيم تہ ملايا جي شهر پينانگ ۾ آهيان. اسڪرٽن جي ملڪ ۾ ڪو اوچتو شلوار يا پجامو نظر ٿو اچي وجي تہ عجيب ٿو لڳي. حيدرآباد جي تلڪ چاڙهيءَ تان ڪا چوڪري مني ـ اسڪرٽ يا هاٽ ـ پئنٽ (Hot Pant) ۾ اچي لنگهي تہ ايترو عجيب لڳي جيترو هتي ڪا چوڪري شلوار يا تنگ پجامي ۾. ۽ ان غير معمولي تصوير جو سوچي، ڪنهن ساڙهيءَ واري چوڪريءَ جو فوٽو ڪيڙ جو سوچيان ٿو. پر پنهنجي وطن لاءِ تہ اها هڪ عام ڊريس آهي. ڪا نئين ڳالهہ ناهي. ان ڪري مون کي ڪنهن ملئي چوڪريءَ جي ئي هتي جي قومي لباس گوڏ ۾ فوٽو ڪيڙ ڪپي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اجها سامهون هڪ چگيرڙي شڪل جي ملئي چوڪري، خوبصورت ڪڙتي ۽ رنگين گوڏ ۾ پنهنجي دوست سان گڏ پئي اچي. چا سندس صفائيءَ سان ٽيل ميڪ اپ آهي ۽ چا ناز جي هلڻي اٽس. ناز ته خير ڪيس ڪرڻ جڳائي. (هن جهڙي سهڻي چوڪري ناز نه ڪندي ته ٻيو ڪير ڪندي.)

”معاف ڪجو، آءٌ توهان جو فوٽو ڪڍي سگهان ٿو؟ مون ساٽس گڏ چوڪري کان پڇيو.“

ٻنهي رڳو مُرڪيو. مون سندن همت افزائي ڪرڻ لاءِ ۽ متان ٿوري ٻه دير ڪرڻ سان خيال بدلائين، جلدي جلدي ڪين پروسو ڏنو ۽ اعتماد ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي.

”آءٌ ڪراچيءَ کان اچان پيو. سفرناما لکندو آهيان. اتي جي هڪ اخبار لاءِ ملئي لباس ۾ ماڻهوءَ جي فوٽي جي ضرورت اٿم. جي توهان کي اعتراض نه هجي ته تنهنجو ۽ هيءَ... چا ٿئي تنهنجي...؟“ ”گرل فرينڊ.“ هن چپ کوليا.

”... تنهنجي خوبصورت گرل فرينڊ جو فوٽو ونان؟“

چوڪرو ۽ چوڪري سورهن سالن جا مس ٿيندا. هڪٻئي سان ملئي زبان ۾ مشورو ڪرڻ لڳا. چوڪري تيار ٿي ڏني، پر چوڪري جي دل گهڙيال جي لڏڪٽيءَ وانگر، ٿوري ساعت لڏي، پوءِ انڪار واري پاسي ٻيهي رهي.

”Sorry منهنجي گرل فرينڊ کي اعتراض آهي.“ ۽ ان وقت سندس گرل فرينڊ هٿ سان اشارو ڪيو ته مون کي نه هن کي اعتراض آهي. مون ٿورو مرڪيو ۽ کين چيم: ”نيڪ آهي. اٿ از پرفيڪٽلي اوڪي.“ جرنلزم ۽ فوٽو گرافيءَ ۾ اهي عام ڳالهيون آهن ـ آءٌ پاڻ کي پڪو ٿو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪريان.

اڳتي وڌي هڪ چيني عورت جو فوٽو ڪڍيم جا ايتري ته ڪراڙي هئي جو ڏڪي رهي هئي. پر ان هوندي به رستي تي رَڌل سيوين جو ٽالهه رکي وڪڻي رهي هئي. ٻار پني ۾ اهي لوڻ مرچ پيل سيويون ونڻي، ليمي جو رسُ وجهي چاپ اسٽڪ سان کائي رهيا هئا. ٽورو اڳتي وڌيس ته ڪنڊ وٽ هڪ ملئي مڙس ڪکن مان عجيب نموني جا ڪارا ۽ چٻيون ٺاهي رهيو هو. انهن وٽندڙ چٻين ۽ سندس ٺاهڻ جي نموني جو فوٽو ونڻ لاءِ ٽورو پري بيهي، مختلف ڪنڊن تان فوٽي جي صفائي ۽ چٽائي جاچڻ لڳس ته ايتري ۾ ڪنهن جي نرم آڱرين جو ڇُهاءُ ڪلهي تي محسوس ٿيو. پنيان مُڙي ڏسان ته ساڳي ملئي چوڪري ۽ سندس بواءِ فرينڊ بينا آهن.

"ايڪسڪيوزمي،" رڳو مرڪڻ بدران هن دفعي هن چپ به ڪولي ڳالهايو، "تون منهنجو فوٽو ڪڍي سگهين ٿو." سندس ڳالهائڻ ۾ عزم ۽ سوپ جا جذبا محسوس ٿي رهيا هئا. مون سندس بواءِ فرينڊ ڏي نهاري چيو، "چئبو ته ڪلوپترا سيزر کي مجائي ڇڏيو."

هونءَ ملئي چوڪريون سهڻيون نه آهن. جيتوٽيڪ سونهن ۽ ليمڪ ۾ چيني چوڪرين کان وڌيڪ آهن. پر اها سونهن رڳو هڪ خاص عمر تائين جي چوڪرين ۾ نظر اچي ٿي. چيني ۽ ملئي چوڪريون باوجود مِني، پينل نڪ ۽ ٽلهن چپن جي سراسري پنڌرهن کان ويهن سالن جي عمر اندر ڪجهه حسين لڳن ٿيون، اها عمر اورانگهڻ بعد بقول اسان جي ريفريجريٽر انجنيئر جي ڪدو لڳن ٿيون. پر نه، ڪدو ته صرف سواد ۾ بي ڊنگو ٿيندو آهي، شڪل ۾ ته لسو ۽ خوبصورت ٿيندو آهي. عمر ٽپڻ بعد چيني ۽ ملئي عورتون شڪل ۾ ڪليڪٽر انب لڳن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٿين. سڄو بدن، گهٽ ۾ گهٽ جيڪو سندن مختلف لباس مان نظر اچي ٿو، ڳوڙها ڳوڙها لڳي ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ولايتي نوڪري ۽ چوڪري ۽ جي ڳولها ۾

هيستائين جن مغربي ملڪن (آمريڪا ۽ يورپ) طرف رهيو آهيان، انهن کان هيڏانهن ڏُور اوپر جي ملڪن ۾ بلڪل مختلف تهذيب ۽ رسم رواج آهي. ملائيشيا، انڊونيشيا ۽ ٿائيلنڊ پاسي ڏي پنهنجي ملڪ جهڙو ئي مشرقي ماحول آهي ۽ بيحد پنهنجائپ وارو لڳي ٿو. مغرب پاسي مادیت ۽ مشين واري زندگي گهٽي آهي، پر هن طرف روحانيت ۽ مذهب تي زور آهي.

ملايا ۾ مختلف مذهبن جا ماڻهو رهن ٿا ۽ جتي ڪٿي مسجدون، مندر، ٽڪاٽا نظر اچن ٿا. پينانگ ٻيٽ تي پنجن قبن واري مسجد ۽ هڪ هزار ٻڌ ڀڪشوئن جو مندر آهي. هتي جا چيني عبادت گهر ۽ ڪليسائون ڏسڻ وٽان آهن. سڀ کان عجيب ۽ حيران ڪندڙ پينانگ جو 'نانگ مندر' آهي. هن مندر ۾ هڪ نانگ ديوتا جو بتُ ٺهيل آهي. مندر ۾ هزارن جي تعداد ۾ نانگ پيا هلن. انهن ۾ ڪيترائي زهريلا نانگ پڻ آهن، پر ڪنهن کي چڪ نٿا هڻن. ايترا نانگ ۽ ائين آزاد نموني سان گهمندا ڦرندا ڏسي خوف محسوس ٿئي ٿو. مندر ۾ اندر گهڙڻ سان مندر جو ٻاڦ هڪ هڪ ڪري نانگ سياحن جي هٿن تي ڏيندو ويو. ڪي ٽنگن ۾ ويڙهڻ لڳا تہ ڪي هٿن ٻانهن تي، ان وقت منهنجي دل جي حالت عجيب هئي پر ٻاهر مسڪرائڻو پيو.

پينانگ ٻيٽ تي ڪي تہ تمام وڻندڙ جڳهيون آهن، جيئن تہ پينانگ جو باغيچو (Botanic Garden)، هتي جون Beaches (سمنڊ جا تانگها

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪنارا) جتي سڄو سڄو ڏينهن ماڻهو ترندا نظر اچن ٿا ـ خاص ڪري انهن ملڪن جا، جن ۾ سڄ هميشہ ڪڪرن ۾ لڪل رهي ٿو. هڪ ڏينهن جهاز جو سيڪنڊ آفيسر احمد حسين مخدوم، مون کي ۽ ريفريجريشن انجنيئر محمود کي سمنڊ جي ڪناري تي وڻي آيو. محمود ـ جنهن جا چرچا سڄي جهاز تي مشهور آهن، تنهن مٿي تي هٿ هڻي مخدوم کي چيو: ”پيارا ڪٿي وڻي آيو آهين؟ هي سمنڊ انهن لاءِ آهي جن ڏٺو نہ هجي، سڄو سڄو ڏينهن سمنڊ تي ڏيوٽي ڪرڻ بعد وري اکين اڳيان سمنڊ.“

ان بعد مخدوم مانيءَ لاءِ هتي جي مشهور هوٽل ’ميرلين‘ ۾ وڻي آيو. هوٽلن ۽ نائيٽ ڪلبن جي معلومات لاءِ مخدوم ڊڪشنري يا ڊئريڪٽري سمجهڻ ڪپي. اهڙين اهڙين هوٽلن ۾ وڻي ايندو جو پيٽ ڀرجي يا نہ پرڪيسو ترت خالي ٿي ويندو.

ميرلين هوٽل جي ڇت تي ٽهيل گول ڦرندڙ ريسٽورنٽ (Revolving Restaurant) ۾ اچي ويناسين. ان هوٽل جي اها خاصيت آهي تہ هوءَ پنهنجي محور جي چؤڌاري ڦرندي رهي ٿي ۽ اهو چڪر هڪ ڪلاڪ ۾ پورو ڪري ٿي. توهان ڪٽي هوٽل جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ ويهو. ڪلاڪ اندر ويڻي ويڻي سڄي پينانگ ٻيٽ جو نظارو ڪري سگهنداؤ.

ان هوٽل ۾ ڪم ڪندڙ ملئي چوڪريون جڏهن ڪاڏو ڪٽي آيون تہ اسان اکين سان انهن کي، ۽ وات سان ڪاڏو ڪائيندا رهياسين. پر محمود جي ڦاٽل اکين مان ائين پئي محسوس ٿيو تہ هو نہ صرف چوڪرين کي ڏسڻ ٿو چاهي پر ڪائڻ بہ چوڪرين کي ٿو چاهي.

محمود جهاز جي سڀ کان دلچسپ شخصيت آهي. هو هر وقت پوڳ ڪندو نظر ايندو. چاهي ڪهڙي بہ موسم هجي، ڪهڙو بہ سمنڊ

هجي، سندس مودِ سدائين هڪجهڙو رهندو آهي. سندس فقط هڪ ڪمزوري آهي. جيئن ئي ڪا حسين چوڪري ڏٺائين ۔ (پوءِ اها بي ڳالهه آهي ته سندس چوڻ مطابق دنيا جون سڀ چوڪريون حسين آهن ۔ پوءِ چاهي اهي آفريڪن شيدياڻيون هجن يا جپاني نڪ مِنيون. پيرن ننڍيون چيني هجن يا ويڪري چيلهه ۽ ننڍڙين ٽنگن واريون ٽائلنڊ جون.) بس چوڪريءَ جو چهرو ڏسڻ سان سانڊي وانگر رنگ بدلڻ لڳندو اٿس. ڪنهن لوڙهي تي رنگين اسڪرٽ پيو سڪندو ته به ڪنڊن جي پرواهه نه ڪندو وڃي وچڙندو. ڪو ڏوبي هٿ ۾ ڪنهن چوڪريءَ جو بلائوز ڪڍيو پيو ويندو ته بغير پڪ ڪرڻ جي ته ان ۾ ڪا چوڪري هوندي، اسپيني ڊڳي وانگر اڪيون ڪُپائيندو، نڪ سامهون ڏوڪيندو ويندو. هر وقت ولائتي نوڪريءَ ۽ چوڪريءَ جي تلاش ۾ هوندو آهي. پر لڳي ايئن ٿو ته ٻنهي شين ساڻس شادي ڪرڻ کان اڳ طلاق ونڻي ڇڏي آهي. هڪ بن چوڪرين سان هتي ملايا ۾ ملاقات به ٽيس پر اهي سڀُ شادي شده يا انگيجڊ نڪتيون. تازو هڪ ڪي اڪيلو سمجهي دوستيءَ جو ناتو وڌايائين ۽ جهاز تي گهمڻ جي ڪيس دعوت ڏنائين. جهاز تي جڏهن محترمه پنهنجي مڙس سان پهتي ته محمود ڪي ائين محسوس ٿيو جڻ ڪنهن گلاس پاڻيءَ جو سندس چپن آڏو رکي، ڪسي ورتو هجي ۽ هو صدين کان اڄ ۾ رهندو اچي. ڏوڙندو ڏوڙندو مون وٽ پهتو، ان وقت آڻُ انجڻ روم ۾ ڏيوٽي تي هوس ۽ هڪ جونيئر انجنيئر سان گڏ انجڻ جي هڪ پسٽن تي نيون رنگون (Rings) چاڙهي رهيو هوس. محمود اچي آهستي چيو: ”پيارا، ان پسٽن تي چوڙيون پوءِ چاڙهه. هوءِ چوڙين واري پهچي وئي آهي، پنهنجي آل اولاد سان. قرب ڪر، هنن سان ڳالهيون بولهيون ڪرڻ لاءِ پنهنجي جونيئر انجنيئر کي ٿوري دير لاءِ موڪل ڏي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آءٌ بي درڪان ٻاهر وري ٻيءَ جي ڳولا ۾ وڃان ٿو.“

”هاڻ شادي شده نہ آڻجانءِ.“ مون ڪيس ٽوڪيو، جنهن جي جواب ۾ پاڻ ٽڏو ساهه ڪڍي وراڻيائين: ”يار چا ڪريان. هتي جي چوڪرين کي ڪپي تہ ڪو اهڙو ميٽر هڻي هلن، جيئن ٽئڪسين تي هوندو آهي. جيئن پري کان ئي. بنا پڇڻ جي خبر پوي تہ آيا هو خالي آهن يا انگيجد.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هفتت ۾ ٻه ٻيا ڪپڙا

پينانگ کان ڪجهه پري اٽڪل ٻه سؤ ميل ڪن ملايا جو ٻيو وڏو شهر ’پورٽ سئيٽن هام‘ آهي. اسان اتي پاڻي جي جهاز رستي وياسين. هن شهر ۾ گهڙڻ وارو نظارو ڏسڻ وٽان آهي. ڪي ڪي بندرگاهه سمنڊ جي ڪناري تي نه هوندا آهن پر سمنڊ ۾ جا ندي اچي ڇوڙ ڪندي آهي، ان ندي‌ءَ جي ڪناري تي هوندا آهن ۽ جهاز کي سمنڊ ختم ڪرڻ بعد ان بندرگاهه تي پهچڻ لاءِ ندي‌ءَ اندر هلڻو پوندو آهي. جيئن آمريڪا ۾ نيو اورلنس بندرگاهه ۾ وڃڻ لاءِ جهاز کي سمنڊ بعد مسي سپي (Mississippi) ندي‌ءَ ۾ به سؤ ميل ڪن هلڻو پوندو آهي. اهڙي نموني سان هتي به ڪلاڪ ڏيڍ جو ندي‌ءَ جو سوڙهو رستو (River-Passage) آهي، جيترو جبرالٽر يا آفريڪا ۾ سئيٽا (Cueta) بندرگاهه جو. ٻنهي پاسي گهاٽا رٻڙ جا وڻ ۽ گهاٽو سائو گاهه گُلن سان ٽُپ ٽڪريون، هميشه جهڙالي موسم ۽ قدرت جا ڪن جاين تي خاص ڪرم آهن. جيڪي اسان جهڙن مينهن ۽ ساوڪ جي سڪايل سنڌين کي گهٽائي لڳندا آهن.

سئيٽن هام شهر ۾ اسان جو جهاز صبح جو پهتو. خبر پئي ته ملايا حڪومت ويجهڙائي‌ءَ ۾ هن جو نالو بدلائي ’پورٽ ڪلانگ‘ رکيو آهي. ڪنهن کي ڪٽي ’سئيٽن هام‘ پُل ۾ به چئه ته يڪدم منهن ناهي درستي ڪندو ته نه ’پورٽ ڪلانگ‘ چئو.

پورٽ ڪلانگ ۾ صبح جو جهاز مان نڪتس. بندرگاهه کان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٿورو پريرو پوسٽ آفيس هئي. خط پوسٽ ڪري واپس آيس ۽ ارادو ڪيم تہ شام جو گھمڻ نڪربو. شام جو بندرگاھ کان نڪتس تہ وائڙو ٿي ويس تہ اھو رستو جيڪو صبح جو خالي ھو ۽ فقط ڪارون بسون ھلي رھيون ھيون. ان جي منھن وٽ ٿي چار ملئي سپاھي بينا آھن ۽ سڄي رستي تي سامان وڇايو پيو آھي. ويجھو پھتاسين تہ ڏسون تہ سوين دڪان ڪپڙن (سبيل ۽ اٽسبيل) جا، رڪاردن جا، راندیڪن جا، ٽانون ۽ بوٽن جا، واڇن ۽ ريدين جا ھيٺ زمين تي ڪليا پيا آھن. لائوڊ اسپيڪرن تي چيني، جپاني، ملئي ۽ انگريزي گانن جي وٺ ونان لڳي پئي آھي. دوستن کي ٻڌايم تہ صبح ھي سنسان رستو ھو ۽ ھينئر ڏسندي ئي ڏسندي بوري بازار ٿي پيو آھي. شيون ۽ تمام سستيون. اسان جي ففٽ انجنيئر اسلم زبيريءَ کي رکاردِ ونڊا ھئا. وڏن دڪانن تي ڏيڍ ملئي ڊالر (يعني فقط ڇھ روپيا) ٿي مليو. پرر ھتي اڏ ڊالر (يعني فقط ٻہ روپيا) سو ٻہ ھينئر اسان جي رپئي جي قيمت ڪري پئي آھي ۽ ھڪ ملئي ڊالر ۾ چار روپيا آھن نہ تہ اڳ جڏھن ھڪ ملئي ڊالر ۾ پوڻا ٻہ روپيا ھئا تہ ساڳيو بن روپين وارو رکارڊ تيرھين آني ٿي مليو. ھن قسم جون فٽ پاٽ مارڪيٽون ملايا، سنگاپور ۽ ھانگ ڪانگ ۾ عام آھن ۽ رات جو انين کان وٺي ٻارھين ھڪ تائين ھلن ٿيون. ھن مارڪيٽ جي اھا خوبي آھي تہ جيئن رات پوندي ويندي تيئن سامان سستو ڏيندا ويندا. ھڪ وڳي ڏاري سڀ دڪاندار پنھنجو پنھنجو سامان ويڙھي پنھنجي پنھنجي پڪ اپ ۾ وجھي، سڄو قافلو روانو ٿي ويندو آھي. ان وڏي پڪ اپ ۾ ٻارين ٻچين رھن ۽ رڌ پچاءُ جو ٻہ ان ۾ بندوبست آھي. ھي لڏو ڪڏھن ڪنھن رستي تي تہ ڪڏھن ڪنھن شھر ۾ دڪان لڳائي شيون وڪڻن. جيئن سنڌ ۾ مڪراني عورتون ڪپڙن جو ھڙون ڪٽي

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪڏهن ڪنهن شهر جي گهٽيءَ ۾ ڪڏهن ڪنهن ڳوٺ ۾ وڪٽنديون نظر ايندیون. ڪي ڪي ته اهڙا هنڌ آهن جتي روزانو ان قسم جي نائيٽ مارڪيٽ لڳي ٿي.

اسان رڪارڊ ورتا ۽ ٻيو ڪجهه هلڪو ڦلڪو سامان ۽ جنهن کان نه ونڊو هئوسين ان کان به قيمتون پڇائيندا رهياسين. هڪ چينيءَ کان ڪڇا ۽ سئمنگ ڪاسٽيوم ورتاسين. ان جي پر ۾ تڏي تي هڪ چيني چوڪري چوليون (Brassier) ۽ مادِيس نموني جا سينيٽري ٽاول وڪڻي رهي هئي. هڪ بريزيئر هٿ ۾ کڻي اسان جو ڏيان ڇڪائي چوڻ لڳي: "توهان لاءِ فقط ٽي ڊالر." ان سان گڏ پاڻ ۽ پر وارا چيني دڪاندار کلڻ لڳا. ڪجهه هندستاني عورتون به ساڙهيءَ ۾ پري بيهي تماشو ڏسي رهيون هيون ته اسان هن ننڍڙي شهر ۾ اجنبي آهيون ۽ هڪ چيني چوڪري اسان ٽن ڇٽن سان چرچا ڪري رهي آهي. اسلم زبيريءَ ته اڳتي وڌي ماحول کي خوشگوار بنائڻ لاءِ چيس، "اها قيمت گهٽي آهي."

"چگو ٻلا به ڊالر ڏي." چيني چوڪريءَ انگيءَ کي اسلم جي ڪلهن تي رکندي چيو.

"اون هون." اسلم نه مڃيو.

"چگو ٻلا هڪ ئي ڊالر ڏي. دڪان بند ڪرڻ جو وقت ٿي ويو آهي. جلدي ڪر." ۽ ان سان گڏ لفافي ۾ انگي بند ڪرڻ واري هئي ته اسلم چيس ته هڪ ڊالر به گهٽو آهي. تنهن تي هوءَ ڏاڍي بور ٿي ۽ ٽوڪ طور چيائين، "ٻلا مفت ۾ ڪٽندين؟"

اسلم پراڻو لطيفو دهرائيندي چيس، "ها. پر مفت ۾ به به ڏي ته پوءِ ڪٽان."

ملايا ۾ دڪانن جي باهران گهٽ ۾ گهٽ ٻن زبانن جا بورڊ نظر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ايندا. ڪنهن چينيءَ جو دڪان هوندو تہ چينيءَ ۾ انگريزي زبان ۾، ملئي جو دڪان هوندو تہ انگريزي ۾ ملئي زبان ۾ يا عربي ۾ انگريزي زبان ۾. ملئي زبان کي پنهنجي رسم الخط ڪونهي، پر انگريزي اکرن ۾ لکي وجي ٿي، مثال طور هتي جي يونيورسٽيءَ جي بس تي لکيل آهي:

Universiti Sains Malaysia (University of Science, Malaysia)

هڪ بئنڪ تي انگريزيءَ ۾ عربيءَ ۾ هن طرح لکيل آهي:

Overseas Chinese Bank Ltd. 'بو برسي چائيني بيعکيخ کور فوريشن لميتيد'.

ڪيترائي ملئي زبان جا عام استعمال جا لفظ عربي ۾ سنسڪرت جا آهن جيڪي ٿي. وي تي ملئي فلمون ڏسڻ وقت ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. جيئن تہ: دنيا، عام، حڪم نصيب، صلاح، پاونا، هديہ وغيرہ. هڪ هنڌ ملايا ۾ لکيل نظر آيو: Green Hotel ۾ عربيءَ ۾ 'ڪرين هوتل' لکيل هو پر 'ک' جي مٿان هڪ ٽٻڪو پڻ هو جيڪو اکر هتي 'گ' بدران استعمال ٿئي ٿو.

ملايا ۾ هن پاسي ٻين مشرق بعيد جي ملڪن ۾ بارش ڏاڍي پوي ٿي. پر اتفاق سان اسان جيڪي ڏينهن ملايا جي شهرن پينانگ، ٻٽرورٿ ۾ پورٽ ڪلانگ ۾ هئاسين، اهي ڏينهن فقط جهڙ ئي رهيو ۾ اسان مزي سان گهُمي سگهياسين. آخري ڏينهن جڏهن اسان جو جهاز ملايا مان لنگر کڻي سنگاپور روانو ٿي رهيو هو، صبح کان اهڙي بارش ٿي جو بس ٽيڻ جو نالو نہ پئي ورتائين ۾ اهڙو وڏڦڙو ڏسي اسان دنگ رهجي وياسين. اهڙي بارش ان کان اڳ چٽگانگ ۾ ئي ڏٺي هئيسين، جا ڪڏهن ڪڏهن ويهہ ويهہ ڏينهن بہ لڳاتار هلندي هئي. جلدي اسان ڪمرن جا پورٽ هول (دريون) بند ڪيونسين. جهاز لنگر کنيو، رڌار رستو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۾ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڏيڪاريو ۽ اسان جو جهاز سمنڊ اندر لڪل جبلن ۽ ٽڪرين کان پاڻ بچائيندو بارش ۾ ستبو سنگاپور ڏانهن وڌڻ لڳو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سنگاپور ۾ ست ڏينهن

ملايا جي بندرگاهه پورٽ ڪلانگ (Port Klang) کان سنگاپور فقط ڇهه ڪلاڪن جو ساموندي سفر آهي. رات جو ٻي وڳي اسان سنگاپور جي سامهون لنگر ڪيرايو. سامهون سنگاپور شهر جي رستن ۽ اوچين عمارتن جون بتيون چمڪي رهيون هيون، جيئن شادي تي ڪنهن عمارت کي بلبن سان سينگارجي. اسان جي ڇوڪاري ٻيا ٻه سٽ ڪن جهاز مختلف ملڪن جا لنگر ڪيرايو بينا هئا. سندن بتين ۽ پاڻيءَ ۾ پوندڙ عڪس عجيب منظر پيش ڪيو ٿي ۽ ائين لڳو ٿي جڏ هر هڪ جهاز الڳ ننڍڙو ٻيٽ هجي. سنگاپور جاگرافي جي نقطهء نگاهه کان قدرتي طور ڪجهه اهڙي هنڌ تي آهي، جو هر جهاز پئسفڪ سمنڊ کان هندي وڏي سمنڊ ڏي ايندي توڙي ويندي يا ڏکڻ چيني سمنڊ مان لنگهندي، سنگاپور وٽان ضرور لنگهي ٿو. ان کان علاوه جهازن جي تيل جو پڻ وڏو مرڪز آهي. فري پورٽ تنهن کان سواءِ. ان ڪري سنگاپور هڪ روشن ڏيئي مثل آهي، جنهن جي چوڌاري پتنگ ـ جهاز، ميڙ ڪيو بينا هوندا آهن. ڪي تيل ونڊ لاءِ، ڪي سامان لاهڻ لاءِ، ڪي چاڙهي ٻين ملڪن ڏي ڪڍي وڃڻ لاءِ. سنگاپور وڏو مرڪز آهي. مثال طور اسان کي ڪراچيءَ مان سامان آمريڪا لاءِ مليو آهي. جيتوڻيڪ اسان کي آمريڪا وڃڻو ناهي پر ان هوندي ب اسان مال ونڊ کان انڪار نه ڪيو. مال ورتوسين ۽ هاڻ سنگاپور جهڙي بندرگاهه تي لاهي ڇڏيندا سين جتي اسان جي آفيس وارا اهو سامان ڪنهن ٻئي ملڪ جي جهاز ذريعي، جيڪو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آمريڪا ويندڙ هوندو، موڪلي ڇڏيندا. اهڙِيءَ طرح ان پاڙي ۾ اسان جي ڪمائي جو به حصو ٿي ويندو ۽ ڏارئين جهاز جو به. ساڳئي وقت سامان موڪليندڙ جو به ترت ڪم ٿي ويو. يا جيئن مثال طور: هن وقت هڪ آسٽريليا جو جهاز هندستان کان ڪپهه کڻي، هتي سنگاپور ڇڏي پاڻ آسٽريليا هليو ويو آهي. اها ڪپهه دراصل هانگ ڪانگ لاءِ آهي. سو هانگ ڪانگ تائين اها ڪپهه اسان پنهنجي جهاز ۾ پري رهيا آهيون. ان کان علاوه سنگاپور مان ربڙ کڻي رهيا آهيون، جو جپان تائين کڻي ويناسين، اتان پوءِ هڪ ٻيو پاڪستاني جهاز لاس اينجلس (آمريڪا) تائين کڻي ويندو.

سنگاپور جي بندرگاهه جي جيٽي ڪافي وڏي آهي. ڪيترائي جهاز هڪٻئي جي ويجهو ويجهو پاڻيءَ ۾ لنگر ڪيرائي بيهن. اسان جو جهاز به لنگر ڪيرايو بينو آهي، چؤڏاري پاڻي آهي. سامان بارجز Barges (وڏيون ويڪريون ٻيڙيون بنا انجڻ جي) ذريعي پرجي اچي رهيو آهي. جيڪو جهازن جي ڪرينن (Derricks) ذريعي جهازن ۾ چڙهي رهيو آهي. ماڻهن کي ڪناري تائين پهچائڻ ۽ آڻڻ لاءِ لانچون ذري ذري ائين لنگهي رهيون آهن، جيئن شهر ۾ ٽئڪسيون يا رڪشائون هلن. ۽ انهن لانچن کي سڏين به 'ٽئڪسي'، جهاز جي عرشي (Deck) تي بيهي انهن لانچن جو انتظار ڪبو آهي.

جيئن ئي ڪا لانچ لنگهندي آهي ته 'ٽئڪسي' پُڪاري سڏُ ڪبو آهي. پوءِ مٿان ئي انگريزيءَ ۾ پاڙو طئ ڪبو آهي. گهٽو ڪري هڪ سنگاپوري ڊالر (چئن روپين) ۾ راضي ٿي ويندا آهن. ۽ جهاز جي ڏاڪڻ Gangway تان لهي ان ۾ اچي وهبو آهي. لانچ ٻين جهازن تان به مسافر کڻي اچي بندرگاهه ۾ چڏيندي آهي. جيئن ته اسان جي سنگاپور ۾ به

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آفيس آهي، سو آفيس طرفان پڻ هڪ لانچ سڄو ڏينهن رات ڪلاڪ ڪلاڪ کان پوءِ اسان جي جهاز تي ڦيرا ڪندي آهي ۽ اها جهاز جا ماڻهو مفت ڏوئيندي آهي. بندرگاهه سنگاپور فقط نالي جو آهي، ڪوبه ڪسٽم وارو نظر نه ايندو. بندرگاهه ٽئڪس کان آجو هجڻ ڪري ڪنهن به شيءِ آڻڻ يا ڪڍي وڃڻ جي جهل پل ڪانهي (سواءِ نشي جي شين جي. مثال طور: چرس، گانجو، ڏوڏي وغيره) هونءَ ڪابه شيءِ جهاز تان، شهر ڏي ڪنهن کي ڪڍي ويندي مون نه ڏٺو. هٿين خالي بندرگاهه تي لهن، ۽ واپسي تي سندن بنهي هٿن ۾ ٽيلها ۽ سامان سان پريل لفافا هوندا آهن. انهن لفافن ۽ ٽيلهين ۾ سبيل اڻ سبيل ڪپڑا، ريديا، واڇون، ڪئميرائون ۽ ٽرانسسٽر، سينٽ، پلاسٽڪ جا گُل، راندڪا ۽ ٻيو سامان هوندو آهي، جو هتي تمام سستو آهي.

سنگاپور هڪ ننڍڙو ٻيٽ نما ملڪ آهي، جنهن جي وڏي ۾ وڏي ندي فقط نَوَ ميل ڊگهي آهي، جا وچ شهر مان ٽيندي اچيو سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري. شهر وٽ اها ندي وڏين وڏين ٻيڙين ۽ بارجز سان پريل هوندي آهي. پري پري کان سامان ٽرڪن ۾ ڪڍي، ندي‌ءَ تائين اڇي، جتان ٻيڙين ذريعي جهازن تي موڪليو وڃي ٿو. ساڳي‌ءَ طرح جهازن تان سامان سنگاپور اچي. انهن وڏين ٻيڙين (بارجز) کي پنهنجي انجڻ نه ٿئي. جڏهن چار پنج بارجز پرجي ويندیون آهن ته پوءِ هڪ لانچ (موٽر بوٽ) کين ڇڪيندي آهي. پري کان ائين لڳندو آهي، جڻ ڪو انن جو قافلو پيو اچي. پهرين بارج جي پٺ ٻي‌ءَ جي اڳ سان رسي‌ءَ ذريعي ڳنڍيل هوندي آهي. اهڙي نموني سان هڪ ٻئي پٺيان ڪيتريون ئي هوندیون آهن. هتي اهي بارجز گهٽو ڪري چينين جون آهن، جي ٻارن ٻچن سان انهن ۾ رهن ۽ رڌين پچائين به انهن ٻيڙين تي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سنگاپور انيڪ مذهبن ۽ قومن جو ملڪ آهي. گهڻائي مسلمانن جي آهي. انهن کان علاوه ٻڌ، هندو، عيسائي، سک ۽ پراڻي چين ـ مٽ جا آهن. زبانون ۾ ڪيتريون ئي ڳالهايون وڃن ٿيون، قومي زبانون چار آهن: انگريزي، ملئي، چيني، تامل. جتي ڪٿي بورڊ انهن زبانن ۾ نظر ايندا. ٽي.وي ۽ ريڊيو تي پڻ سڀني زبانن جو پروگرام اچي. سنگاپور ۾ ملايا، چين، پاڪستان، انڊونيشيا، ٿائلنڊ ۽ ٻين ملڪن جا ماڻهو رهيل آهن. سڀ کان گهڻا هندستان جا آهن. هندستان جي مٿئين حصي يو.پي.سي.پي جو ماڻهو ڪو ورلي نظر ايندو، پر ڏکڻ هندستان جا تمام گهڻا آهن، جن جي مادري زبان تامل آهي. سنگاپور ڪنهن زماني ۾ هندستان جو حصو هو. انگريزن جي ڏينهن ۾ ڪجهه وقت هندستان جو وائسراءِ حڪومت ڪندو هو. 1819ع ۾ اسٽئفورڊ ريفلز ـ جو جاوا انڊونيشيا جو انگلنڊ طرفان گورنر جنرل ٻه هو، ملايا جي سلطان جوهور کان ان ڳالهه جي اجازت ورتي ته سنگاپور جي ٻيٽ تي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ طرفان واپار وڙي لاءِ ڪوٺي قائم ڪئي وڃي. جيئن هندستان فرح ڪرڻ کان اڳ انگريزن چالاڪيءَ ڪري پهرين (1800ع ڌاري) ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڪوٺي وجهڻ جي اجازت ورتي هئي. سلطان جوهور اجازت ڏني (يا ڪٽي چئجي ته ڏيٽي ئي پيس) پنجن سالن کان پوءِ ريفلز صاحب سلطان کان هڪ ٻئي معاهدي تي ٻه صحيح ورتي. (يعني سولي زبان ۾ ائين سمجهجي ته هندستان جي تاريخ ڏهرائي وئي) ۽ عرب جي اٺ وانگر، عرب ٻاهر، اٺ تنبوءَ منجهه! سنگاپور سڄي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي جاگير ٿي وئي. 1830ع ۾ بنگال سان هن کي شامل ڪيو ويو. ۽ 1830ع ۾ سنگاپور، هندستان جي گورنر جنرل جي هٿ هيٺ هو.

هينئر سنگاپور آزاد ٿي چُڪو آهي،پر ان هوندي ٻه اڃان انگريزن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪي فوجي اڏي رکڻ جي اجازت آهي. ٻي جنگ عظيم ۾ سنگاپور، جنهن لاءِ انگريزين طرفان اهو ڏاڪو ڄمايل هو تہ سنگاپور ڪي ڪير هٿ ۾ نڏو لاهي سگهي سو ڄپانين جي جهول ۾ پڪل ٻير وانگر اچي پيو. ۽ گهٽ ۾ گهٽ سنگاپور جي ان معاملي ۾ برطانوي شينهن، ڪاغذ جو شينهن ثابت ٿيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سنگاپور ۾ سنگاپوري چانهه ڪاڻ ٿئي!

سنڌ ۾ پاڻيءَ بنا چانهه ۽ يعني ڪير ۾ ٻيل چانهه کي ڪن هوٽلن ۾ 'ڏوڏ پتي' سڏين ته ڪن هنڌ 'گهاٽِي چانهه.' چاڪيواڙي جي هڪ هوٽل ۾ ان کي 'چمچا چانهه' ٻه چون. دادوءَ جي تاج هوٽل ۾ اها چانهه فقط 'ڏوڏيا' جي نالي سان سڏبي آهي. پر سڄي سنڌ ۾ ان چانهه لاءِ سڀ کان وڌيڪ نالو جيڪو مشهور آهي، سو آهي: 'سنگاپوري چانهه.'

هوٽل ۾ ويهي سنگاپوري چانهه جو آردر ڏيڻ تي هوٽل وارو الڳ ٽانوَ ۾ فقط ڪير ۽ پتي وجهي چانهه ناهي ڏيندو آهي. ان ۾ پاڻي نه وجهندو آهي ۔ جي وجهندو ٻه هوندو ته ڪير ۾ گهران ملائي ايندو هوندو ۔ نج نل جو پاڻي يا درياءُ جو ڇاٽيل پاڻي (متان چانهه جي ڪوپ مان ڪا مڇي نڪري گراهڪ کي پريشان ڪري.)

گهٽن ماڻهن جو خيال هوندو ته اها سنگاپوري چانهه شايد سنگاپور جي ايجاد هجي يا اتان شروع ٿي هجي. آءُ ٻه سوچيندو هوس ته سنگاپور جا ماڻهو سنگاپوري چانهه ئي پيئندا هوندا. پر سنگاپور اچڻ کان اڳ سنڌ جي مشهور ڪهاڻيڪار آغا سليم جو سنگاپور بابت سفرنامو پڙهي معلوم ٿيو ته اتي بي هر شيءِ ملي ٿي، سواءِ سنگاپوري چانهه جي.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته سنگاپور ۾ دنيا جي هر شيءِ ملي ٿي سا ٻه سستي اگهه تي. آمريڪا جون ٻيل قميصون ۽ پتلونون،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هتي، آمريڪا ڪان سستيون ملنديون. جپان ۾ جرمنيءَ جون ڪئميرائون ۽ ڪارون، انهن ملڪن ۾ به ايتريون سستيون نه ملنديون، جيتريون سنگاپور ۾. آسٽريليا ۽ نيوزيلنڊ جو مکڻ، گيهه ۽ بند ٽيل گوشت، فرانس جو سينٽ، انگلنڊ جا پرس، مطلب ته هر شيءِ هتي سستي آهي. ڪو زمانو هو جڏهن عدن، ڪولمبو [سلون] وغيره دنيا جا مشهور ٽئڪس فري بندرگاهه هوندا هئا. پر اڄ ڪلهه صحيح معنيٰ ۾ فقط هانگ ڪانگ، لاس پاماس [ڪنري ٻيٽ] ۽ سنگاپور آهن. هنن شهرن جي [جيڪي ٻيٽن جيڪي شڪل ۾ آهن]، سئيز ڪئنال بند ٽيڪ ڪري هيڪاندي حيثيت وڌي وئي آهي. سنگاپور جهڙي شهر جو هڪ هڪ ڏينهن عورتن لاءِ عيد برابر آهي. جي توهان پلجي هتي زال سان گهمڻ اچو ته به ڪم ڪجو. يا هوٽل ڪان ٻاهر نه نڪرجو يا پاڻ سان گڏ چيڪ بڪ به ڪيسي ۾ وجهي نڪرجو.

سنگاپور، هانگ ڪانگ ۽ لاس پاماس جي بازارن ۾ عورتن کي هوش حواس نه هوندو آهي. ائين لامارا هٽي خريداري ڪندیون آهن جڻ هن دنيا جو اڇوڪو ڏينهن، آخري ڏينهن آهي. سياڻي هي دڪان نه رهندا، هي سڪ، چيني ۽ سنڌي دڪاندار نه هوندا ۽ هيءُ سنگاپور، سنگاپور نه رهندو. يا ائين لڳندو آهي، جڻ ڪو ٻيو وڏو هجوم عورتن جي پنيان سپ ڪجهه خريد ڪرڻ لاءِ اچي رهيو آهي، ۽ بازار خالي ٿي ويندي، ان کان اڳ سپ ڪجهه خريد ڪري ونجي، ۽ واقعي ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته عورتن جو هڪ اڻ ـ ڪٽندڙ سيلاب هڪ ٻئي پنيان هر روز نظر اچي ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ملڪيا ۾ سنگاپور جي وچ ۾ فقط هڪ پُل!

سنگاپور جو جيڏو دنيا ۾ نالو مشهور آهي ۽ جيترو سنگاپور خوشحال ۽ سڌريل آهي، ان مان لڳي ٿو ته جڏ ته ڪو هي ايراضِيءَ ۾ به وڏو ۽ امير ملڪ هوندو. (هتي، امير ملڪ مان منهنجو مطلب قدرتي امير هجڻ آهي، يعني پوک، معدنيات (ڌاتو، ڪاٺين) وغيره کان، جيئن جپان قدرتي طرح امير ملڪ ناهي، جو هر ڪجو مال ٻاهران ٿو گهُرائي ۽ ملڪ ۾ ڪجهه به نه آهي. جيتوڻيڪ ٻئي ملڪ پئسي دولت جي معاملي ۾ شاهوڪار آهن.)

پڙهندڙن کي تعجب لڳندو ته سنگاپور ملڪ هڪ ننڍڙو ٻيٽ آهي، جنهن جي دنيا جي نقشي تي حيثيت فقط هڪ ٽٻڪي جيان آهي. سڄي ملڪ جي ايراضي فقط ٻه سؤ پنجويهه چورس ميل آهي. يعني جي ويڪر پنڌرهن ميل آهي ته ڊيگهه به پنڌرهن ميل سمجهڻ ڪپي. (ڇو ته ڪنهن به پڻ جي ايراضِي ويڪر ضربيان ڊيگهه آهي. سو ٻه سؤ پنجويهه ميل گهٽي ايراضي ناهي.) هونءَ هي ٻيٽ هم چورس ناهي ڪٽي ويڪر گهٽ آهي ۽ ڪٽي گهٽي ٻه. ان حساب سان ڊيگهه پنڌرهن ويهن ميلن کان ڪافي مٽي اٽس ۽ ٻيٽ جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين بس يا ٽئڪسي ڪلاڪ سوا وٺي ٿي، جو ڪٽي ڪٽي رستي ۾ ور وڪڙ ٻه ڏاڍا آهن.

سنگاپور ٻيٽ ملايا جي سرزمين کان گهٽو ڇڪل ناهي. جيئن منوڙي ٻيٽ جو رشتو ڪراچيءَ سان آهي، تيئن سنگاپور ٻيٽ جو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ملايا جي سرزمين سان . جيئن اسان وٽ ڪياماڙي آهي، تيئن هتي ملايا جو شهر 'جوهور' آهي، جو سنگاپور کان فقط منو ميل پري آهي. اهو آهي تہ منوڙي ۽ ڪياماڙي جي وچ ۾ پُل ڪانهي، لانچون ۽ ٻيڙيون ٿيون هلن. پر هتي سنگاپور ۽ ملايا جي شهر جوهور کي ڳنڍڻ لاءِ منو ميل ڊگهي پل آهي. پُل ٽپُ تہ هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ ۾. سنگاپور کان ملايا [ملائيشيا] وڃڻ لاءِ پڪو رستو ۽ ريل جي لائين گڏو گڏ هن پُل تان لنگهن ٿيون. سنگاپور جي پنجاسي سيڪڙو آدمشماري [اٽڪل ويهہ لک کن] فقط اناويهہ چورس ميلن جي زمين تي رهي ٿي. آبادیٔ جو هي ميڙ سنگاپور جي ڪناري ۽ بندرگاهہ جي پسگردائئ ۾ رهي ٿو.

حڪومت وڌندڙ آدمشمارئ کي ڏيان ۾ رکي فليٽن جي اسڪيم شروع ڪئي آهي. پراڻين جڳهين کي ڊاهي ڪراچي جي 'الاعظم اسڪوائر' ۽ 'ڪريم آباد' جي فليٽن جهڙا، پر انهن کان ٻہ اتاهان فليٽ نهرايا آهن جن ۾ سنگاپور جا ست لک کن ماڻهو رهن ٿا. سنگاپور جي ويجهو اڇ سان پهرين اهي ڏگهيون عمارتون نظر ايندیون. جيئن جهاز ڪراچئ جي ويجهو ايندو آهي تہ پهرين حبيب بئنڪ، اين.ايس. سي [نئشنل شپنگ ڪارپوريشن] بلڊنگ ۽ استيٽ بئنڪ نظر ايندي آهي.

رستن تي ٽرئفڪ گهٽائڻ لاءِ پبلڪ بسون تمام گهڻيون ۽ آرامده رکيون ويون آهن، جيئن امير ماڻهو ۽ وڏا آفيسر ٻہ خودبخود پنهنجون موٽر ڪارون ڇڏي بس ۾ سفر ڪرڻ لاءِ آماده ٿي وڃن. انهن ۾ ڪيتريون ئي بسون تہ ايئرڪنڈيشنڈ آهن. پر ٽڪيٽ معمولي رکي وئي آهي. شايد سنگاپور جي بس جي مالڪن کي پوليس

تنگ نہ ٿي ڪري، جو ان معمولي ٽڪيٽ مان بہ ڪين ايتري بچت ٿئي ٿي، جو هر روز بسن جي ترقي ٿي رهي آهي ۽ بسن کي وڌيڪ آرامده بنايو پيو وڃي. ڪراچيءَ جي بسن ۽ ٽئڪسين جا مالڪ تہ روئندا ئي رهن ٿا. مسافرن سان ٽپ هلڻ جي باوجود بہ سندن مٿيون خرچ پوليس پنيان ايترو آهي، جو هميشہ سندن اها شڪايت آهي تہ: جيتري ۾ خريد ڪيوسين اوتري ۾ وڪيوسين ـ نفعي ۾ فقط پادر پيا.

سنگاپور کي پنهنجي پيدائش تہ ڪا خاص ناهي، گهٽو ڪمائيءَ جو دارومدار، باهرين ملڪن کان آيل سياحن ۽ جهازن جي آمدرفت تي آهي. دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ کان سياح ۽ واپاري سنگاپور ۾ اچن، خريداري ڪن، وڏين هوٽلن ۾ رهن. ننڍين هوٽلن ۾ ماني کائين. ڪڏهن ملئي مسلمان جي هوٽل ۾ مشرق بعيد جو کاڌو تہ ڪڏهن جپاني ۽ مغربي طرز جو کاڌو. رڪشائن ۽ ٽئڪسين ۾ چڙهي، سئنيمائن ۽ ٿيٽرن ۾ فلمون ۽ ڊراما ڏسن. اهڙيءَ طرح سڄي سنگاپور جي ڪمائيءَ جو دارومدار مختلف طريقن سان باهران آيل سياحن تي رهي ٿو. هونءَ سنگاپور جي ننڍڙي ٻيٽ ۾ ٿوري گهٽي رٻڙ ۽ ناريل جي پوک ٿئي ٿي. کاٽين ۾ بہ شيهو ٿئي. شيهو ۽ رٻڙ پڻ باهرين ملڪن ۾ موڪلي زرمبادلو ڪمائين.

بندرگاهہ جي پرسان چينج ايلي آهي. هن سوڙهي ۽ اوندهي بازار ۾ دنيا جو هر مشهور سڪو مٽجي ملي ٿو. جيئن ئي بندرگاهہ کان نڪربو تہ پئسا مٽي ڏيڻ وارا ڦري ايندا. اجان هڪ مان جان ڇڏائي ٻہ چار قدم کڻبا تہ رامجي جي ٽن نڱن وانگر وري ٻيو نڱُ ملندو: ”واٽ شپ؟ سر چينج مني؟“ *(What Ship? Sir Change Money پُڇندو).*

پئسا متي ڏيڻ وارا چيني ۽ ملئي به آهن، پر سپ کان گهٽا ڪارا مدراسي، بئنگلوري ۽ ٻيا ڏکڻ هندستان جا بشرٽ ۽ گوڏ ۾ ملندا. گوڏ، گوڏن وٽان متي ٻيٽي ٽيل. هيٺ مَرُ لڳل پيرن ۾ چنل يا گنل چئمپل ۽ ڪاريون سنهيون ٽنگون نظر ايندیون. هٿ ۾ آمريڪي ڊالر جو هڪ نوٽ هوندن. پٽ کي پر ڏئي يا ڪنهن ٽنيي يا اليڪٽرڪ پول کي ٽيڪ ڏئي بينا هوندا. جيئن ئي لنگهبو ته اڇيان ڊالر جو نوٽ وڌائي پڇندا: "سر چينج مني؟ ويري گُڊ ريٽ." (Sir Change Money? Very Good Rate)

پوءِ مثال جي ڳالهه اسان جهڙا، جن کي سڄو پگهار پاڪستاني سڪي ۾ ڪونه ٿو ملي. پر پگهار جو پنجاهه سيڪڙو ڪنهن به ملڪ جي پئسن ۾ وٺي سگهون ٿا. اسان گهٽو ڪري آمريڪا جا ڊالر يا انگلنڊ جا پائونڊ پگهار ۾ ونون، جو اهي سڪا اهڙا آهن، جي دنيا جي هر ملڪ ۾ هلن. چين جهڙو ملڪ، جيڪو آمريڪا کي هونءَ ته ڪُلي عام گاريون ڏئي ٿو، پر ڊالر جي معاملي ۾ اهو به اڇيان آهي.

روس هونئن ته گهٽو ئي طاقتور ملڪ آهي، پر سندس سڪو ايترو ته ڪمزور آهي، جو روس کان ٻاهر نڪر ته کو 'روبل' کي ڪنگهي به ڪونه ٿو. تعجب جي ڳالهه ته پروارن ملڪن ـ رومانيه، بلغاريه، ترڪي ۾ به آمريڪن ڊالر ته هر کو خوشيءَ سان قبول ڪري ٿو، پر روبل ونڻ يا مَٽي ڏيڻ کان ڪيٻائي ٿو، بلڪ صفا انڪار ڪري ٿو.

اسان جو جهاز جيئن ئي پاڪستان کان ٻاهر نڪرندو آهي ته اسان کي مهيني يا ٻن جو گهُر مطابق پگهار اڇوات غير ملڪي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سڪي ۾ ڏنو ويندو آهي. اسان هن دفعي ڊالر ورتا، پوءِ اهي ضرورت مطابق مختلف ملڪن ۾ متائيندا رهون ٿا. بئنڪ مان متائڻ سان مقرر اڳهه ملي، ۽ فقط ڊالر، پائونڊ ۽ ين دنيا جو مضبوط سڪو متجي ملي. پر پئسي مٽي ڏيڻ وارن دڪانن (Exchange Money Shops) تان سڀ سڪو متجي ملي، پر مختلف اڳهن ۾. مثال طور: ڊالر جي سرڪاري قيمت ۾ سنگاپوري ڊالر ۽ سڀ سينٽ آهي، پر جيئن ته ڊالر جي گهُرج وڌيل آهي، سو هي دڪاندار ڏهه پنڌرهن سينٽ مارڪيٽ جي اڳهه کان مٽي ئي ڏين. سرڪاري طرح اسان جي چئين روپئي ۾ هڪ سنگاپوري ڊالر آهي، پر هي پنجين روپئي ڏين. جپان جي هزار ين (Yen) جا سوا ئو سنگاپوري ڊالر ڏين يا ڏهه ويهه سينٽ هيٺ مٽي. مڙئي جتي جيڪو گراهڪ ڪُسي.

اهو اڳهُ روزانو بدلجندو رهي ٿو. ان جو مدار ان ملڪ جي معاشيات، سياست ۽ ملڪي حالتن تي رهي ٿو. ايوب جي لهڻ وارن ڏينهن ۾ اسان دبئي ۾ هئاسين. ايوب جي لهڻ کان هڪ ڏينهن اڳ دبئي ۾ ڏهين روپئي آمريڪي ڊالر پئي مليو، پر جيئن ئي حڪومت بدلي ته بئي ڏينهن (چوويهن ڪلاڪن اندر) ڪو روپئي کي سُجاڻي ۽ نه پيو. پنڌرهن روپين ۾ ۽ ڊالر ڪونه ٿي مليو.

بهرحال پگهار جي پئسن مان اسان گهرج مطابق ڊالر متائيندا آهيون. پوءِ جيڪو دڪاندار سنو اڳهُ ڏي. پر ڪو خاص فرق نه هوندو آهي، اوٽيهين ويهين جو تفاوت ٿئي. انهن دڪاندارن يا پئسا مٽي ڏيڻ وارن سان سياحن جي ڪُجهه هن ريت گفتگو ٿيندي آهي:

”ڊالر بدلائڻا آهن، چا اڳهُ آهي؟“

”آمريڪي ڊالر بدلائي سنگاپوري ڊالر ونڻا آهن يا سنگاپوري

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

بدلائي آمريڪي ونڊا آهن؟“

”آمريڪي ڊالر مٿائڻا آهن.“

”هڪ آمريڪي ڊالر جا ٻه سنگاپوري ڊالر ۽ پنجهٺ سينٽ.“

”بس! ٻيا ته ٻه سنگاپوري ڊالر ۽ اسي سينٽ ٿا ڏين.“ اسان اڳ ٻڌنداسين.

”ويري ساري! ويري ساري! ايتري ۾ ته آءٌ خود وڪڻان ٿو، خريد ڪيئن ڪندس.“

”ته پوءِ نهيو هلون ٿا.“

وري اڳتي وڌبو ته ٻيو ڦري ايندو ۽ اهو ويجهو اچي تنهن کان اڳ پهريون اچي چوندو، ”چگو سائين ڪيترا آمريڪي ڊالر مٿائڻا آهن؟ ونو ٻه سنگاپوري ڊالر ۽ ستر سينٽ. بس؟ اهو ته اڳهُ توهان کي ڪير ٻه نه ڏيندو.“

پوءِ اهڙي نموني سان مغز ماري ڪري ٻن چئن سان بحث ڪري ڪنهن کان مٿائڻا پوندا آهن.

ڪڏهن ڪڏهن وري اسان ٻه ڏاها ٽيڪ جي ڪوشش ڪندا آهيون، جيئن مون کي سنگاپور ۾ سياٽپ سُجهي. آمريڪي ڊالر مٿائي انگلنڊ جا پائونڊ ورتم. ٻئي هنڌان پائونڊ بدلائي ٿائلنڊ جا ’ٻاٽ‘ ورتم ۽ پوءِ ٽئين کان ٻات بدلائي سنگاپوري ڊالر ورتم. سوچيم ته ان چڪر ۾ ڪجهه ٻئسا زياده ئي حساب ۾ ملندم. پر سائين اڳيان هنن ٻئسا مٿي ڏيڻ وارن ٻه اس ۾ اڃا وار نه ڪيا آهن. حساب ڪٽي جاڃيان ته اهو ئي ساڳيو. پاڻ ڪجهه سينٽن جو مون کي نقصان.

ٻئسا مٿي ڏيڻ وارا کي ته ائين رستي تي بينا هوندا آهن ۽ ٻيا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

وري ننڍا ننڍا دڪان ائين هوندا آهن، جيئن پاڻ وٽ پان ٻيڙي ماچيس وارن جون مانڊٽيون (پيڊيون) ٿين. انهن مانڊٽين ۾ رنگ برنگي، مختلف ملڪن جا نوٽ لڙڪندا رهندا آهن ۽ شيشي هيٺان نج سونُ ۽ چانديءَ جا سڪا رکيا هوندا آهن. ان قسم جا دڪان بيروت، دبئي، دوحا (قطر)، ملايا، قاهره (مصر)، طرابلس وغيره ۾ جام نظر آيا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

وڏيون مسڪراهٽون ته وڏيون قيمتون

پئسا منڱائڻ کان پوءِ اسان گهمڻ جو ارادو ڪيو. سنگاپور جي سڀ کان وڏي ۽ وڏي بازار ريفلز پئلس آهي، جا بندرگاهه جي بلڪل ويجهو آهي. هتي سڀئي دڪان وڏا وڏا ۽ ڪيترين ماڙين تي نهيل آهن. هر ماڙيءَ تي مختلف قسمن جون شيون وڪامن ٿيون. ننڍڙو ڪيسو ڪٽي ايڏن وڏن دڪانن ۾ گهڙڻ پنهنجو پاڻ کي احساس ڪمتري ۾ وجهڻ آهي. پر بقول اسان جي سيڪنڊ انجنيئر اختر زيديءَ جي ته پئسو ڪيسي ۾ گهٽ اٿئون ته پوءِ چا ٿي پيو. ان جي اسان کي ئي خبر آهي نہ! ٻين کي ڪهڙي خبر. ڪنهن به دڪان ۾ ڪابه شيءِ ڏسڻ جي ته منع ڪانهي. ۽ اسان ڪيترن ئي اسٽورن تي بي بي هزارين روپين وارا سمهڻ جا پلنگ، ٽي ٽي هزار روپين وارا جپاني ڊنر سيٽ ۽ محلاتن ۽ راجائن جي گهر ۾ وڇامندڙ پنجين پنجين هزار روپين وارا غاليچا ڏسندا رهياسين. [جيتوڻيڪ اها بي ڳالهه آهي ته اهي 'ساڳيون شيون' ٻين عام دڪانن تي عام ماڻهو گهٽ قيمت تي ونندا نظر ايندا.] پر ان ڏينهن گرمي اهڙي هئي، جو فٽ پاٽ تي هلڻ کان پوءِ ڪجهه گرمي کان بچڻ خاطر ۽ ڪجهه انهن ۾ رکيل خوبصورت شين ۽ انهن کي خريد ڪندڙ خوبصورت گراهڪن کي ڏسڻ لاءِ، ايئرڪنڊيشنڊ دڪانن ۾ گهڙي پياسين. انهن دڪانن مان هڪ ٻن تان هلڪي ڦلڪي خريداري به ڪئيسين. مثال طور ڪنهن ڪنجي يا قميص ورتي، ڪنهن تصويرون ۽ خط لکڻ لاءِ رنگين لفافا ۽ رائيٽنگ پئڊ ورتا. ڪنهن ڪائڻ لاءِ ڪاجا ۽ بادام ورتا ۽ ڪنهن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آئيس ڪريم ڪون ورتو. اسان کي خبر آهي ته وڏيڪ شاپنگ ڪٽان ڪجي ۽ ڪيئن ڪجي. ۽ هي دڪان انهن ماڻهن لاءِ آهن، جن وٽ پئسو گهٽو ۽ وقت گهڻ هجي. جي فقط پنهنجي چهه وال ڏگهي ڪار دڪان وٽ بيهاري بنا قيمت پچڙ جي شيءِ مطابق پئسا ڏئي هليا وڃن. اسان جهڙا جيڪي پئسن مطابق خريداري ڪن انهن لاءِ سنگاپور جي 'عرب اسٽريٽ' جهڙيون بازاريون بهترين جڳهون آهن جن ۾ سوديبازي (Bargaining) عام جام آهي. سادا دڪان آهن، وڪڙ واريون گهڻ خوبصورت چوڪريون آهن ۽ بقول اختر جي، 'شوپيس' گهڻ آهن. مسڪراهٽون گهڻيون نٽيون ملن، پر انهن سان گڏُ شين جي قيمت بہ ته گهڻ آهي. وڏن دڪانن ۾ سواءِ مسڪراهٽن جي هر شيءَ مهانگي آهي. خاص ڪري چيني، سڪ ۽ سنڌي هندو واپاري ته ان ۾ تمام سياڻا آهن. جيڪو سندن دڪانن تي چڙهندو آهي، اهو ٻئي ڪن ۽ ڪيسو ڪپائي هيٺ لهندو آهي. چيني زبان ۾ چوٽي آهي ته: جو مسڪرائي نٽو ڇاڻي سو واپاري ٿي نہ ٿو سگهي. هونءَ سڪن ۽ سنڌين جي دڪان تي بہ سيلز گرلس چيني خوبصورت چوڪريون آهن. ڪن ڪن دڪانن ۾ سڪ ۽ سنڌي چوڪريون نظر آيون.

ريفلز پئلس ۾ عوامي چين جي دڪانن 'چائنا ايمپوريم' ۽ ٻين ۾ قيمتون مقرر ۽ مناسب آهن. باقي ٻين ۾ مقرر هوندي بہ سوديبازي عام ٿي هلي. ساڳيو حال هانگ ڪانگ، ملايا ۽ ايشيا جي ٻين ملڪن ۾ آهي. پر سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ جو جواب ناهي، هتي جي خريداريءَ جو اصول اهو آهي ته دڪاندار ڪنهن شيءِ جا ويهه ڊالر گهري ته ڏهه ڇڏجنس. ٻارهين تيرهين ۾ سودو طئي ٿي ويندو. ۽ جي دوڪان ننڍو آهي يا نائيٽ بازار آهي (پورٽ ڪلانگ جهڙي) ته ويهن ڊالرن جي شيءِ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جا ست يا اٺ چوڻ ڪپن. چڪي تاڻي دڪاندار اها شيءِ ڏهين ڀالر ۾ ڏيڻ تي راضي ٿي ويندو. ۽ جي اهو نه ته پر وارو دڪاندار ضرور راضي ٿي ويندو. ڪجهه هن ريت انهن بازارن ۾ دڪاندارن ۽ خريدارن جي گفتگو ٻڌڻ ۾ ايندي:

"هن مختلف پٽن واري ليدبز واڇ جو گهٽو؟" خريدار پڇندو.

"فقط پنجهتر سنگاپوري ڀالر." (يعني پاڪستاني ٽي سؤ روپيا.)

"پنجهتر ته تمام گهٽا آهن"

"پلا تون ڇا ڏيندين؟" دڪاندار پڇيو.

"هن گهٽيءَ وارو دڪاندار ساڻئي انن پٽن واري واڇ ٽيهه ڀالر ۾ پيو ڏئي، پر آءٌ ته پنجويهه ڏيڻ لاءِ تيار آهيان."

"واهه سائين واهه! اهڙِي پياري واڇ جو اهڙو قدر. پنجٽيهن جي ته مون خريد ڪئي آهي."

"نه پنجويهه ڏيندس."

"چگو پلا ٽِيهه ڏي، ڪٽ واڇ."

"چيم ته سهي ته پنجويهن کان هڪ سينٽ بہ مٿي نه ڏيندس."

"پنجويهين ته ميان سڃي سنگاپور ۾ نه ملندءِ. وڃين ته وڃ هليو."

۽ توهان اڃان ست قدم بہ نه ڪٽندؤ ته پنيان سڏ ٿيندوَ.

"سائين ڪيڏانهن ٿا وڃو. پنجويهن ۾ ئي ڪٽو. ڪيتريون پارسل ڪيان؟ هڪ ڊبي يا وڌيڪ؟"

۽ سودو ٽن سؤ روپين تان سؤ تي لهي آيو. پر ان جو مطلب اهو بہ نه آهي ته سؤ روپين جي شيءِ جا فقط ڏهه روپيا ٻڌايو ۽ دڪاندار بيهوش ٿي وڃي. يا وڙهڻ لاءِ تيار ٿي وڃي. جيئن اسان جو دوست بشير وسطڙو ڪراچيءَ ۾ هڪ دڪان تان بئگ خريد ڪرڻ لاءِ چڙهيو، قيمت پڇيائين.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”ڏيڍ سؤ روپيا فقط.“ دڪاندار ٻڌايس.

ڀ هي جوان خريد ڪرڻ کان انڪار ڪري لهڻ ٿي لڳو ته دڪاندار چيو: ”اجي صاحب آخر توهان به ته ٻڌايو ته گهٽو لهي ڀ گهٽو ڏيندا.“

”اون هون!“ بشير انڪار ڪندو رهيو. تنهن تي مون به دڪاندار جي طرفداري ڪندي چيومانس ته ڪيترو ڏيندين ته ان اڳهه تي بحث ڪريون. پر ڪجهه نه اڪليو. دڪاندار پنج روپيا چڏي وري پڇڻ لڳو: ”سائين آخر توهان ڪيترو ڏيندا ڪجهه ته ٻڌايو.“

”آڀ ٻڌائيندس ته تون مونکي گار ڏيندين.“ بشير معصوم انداز ۾ چئي دڪان تان لٿو ڀ مونکي ٻڌايائين، ”يار مون وٽ ته هڪ ئي پنجويهه روپيا. ڪيترو لاهي ڪيترو لاهيانس ها؟ ڀ پنجويهه چوانس ها ته گاريون نه ڏئي ها ته ٻيو چا ڏئي ها.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ڀ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سنگاپور ۾ هڪ سنڌي اسڪول

سنگاپور اڃڻ کان اڳ اردو جي هڪ اديب ابن انشا جو سنگاپور بابت سفرنامو پڙهيو هوم. جنهن ۾ هو ٿ: سنگاپور ۾ سنڌي واپاري تمام گهٽا آهن. مشهور هندستاني ائڪٽر ۽ ڪالم نگار آءِ. ايس. جوهر پڻ لکيو آهي ٿ سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ ۾ سنڌي ايترا آهن جو اهي ٻئي ملڪ سنڌين جي ڪالونيون ٿيون لڳن. اهو پڙهي مون کي شوق جاڳيو ٿ ڪنهن سنڌيءَ سان ملي ان کان هتي جي رهندڙ سنڌين بابت خبرچار ونجي ٿ هو هتي ڪيئن ٿا رهن.

پر خبر ڪيئن پوي ٿ سنڌي ڪهڙو آهي. سڀ هندستاني، پاڪستاني، سلوني هڪ رنگ جا. ڪنهن کان پڇي ڪنهن کان پڇجي. چيني ۽ سڪ ٿ مِني نڪن ۽ ڏاڙهين ڪري پري کان پڏرا آهن. پر سنڌيءَ کي ڪيئن سُجاڻجي.

چائنيز امپوريم ۾ چيني شيون ڏسي رهيا هئاسين ٿ هڪ فئملي اسان جي رنگ روپ جهڙي پرسان نظر آئي. عورت ساڙهي پسند ڪري پنهنجي مڙس کي ڏيکاري رهي هئي ۽ ساڳي وقت چيني چوڪريءَ سان قيمت تي بحث ڪري رهي هئي. اسان جيئن سندس پر مان لنگهياسين ٿ هوءَ مڙس کي سنڌيءَ ۾ چئي رهي هئي: "چتي ٿي آهي جو هِنَ ساڙهيءَ جا ايڪيهه ڊالر (چوراسي روپيا) ٻڌائي رهي آهي."

اهو جملو ٻُڌي مون کي پڪ ٿي ٿ هيءَ سنڌي فئملي آهي. ويجهو وجي پڇيومانءِ، "توهان سنڌي آهيو؟"

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”ها“ هنن اهڙي نموني سان سرد جواب ڏئي، تعجب مان نهاريو، جيئن ڪنهن کان ڏينهن تتي جو سوال ڪجي تہ ڇا هن وقت ڏينهن آهي؟ جو جواب ۾ هو ’ها‘ چئي ان بيڪار سوال ۽ بيوقوفي تي تعجب ڪائي.

”منهنجو مطلب آهي، آءٌ ٻاهران سنڌ کان آيو آهيان. سنگاپور ۾ ٻڌو اٿم تہ سنڌي رهن ٿا، سو انهن سان ملڻ جو خيال اٿم. توهان ڪو اهڙو ٻڌائي سگهندا، جنهن سان ملي آءٌ هن ملڪ بابت خبر چار وٺي سگهان.“

”اسان دراصل هتي جا نہ آهيون. اسين جڪارتا (انڊونيشيا) ۾ رهون ٿا، ڪالهہ هتي گهمڻ آيا آهيون. هوٽل ۾ واري بازار هاءِ اسٽريٽ ۾ تہ سڀ سنڌين جا دڪان آهن. اتي توهان کي ڪيترائي سنڌي ملندا يا شهر ۾ ٻين ڪيترن ئي جڳهين تي.“

سامهون سنگاپور جي High Street هئي. هاءِ اسٽريٽ پڻ هتي جو فئشن ايبل شاپنگ سينٽر آهي. جيئن ڪراچيءَ جي ايلفي (زيبي). وڏا خوبصورت ايئرڪنڈيشنڈ دڪان، جن ۾ گهٽا ڪپڑي جا آهن.سيني دڪانن اڳيان وراندي جي شڪل ۾ اڏاوت وارو فٽ پاٿ، جن دڪانن اڳيان لنگهندي دڪانن مان ايندڙ خوشبوءِ خودبخود گراهڪ کي اندر ڇڪيو وڃي. انڊونيشي سنڌي فئملي جي چوڻ مطابق هتي سڀ سنڌي دڪاندار نظر آيا. هڪ دڪان اڳيان بہ جهُور پوڙها سنڌي، هڪ اڇي ڪمپليٽ سوٽ ۾ ۽ ٻيو بشرٽ ۽ پتلون ۾، لڪڻ هٿ ۾ جهليو، سنڌيءَ ۾ خبرون ڪري رهيا هئا. ڪانئن مون ڪنهن صحيح ماڻهوءَ کان انترويو ونڊ لاءِ پڇيو. هنن مون کي سنگاپور جي ’سنڌي مرچنٽ ائسوسيئيشن‘ (*Sindhi Merchants Association Singapore*) جي جنرل سيڪريٽريءَ جو ڏس ڏنو.

مسٽر رامچند، سنگاپور جي وڏن واپارين مان هڪ آهي. پاڻ

ڪپڙي جو ٻڏو واپاري آهي. آمريڪا ۾ جپان کان ڪپڙو گهرائي سنگاپور ۾ مختلف دڪاندارن کي مهيا ڪري ٿو. سندس دڪان ٽن ماڙين تي آهي. هيٺ سيل ڪپڙا، آمريڪا جون لي پتلونون ۽ ائرو قميصون، ٽايون، جوراب، عورتن لاءِ اسڪرٽ، سيل بيل باٽمڊ پتلونون ۽ رنگين گوڏون وغيره شيشي جي ڪبٽن ۾ رکيل هيون. چيني سيلز گرل گراهڪن کي مختلف ڪپڙا ڏيکاري رهيون هيون. هڪ ٻه مرهٽي ۽ سنڌي چوڪريون پڻ ڪائونٽر وٽ نظر آيون. جيڪا سنڌي هئي، تنهن کي ٻڌايم ته رامچند سان ملڻو آهي. پاڻ مٿي وڃڻ لاءِ چيائين. ٻي ماڙ تي فقط ساڙهيون هيون. هر قسم جي اعليٰ درجي جون ساڙهيون. پوءِ معلوم ٿيو ته سڄي سنگاپور ۾ ساڙهين جو هيءَ ئي وڏو دڪان آهي. پاڻ اتي ئي مليو. ڪنڌ وارو ڪمرو سندس آفيس هئي. ڪيس ٻڌايم ته سنڌ جي هڪ سنڌي اخبار جو نمائندو آهيان ۽ مشرق جي ملڪن ڏسڻ دوران هتي پهتو آهيان. توهان سان خبرون چارون ڪرڻيون آهن. پاڻ منهنجو آڏرياءُ ڪندي آفيس ۾ وٺي آيو. مون سندس گهڻو وقت وڃائڻ نٿي چاهيو، ساڳي وقت مون کي ٻه سنگاپور شهر گهمڻ لاءِ وقت ٿي ڪتو.

پاڻ ٻڌايائين ته سنگاپور ۾ ڏهه هزار کان مٿي هندو سنڌي فئمليون رهن ٿيون ۽ گهڻو ڪري سڀ واپاري آهن. سڀ کان گهٽا سنڌي، سنڌ کان پوءِ جڪارتا (انڊونيشيا) ۽ هانگ ڪانگ ۾ رهن ٿا. ان کان علاوه مشرق بعيد جي هر ملڪ ۾ ڪافي سنڌي آهن. سنگاپور ۾ هر سال سنڌي وڌي رهيا آهن. اها واڌ هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ گهٽي ٿي آهي.

”ڇا سنگاپور ۾ سنڌي ورهاڱي کان اڳ ٻه هئا؟“ مون پڇيومانس.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”بلڪل. سنڌي تہ واپار ڪارڻ ورهاڱي کان ٻہ سؤ سال کن اڳ جا ٻاهر جا نڪتل آهن. انگريز ٻہ هندستان ۾ پوءِ آيا، ان کان اڳ سنڌين جي واپار جون ڪوٺيون بصري، بغداد، ڪچ، پوچ، لنڪا، سيلون، سنگاپور ۽ ايرندي ڏي ويندي چين تائين هيون ۽ الهندي طرف مشرق آفريڪا جي دور دراز ملڪن تائين هيون. مونکي ايتري خبر ناهي تہ سنگاپور ۾ پهريان سنڌي ڪير ۽ ڪڏهن آيا. هونءَ هي اسان جي سنڌي مرچنٽس ائسوسيئيشن ٻہ سؤ سال کن پراڻي آهي. 1921ع ڌاري هتي سرڪاري طور رجسٽر ٿي آهي. 1970ع کان لڳاتار سندس جنرل سيڪريٽري آءٌ آهيان. اسان جون چوندون هر سال ٿين. هر سال اسان هڪ مخزن ڪڍون. اسان هتي سنگاپور ۾ سنڌي ايترا آهيون. جو اسان جي ٽيليفون ڊئريڪٽري ئي الڳ آهي، جا اسان پاڻ ڇپايون.“

رامچند، پنجاهہ سال جي عمر هجڻ جي باوجود ٻہ جوان ۽ سمارٽ لڳي رهيو هو، ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ پر ۾ رکيل ڪٻٽ مان هڪ ڊئريڪٽري ڪڍي مون کي ڏنائين. آءٌ ان گلابي رنگ جي پلاسٽڪ ڪور جي ڊئريڪٽريءَ کي ڏسڻ لڳس، جنهنجي ٻاهران وڏن اکرن ۾ *Sindhi Merchants Association Singapore* لکيل هو. وچ تي ايسوسيئيشن جو مونو گرام ـ گول دائري ۾ ٻيڙي ۽ چؤڌاري ساڳيا متيان لفظ ۽ هيٺ تري ۾ *Telephone Directory* 1971ع ـ 72 لکيل هو. اندر پهرين صفحي تي ائسوسيئيشن جي صدر جو پيغام هو ۽ ٻئي تي مئنيجنگ ڪميٽي جي ميمبرن جا فوٽو. پنجين صفحي تي سنڌي مرچنٽ ائسوسيئيشن جي ائڊريس (پوسٽ باڪس نمبر 570) هئي. ۽ انهيءَ هينان سنگاپور ۾ رهندڙ سنڌين جي ٽيليفونن جا نمبر ۽ ائڊريسون شروع ٿي ٿيون. ڇاهتر صفحن جي هيءَ سجي ڊائريڪٽري آرٽ پيپر تي سهڻي طرح ڇپيل

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هئي. آءٌ ڊائريڪٽري ڏسي رهيو هوس تہ پاڻ بيل وڃائي چيني چوڪريءَ کي گهرائي چيني زبان ۾ ڪجهہ چيائين ۽ هوءَ اسان لاءِ سيون اپ ۽ بسڪٽ کڻي آئي.

”چا توهان سنڌي ۽ انگريزي زبانن کان علاوه چيني بہ ڳالهايو ٿا؟“

”جي ها. چيني ۽ ملئي هتان جو زبانون آهن، سو اهي بہ ڄاڻون. جيئن اسپين ۾ رهندڙ سنڌي، اسپيني زبان ڄاڻن، بيروت ۾ رهندڙ عربي، اهڙيءَ طرح ٻين ملڪن ۾. سنڌي مادري زبان اٿئون، سو ملڪ کڻي ڪهڙو بہ هجي، پر پاڻ ۾ ۽ گهر تہ ڳالهائڻ کان ڪو روڪي نٿو سگهي.“

”پلا توهان جو اولاد ۽ اڃڪلهہ جي ننڍي ٽهي بہ سنڌي ڳالهائي ۽ لکي پڑهي سگهن يا نہ؟“ مون پڇيومانس.

”ها، اهي پڻ. پنهنجي پاشا کي پلا ڪيئن ڇڏي سگهبو. زبان ختم ٿي معنيٰ قوم جو وجود ختم ٿيو. اسان جي سنڌي زبان تہ تمام وسيع ۽ شاهوڪار زبان آهي، پر مادري زبان تہ باگڙي ۽ ٻيل بہ نہ ڇڏيندا.“

”پوءِ پلا توهان جي ننڍي ٽهي سنڌي لکڻ پڑهڻ ڪيئن سکي؟“

”ان لاءِ اڄ کان گهٽا سال اڳ ويهي سوچيو هيوسين تہ ان جو هڪ ئي طريقو آهي تہ اسان پنهنجي خرچ سان ئي سنڌي اسڪول تيار ڪريون، جنهن ۾ اسان جا ٻار تعليم حاصل ڪن، جيئن هانگ ڪانگ، بيروت ۽ جڪارتا ۾ ٻين سنڌين ’پنهنجي مدد پاڻ ڪريو‘ جي اصول تي ڪيو آهي. سو هاڻ انهن سنڌي اسڪولن ۾ هڪ ڏينهن صبح جو ۽ ٻئي ڏينهن شام جو شفٽون ٿين. جيڪي ٻار پنهنجي انگريزي يا چيني اسڪول ۾ صبح جو وڃن، سي سنڌي اسڪول ۾ شام واري ڏينهن اڃن ۽ شام وارا صبح جو. اڄ شام جو اسڪول آهي. اهو سنڌي اسڪول

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هتان ڪجھ پري، جبل تي ھڪ خوبصورت ھنڌ تي نھيل آھي، جتي بسون پڻ وڃن. جيڪڏھن چاھيو تہ توھان کي اوڏانھن موڪليان؟“

”اھو تہ وڌيڪ بھتر. آءٌ سنڌي ٻارن سان ملي سگھندس.“ مون چيومانس.

پاڻ ٽيليفون ڪٽي مسز ڀگونتيءَ سان ڳالھايائين جا اسڪول جي انچارج آھي.

”ھتي اسان وٽ سنڌ مان ھڪ اخباري نمائندو آيو آھي، جو سنڌي اسڪول ڏسڻ ٿو چاھي ۽ اھو معلوم ڪرڻ ٿو چاھي تہ پرديس ۾ سنڌي زبان جا سُڌارو ڪري رھي آھي ۽ سنڌي ڪيئن ٿا رھن.“

ڀگونتيءَ ٻڌايو، ”اسڪول ۾ امتحان ھلي رھيا آھن. بھتر ٿيندو تہ سياڻي صبح جو اچي.“ مون کي ٻئي ڏينھن وڃڻ جو ارادو ھو، پر جھاز تي اليڪٽرسٽيءَ پيدا ڪندڙ جنريٽر ۾ خرابي ٿيڻ ڪري وڃي نہ سگھيس ۽ نيڪ ٽيڻ ۾ سڃو ڏينھن گذري ويو.

رامچند ٻڌايو تہ سنگاپور ۾ سنڌين جا فنڪشن ۽ گڏجاڻيون ٿيندیون رھن ٿيون. ان کان علاوہ ٻارن جا ۽ وڏن جا ڊراما ۽ ورائٽي شو پروگرام ٿيندا آھن. پاڻ ڪجھ ڊرامن ۽ فنڪشنن جي فوٽن جا البم ڏيکاريائين، جن مان ڪجھ فوٽا مون کي ڏنائين. پاڻ ٻڌايائين تہ سنگاپور جي سنڌين جون گڏجاڻيون ’سنڌو ھائوس‘ ۾ ٿيندیون آھن، جا عمارت ان قسم جي دعوتن لاءِ آھي.

سندس ھن دڪان کان سواءِ ٽي ٻيا دڪان ھانگ ڪانگ، ڪولون ۽ نيويارڪ ۾ بہ آھن، جي سندس پُٽ ھلائين ٿا. ھو ورھاڳي کان ڪجھ سال اڳ 1941ع ۾ حيدرآباد سنڌ کان سنگاپور واپار جي خيال کان لڏي آيو ھو ۽ ھاڻ ھتي ئي جو شھري آھي. سندس ھيرآباد ۾ پڻ ڪپڙي جو

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

دڪان 'سوديشي پنڌار ڪلاٿ شاپ' مشهور هو.

بين سوالن کان علاوه ڪانئس اهو پڻ پڇيم تہ: "سنگاپور جيئن تہ مختلف مذهبن ۽ زبانن جو ملڪ آهي ۽ سڀ گڏجي رهن ٿا. اهڙي صورت ۾ سنڌي فقط پاڻ ۾ سگهه بندي ڪن يا بين سان بہ رشتا ناتا ڪندين."

"ان معاملي ۾ اسان ايترو گهڻو نہ ويا آهيون ۽ اسان وٽ اڃان پنهنجو پاڻ ۾ سگهبندي ڪرڻ جي رسم آهي. ان هوندي بہ اڄڪلهه ڪجهه نوجوانن چيني ڇوڪرين سان شاديون رچايون آهن."

"ڇو پلا سنڌي ڇوڪريون سهڻيون يا پڙهيل ڳڙهيل نہ آهن ڇا؟" مون ڪلندي پڇيومانس.

"پڙهيل بہ آهن سهڻيون بہ. پر چينياڻين ۾ مڙيئي اڇ ۽ ناز نخرو گهڻو آهي. ان تي اڄڪلهه نوجوان هرڪيو پون."

"پلا چيني يا ملئي ڇوڪرا، هتي جي سنڌين ڇوڪرين سان شادي ڪن يا نہ؟"

"ان معاملي ۾ پاڻ سنڌي مڙيئي تنگدل ۽ Conservative يا جيڪي ڪجهه سمجهين، آهيون. اسان پسند نٿا ڪريون تہ اسان جون ڇوڪريون چيني يا ملئي ڇوڪرن سان پرڻجن. باقي پنهنجن ڇوڪرن کي آزاد ڇڏي ڏنو اٿئون. جو اڄڪلهه جي نوجوانن سان مائٽ پڇيو بہ نٿو سگهي. جيتوڻيڪ ان قسم جون پيار جون شاديون ڏارين ڇوڪرين سان ڪامياب نہ ويون آهن پر سندن مرضي. اسان هڪاسين جو ماتا پتا جو چيو مڃيندا هڪاسين. اڄڪلهه اولاد ڪٿي آهي مائٽن جي هٿ ۾. اڄا بہ اسانجون ڇوڪريون مائٽن جي عزت ۽ ادب رکنديون اچن نہ تہ هتي يورپي، آمريڪي ۽ انگريز ڇوڪريون ڏسون ٿا تہ ڏندين آڱريون اڇيو وڃن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

زمانو الائي ڪٿان جو ڪٿي وڃي نڪتو آهي. خبر ناهي هيءَ ترقيءَ جي حد آهي يا تباهيءَ جي نشاني؟“

سنڌي ادب جو ذڪر ڪندي پچيومانس، ”توهان اڃڪلهه ڪهڙا سنڌي رسالا ۽ ڪتاب پڙهو ٿا؟“ ان جي جواب ۾ ٻڌايائين تہ، هو واپاري قسم جو ماڻهو آهي. ”سڄو ڏينهن گراهڪن سان مغزماري ڪرڻي ٿي پوي، سو شوق هوندي بہ پڙهڻ جي فرصت نٿي ملي. باقي هتي ٻيون ڪيتريون فئمليون آهن جي سنڌي ڪتاب شوق سان پڙهن.“

اتفاق سان ان ئي ڏينهن شام جو سنگاپور جي باغيچي (*Botanical Garden*) ۾ بن عورتن کي سنڌي ڳالهائيندي ٻڌي، سنڌي ڪتابن بابت پڇيم.

”ها، مونکي سنڌي ادب سان چاهه آهي،“ هڪ ٻڌايو، ”گهڻو اڳ تہ پاڪستاني سنڌي رسالا ’مهراڻ‘ ۽ ’نئين زندگي‘ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جا ڪتاب بہ هتي پهچي ويندا هئا. پر اڃڪلهه پاڪستان جا ڪتاب ڪونہ ٿا ملن. انڊيا کان جيڪي سنڌي رسالا ۽ ڪتاب اچن ٿا، انهن مان ’ڪونج‘ فقط وٽيم ۽ ٻيا واسواٽيءَ جا ناول پسند اٿم.“

”ڪجهه مون کي پڙهڻ لاءِ ڏئي سگهندیون؟“

”ها، ضرور، مون وٽ تہ ايترا نہ بہ هجن، جو اجا گذريل مهيني هڪ اسپتال ۾ ڏئي آئي آهيان، جيئن مريض پڙهن. باقي منهنجين ڪن سهيلين وٽ تمام گهڻا سنڌي ڪتاب ۽ رسالا آهن. انهن کان وني ڏيڻ جي ڪوشش ڪنديس.“

ڪيس ٻئي ڏينهن ڪجهه پنهنجا ڪتاب سفرنامن جا مجموعا ۽ ٻيا ڪجهه ’سهڻي‘ ۽ ’ملير ڊائجسٽ‘ رسالا، جيڪي مون وٽ جهاز تي پيل هئا، ڏياري موڪليم تہ هوءَ ٻين کي بہ پڙهڻ لاءِ ڏئي، جيئن سنگاپور جا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سنڌي، پاڪستاني سنڌي ادب کان ڪجھ واقف ٿي سگھن. ھتي جي سنڌين کي مون ڏٺو تہ اھا عام دانھن ھئي تہ اڇڪلھ جي سنڌي زبان ۾ ملاوٽ وڌندي وڃي. ھندستاني سنڌي ڪتابن ۾ ھندي ۽ سنسڪرت جا لفظ اچي ويا آھن، پاڪستاني سنڌي ۾ عربي، فارسي ۽ اڙدو جا. ساڳي طرح سنگاپور جي سنڌين کي ڪيترائي ملئي ۽ انگريزي لفظ سنڌيءَ ۾ استعمال ڪندي ٻڌم.

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اڌ فلم مان اٿڻ جو راز

پهرين ڏينهن فقط بن ٽن سنڌين سان ملاقات ٿي، ان بعد ته سنگاپور ۾ روز جتي ڪٿي سنڌي ۽ سنڌين جا دڪان نظر آيا. ڪيمچند اينڊ سنز، ميلواڻي ريٽل شاپ، انڊس انٽرنيشنل، ڪراچي سلڪ اسٽورس، سنڌ جنرل اسٽور ۽ ٻيا ڪيترائي سنڌين جا دڪان ۽ جتي ڪٿي هلندي چلندي يا خريداري ڪندي سنڌي ٻڌبي ۽ ڳالهائبي هئي.

هڪ دفعي ته هڪ محترمہ کان ذري گهٽ ڇڙبون بہ ڪاڏيونسين. سنگاپور جي سلور سٽي سئنيما هال ۾ فلم ڏسڻ وياسين. فلم شروع ٿيڻ ۾ اڃان وقت هو. سو ٽڪيٽون وٺي ٻاهر هوٽل ۾ چانهہ پي آياسين ته ماڳهين دير ٿي وئي ۽ فلم شروع ٿي چُڪي هئي. ٻاهر 'هائوس فل' جو بورڊ لڳي چُڪو هو ۽ ڪيترائي بنا ٽڪيٽ جي مايوس بينا هئا. اسان وت ته ٽڪيٽون هيون. ماڻهن کي پري ڪندا اڳتي وڌندا وياسين. هڪ عورت جڳهہ ڏيندي ٻيءَ کي چيو: "چورن وٽ ٽڪيٽون نهن ڪونہ. چشمن هوندي بہ شايد 'هائوس فل' جو بورڊ نہ ٿا پڙهي سگهن، جو ڏوڪيندا اچن."

مون سان گڏ ريفريجريشن انجنيئر محمود هو، تنهن کي ته ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي. ان کان يڪدم ٽڪيٽون وٺي محترمائن کي ڏيکاريندي چيم: "ٽڪيٽون آهن، اسان کي اڳتي وڃڻ ڏيو." هنن کي بہ اها اميد نہ هئي ته کي اسان سنڌي آهيون، جو هتي جا رهندڙ سنڌي سپ هڪ ٻئي کي سُجاڻين. ڏاڍيون ڪٿيون ٿيون.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اندر سئنيما ۾ گهڙياسين، اوندهه ۾ هٿوراڙيون هٽي پنهنجي سيٽ وٽ پهتاسين. جهڪي روشنيءَ ۾ نظر آيو ته ڪنڌ تي ٻه ملئي چوڪريون ويٺيون آهن. انهن جي پر ۾ اسان جي جڳهه هئي يڪدم محمود کي ڏڪو ڏئي پرينءَ سيٽ تي وهاريم ۽ پاڻ چوڪرين پرسان ٽي ويٺس.

"هي ڇا آهي؟" محمود پڇيو.

"هي ان ڪري جو، توکي جي هن سيٽ تي ويهڻ ڏيندس ته هڪ ته تون فلم ڏسڻ جي باوجود ٻه سمجهي نه سگهندين ۽ ٻيو ته متان هنن چوڪرين سان ڪيچل ڪري وجهين ته مون ۾ هن وقت نه وڙهڻ جي پهچ آهي نه ڇڏائڻ جي."

"هائو برادر! سڀ صحيح آهي." هن اهڙي ابوجهه نموني سان چيو جڙ مون هن جو ڪو حق غصب ڪيو هجي ۽ هيٺائي سبب هو مون سان وڙهي ته نٿو سگهي، پر مجبورن صبر کان ڪم ٿو وٺي.

چوڪريون لڳاتار ڇُرپُر ۽ سُس پُس ڪندیون رهيون. محمود جي پٽيان ٻانهن هٽائي چيومانس: "يار ڪجهه تون ته نه پيو ڪرين؟"

"نه برادر! تون ته ماڳهين چوڪيدار بنجي ويهي رهين. ٻانهن ته توتائين رکي اٿم. اها ٻه ٿو پري ڪريان، بس؟"

پنج ڇهه منٽ گذري ويا ته هنن ملئي چوڪرين پهرين هڪٻئي سان جڳهه بدلائي پر ته ٻه آرام نه آين. آخر اڌ فلم مان سئنيما هال ڇڏي هليون ويون. محمود چيو ته: "يار، مونکي ته شڪ پيو پوي ته تون ئي پر ۾ ڪجهه دونهين ڏُکائي رهيو آهين."

"نه يار، اها ڳالهه ناهي. هاڻ اڇ ته آرام سان ڪنڌ تي سندن جڳهين تي ٽي ويهون." ۽ اسان اٽي سندن ڪنڌ وارين سيٽن تي جهڙو ويناسين،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

تہ اسان کي ان راز جي خبر پئجي وئي، جنهن هنن کي جڳهيون بدلائڻ ۽ آخر ڇڏي وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو ۔ بلڪل اڳين سيٽن تي ٻہ سڪ وڏيون پگڙيون ٻڌي وينا هئا ۽ اسان جهڙن ڏڳهن کي ٻہ سامهون پڙدو نہ پر پٺڪا نظر اچي رهيا هئا. محمود يڪدم چيو: ”برادر، وري پنهنجي جڳهہ تي هل. هي انبس گلاس فئڪٽريءَ جا تہ نهيل آهن ڪونہ جو آرپار ڏسي سگهجي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مفت ۾ حجامت

سنگاپور ۾ چوريءَ ۽ ڪيسي ڪپجڻ جو وڏو آزار آهي. جتي ڪٿي، خاص ڪري بسن، سئنيمائن، بندرگاهن ۽ هوائي اڈن تي، مسافرن کي خبردار ڪيو وجي ٿو ۽ 'جيب ڪترن کان هوشيار' جهڙا نوٽيس ۽ پوسٽر نظر اچن ٿا.

جهاز جو ريڊيو آفيسر شير علي ٻيڙيءَ ۾ چشمو ۽ رومال پَر ۾ رکي وينو. اٽڪ مهل غائب. جهاز سمنڊ ۾ بينو هو، چوڏاري ننڍين ٻيڙين وارا چيني ڦرندا ٿي رهيا. ڪنهن کي موقعو مليو ٿي ته رسن ذريعي مٿي جهاز تي چڙهي، جهاز جي عرشي تي پيل ڪانه ڪا شيءِ چورائي ورتي ٿي. تيل جا خالي ڊرم رکيا هئا. هڪ سنگاپوري ڏٺم ته هڪ ڊرم پيو ريڑهي. پڇيومانس: "چا پيو ڪرين" ڏاڍي مزي سان ٻڌائڻ لڳو ته: "هن تي ٻيهي جهاز جي هيڇ ۾ ٿو ڏسان ته سامان نيڪ طرح سان خلاصي رکي رهيا آهن يا نه." مون سمجهيو شايد اسان جي مڪاني آفيس جو ماڻهو آهي ۽ ڊيوٽيءَ جي سلسلي ۾ آيل آهي. سو وڌيڪ نه چيومانس ۽ ڊرم رکي ان تي بينو رهيو. پنهنجي ڪٻن ۾ پهچي وري مون کي ٿورو شڪ ٿيو ۽ انهن ئي پيرن سان ٻاهر نڪتس. ڏسان ته سنگاپوري ۽ ڊرم ٻئي غائب. هيٺ ڏسان ته ساڳيو همراهه پنهنجي ننڍي ٻيڙيءَ ۾ ڊرم رکيو اهو پيو وجي.

اڪيلو بس ۾ وجي رهيو هوس. پاڻ سان گڏ هڪ لفافي ۾ هلڪو ڦلڪو سامان ورتل هو جيڪو پرسان رکيو وينو هوس. ٻي سيٽ تي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سنگاپور جي هوائي اڈي تي ڪم ڪندڙ مدراسي وينو هو، جو مون کي هتي جي مشهور عمارتن بابت ٻڌائيندو رهيو. آءٌ ڪڏهن اڳئين دريءَ مان ٻ ڪڏهن پٺئين دريءَ مان ڏسندو رهيس. اتي هوائي اڈو اڇي ويو ٻ هن کي لهڻو پيو. لهڻ وقت چيائين: "سامان جو خيال رکُ."

چيومانس،"ها. لهڻ وقت ياد ڪري ڪٽندُس." وراڻيائين: "ها، لهڻ وقت ته ضرور خيال رکجانءِ. پر هيئنر هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ وقت به خيال رک. هيترو وقت ته آءٌ نظرداري ڪندو رهيس. هاڻي آءٌ لهان ٿو."

چوريءَ جو ساڳيو عالم ٻڏو اٿم ته منيلا (فلپائين) ۾ به آهي. هڪ پاڪستاني، دوست سان گڏ ٽئڪسي ۾ وجي رهيو هو ته هن دريءَ کان ٻاهر ٻانهن ڪڍي. تنهن تي منيلا جي دوست چيس: "ٻانهن اندر ڪري ويهُ."

"او ساري! پُل ٽي وئي. اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ به دريءَ کان هٿ يا ٻانهن ڪڍي ويهڻ جي اجازت ناهي. متان ٻي بس ٽڪر هڻي وجي."

"نه نه اها ڳالهه ناهي،" منيلا جي رهاڪوءَ سمجهائيندي چيس، "متان واٽهڙو سَٽ ڏئي واڇ نه لاهي وجئي."

هڪ ٻيو قصو عام آهي ته هڪ همراهه پنهنجن دوستن کي ڊنر جي دعوت ڏني. ان ۾ کين پنهنجي سوني مندي ڏيکاري. ٽيبل تي ڏسندي ڏسندي ڪنهن غائب ڪري ورتس. گهڻو ئي ڳوليائون پر نه ملي. ميزبان کهڙي گهر آئي مهمان تي الزام يا شڪ ڪري. سيُ معزز هئا، آخر هن کي من ۾ آئي ٻ چوڻ لڳو: "ٻن منٽن لاءِ بتي گُل ٿا ڪريون، ٿي سگهي ٿو ته مندي ڪنهن وٽ پُل ۾ رهجي وئي هجي. جنهن وٽ به هجي ته هو مهربان هن چانديءَ جي ڪٽوري ۾ رکي. ڪنهن کي به خبر نه پوندي ته

هن ڪتاب جا سمورا حق ٻ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪنهن وٽ هئي.“

بن منٽن بعد منديءَ کي ڏسڻ لاءِ جڏهن بتي ٻاري وئي ته چانديءَ جو ڪٽورو بہ غائب هو.

سو سنگاپور ۾ ظاهري طرح ڪو اهڙو لڳندو ڪونہ، پر پرڪڻ سان ڪٽورو بہ نہ چڏڻ وارا گهٽا ملندا.

هونءَ ته خير دنيا ۾ ان کان بہ وڏا وڏا چور پيا آهن. در تي ڪڙو لڳو ۽ بيگم صاحبہ کي همراهہ ڪڪڙ ڏيندي چيو: ”آءٌ صاحب جو پٽيوالو آهيان. صاحب هي ڪڪڙُ موڪليو آهي. چيو اٽس ته پٽ تي جيڪو گهڙيال لڳل آهي سو لاهي ڏي. آفيس ۾ اڄ لاءِ ٽو ڪپي.“

وسوڙيل عورت، ڪڪڙ جي خيال ۾ گهڙيال لاهي ڏنس. شام جو جڏهن مڙس بنا گهڙيال جي گهر آيو ۽ پُڇا تي ٻڌائڻ لڳو ته ڇا جو ڪُڪُڙ ڇا جو گهڙيال، ڪيس ته ڪابہ خبر ناهي. سڄي رات چورن کي گاريون ۽ پوليس جا دڙڪا ڏيندو رهيو.

ٻي ڏينهن وري ڪڙو لڳل ۽ هڪ ٻيو مهاندو بينو هو. چي: ”آءٌ صاحب جو پٽيوالو آهيان. صاحب ٽو چوي ته اهو ڪڪڙ ڏيو ته پوليس وارن کي ڏيکاري چورن کي سوگهو ڪرايون. سادي عورت اهو ڪڪڙُ بہ هٿان وڃائي ويني.

هاڻ جڏهن توهان هيترا لطيفا ٻڌا آهن ته ان قسم جي نڪين جو هڪ ٻيو بہ سهي. ڪو همراهہ حجام جي دڪان ۾ ٻار سان آيو. پنهنجا وار ۽ ڏاڙهي نهرائي، حجام کي چيائين: ”چوڪري جا بہ وار ناهہ ته آءٌ تيسين پر واري دڪان تان پان وڻي ٽو اچان.“

ڪلاڪ بہ گُذري ويا ۽ جڏهن حجام پئسن جو انتظار ڪري ٽڪجي پيو ته چوڪر کان پڇئين ته: ”پٽهين ڪٽي آهي؟“ چوڪر چيس:

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”آءٌ تہ ان ماڻهوءَ کي سُجاڻان بہ ڪونہ.“

”تہ پوءِ هن سان آئين ڪيئن؟“ حجام پڇيو.

”رستي تي راند پئي ڪيم تہ ان پڇيو تہ ’مفت ۾ وار ڪهرائيندين‘ ۽ هتي ونيِ آيو.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سنگاپور ايندڙن لاءِ هڪ نصيحت

سنگاپور جون سڀ گهٽيون ۽ سئنيما هال ڪٽي پيا، تڏهن خيال آيو ته سنگاپور شهر کان ٻاهر نڪري، آس پاس ڏسجي ته ڇا ماحول آهي. پچائي پچائي ان بس ۾ اچي چڙهيس، جا هن ٻيٽ جي ڇيڙي تائين وئي ٿي. ٽئڪسيءَ ۾ غلطي ڪري فقط پهرين ڏينهن چڙهيا هئاسين. ان کان پوءِ توبهه ڪئيسين. سنگاپور اچڻ وارن لاءِ هڪ نصيحت: بقول سيڪنڊ آفيسر مخدوم جي، چاڙهڻ وقت ٽئڪسي ڊرائيور ڏاڍي پيار سان وهاريندا. قربان پيا ٿيندا. ٻه ٻه دفعا جهڪي دروازو ٻه کولي ڏيندا. ويهڻ کان پوءِ منزل ڪٽي ڪيتري ٻه ويجهي هجي، پر ڦيرا ڪارائي ايترو بل ٻڌائيندا جو چڙهڻ وارو سوچيندو ته جيڪر اهي پئسا ڏئي قسطن تي پنهنجي ڪار ڇو نه ونان ها. بيروت جي عرب ٽئڪسي ڊرائيور وانگر هي پڻ ايڏو ته رکائي سان ڳالهائيندا، جو جڻ سجاڻن ٻه ڪونه ۽ مسافر اهو گهوري ڏسندو رهندو آهي ته آيا هي اهو ساڳيو ٽئڪسي ڊرائيور هو، جيڪو ڪجهه دير اڳ فدا پئي ٿيو يا ڪو ٻيو. پاڙي کان سواءِ ٽپ (خرچي) الڳ ونندا. مطلب ته غريب مسافر جو سِرُ ويو.

خبر پئي ته هن ٻيٽ نما ملڪ تي جيڪا بس آخري ڳوٺ تائين وڃي ٿي، ان جي ٽڪيٽ فقط ست سينٽ (اڌائي روپيا ڪن) آهي ۽ اهو ڳوٺ چانگي آهي. ريفلز اسڪوائر جي بس اسٽاپ تان 'نمبر ون - اي' جي بس ۾ چڙهي چانگي ڳوٺ جي ٽڪيٽ ورتم. بس جلدي شهر جي گهما گهمي، ماڻهن جي گپا گيهه، ڪئين برانڊن جي سگريٽن جي دونهين جي مليل جليل بوءِ، ڪئين قسمن جي سينٽن جي مليل

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سڳنڊ ۽ موٽرن لارين جي اڀ ڪنندڙ سلسلي ۽ گوڙ شور کان نڪري سنگاپور جي خوبصورت ۽ سرسبز ٻهراڙيءَ مان لنگهڻ لڳي. چوڌطرف ساوڪ ئي ساوڪ نظر پئي آئي. ڪا ٽڪري هئي تہ اها ٻہ سرسبز گهاٽن وڻن سان ڳنڍيل. سڄي ٻيٽ تي ساوڪ ۽ رنگين گُلن جو سمنڊ ۽ ٻاهر ڇوڙاري پاڻي نظر پئي آيو. رستي جي ٻنهي پاسي رٻڙ جا ٻيلا ۽ انناس جا باغ. ڏاڍي خوشي تي ۽ پاڻهي پنهنجي پُڻي ٽپريم تہ هيترن سالن جي مسافريءَ ۾ عقلمنديءَ جو ڪم پهريون دفعو ڪيو اٿم جو ٻهراڙيءَ ۾ نڪري پيو آهيان. اصل سڪون ۽ مزو تہ شهر جي گوڙ گهمسان کان ٻاهر لڳو پيو آهي. هڪ هنڌان تہ بس بلڪل سمنڊ جو ڪنارو ڏئي هلندي رهي ۽ ساڄي پاسي سمنڊ ۾ ٻيڙيون پئي نظر آيون تہ کاٻي پاسي رٻڙ جي ٻيلن ۾ چيني ۽ ملئي عورتون وڻن جي ٿُڙ ڪي چير ڏئي ان مان رٻڙ جو ڪير ڪڍي رهيون هيون. رستي تي هڪ ڳوٺ آيو ۽ بس ٿوري دير لاءِ ترسي تہ اڏ ڏزن ڪن چوڪريون انناس ڪٽي مٺي اچي ويون ۽ زبردستي انناس وڪڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيون جيئن اسان وٽ بس موري، مٽياري يا ميرپورخاص ۾ ٻيهندي آهي تہ ننڍا ننڍا ٿوڪرا، ڪوڪا ڪولا، سيون اپ ۽ ٻين بوتلن ۾ ان شهر جو بند ٿيل شربت ڪٽي مسافرن ڪي ونڻ لاءِ آماده ڪندا آهن ۽ ونڻ لاءِ 'ها' ڪرڻ کان اڳ ٻاٽليءَ جي ڍڪ ۾ ڪولٽي وجهي، وات سان ائين 'نش' جو آواز ڪڍندا جو اڳلو گهٻرائجي ويندو. وڪڻڻ وارو منهن ڦلڙو ڪري چوندو، 'سائين ڪُلي وئي!'

انناس هتي تمام سستا ٿين، جيئن اسان وٽ گدرا. انناس کي ڇلڻ بدران، سندس مٿيون حصو، تکي ڪپ سان وڍي، اندر گودي کي ٽڪرا ٽڪري ٿي ڪيائون. ۽ هر انناس سان گڏ ڪنهن وڻ جو ڏگهو ڪانٽو ٻہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٿي ڏنائون. بس ۾ جيڪي به ڏاريان وينا هئا تن هڪ هڪ، به به ورتا ۽ بس هلڻ لڳي.

منهنجي پر ۾ هڪ چوڏهن پندرهن سالن جو 'چنگ پن' نالي چيني چوڪرو وينو هو جو هتي جي ٽيڪنيڪل اسڪول ڪان موڪل تي گهر وڃي رهيو هو. انگريزي ڳالهائي سگهيو ٿي، سو ڪانئس پڇندو رهيس. پاڻ ٻڌايائين ته هو ٽي پائر به پينرون آهن. غريب هئڻ ڪري شهر ۾ نٿا رهي سگهن جو اتي جايون مهانگيون آهن. بس ۾ روزانو اسڪول وڃي ۽ ڳوٺ موٽي، جو شاگردن کي ٽڪيٽ سستي ملي ٿي. شام جو گهر پهچڻ سان پنهنجي ماءُ پيءُ کي ڪکن جا کارا نهرائڻ ۾ مدد ڪري. ڪيس چيم ته: "سنگاپور تنهنجو ملڪ ته تمام ننڍو آهي. مڪينيڪل انجنيئر ٿي پوءِ آمريڪا يا ڪئناڊا وڃي نوڪري ڪندين؟"

مون ڏٺو ته هن کي منهنجو جملو نه وڻيو. چوڻ لڳو، "ڪوشش ته ڪندس ته ڪا انڊي مندي نوڪري ملڪ ۾ ئي ملي وڃي ۽ پنهنجي ملڪ جي خدمت ڪري سگهان. جي منهنجي ملڪ کي منهنجي ضرورت نه پئي ته ٻاهر وڃي نوڪري ڪندس." سندس چهري تي ڏُک جا تاثر ڏسي مون کي افسوس ٿيو ۽ ساڳئي وقت خوشي به ته هنن کي پنهنجي ملڪ سان ڪيترو نه پيار آهي ۽ ملڪ جي Brain Drain (ملڪ جي قابل ماڻهن ڊاڪٽرن، انجنيئرن، سائنسدانن وغيره جو تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ٻئي ملڪ ڏي لڏي وڃڻ) جي خراب هجڻ کي هن عمر ۾ به سمجهي ٿو.

رستي تي هو جڏهن پنهنجي ڳوٺ لٿو ته باقي رستو ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لاءِ آءُ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳس ته ڪو انگريزي ڳالهائڻ وارو هجي. پنيان به چيني چوڪريون وينيون هيون، ان جي پنين سيٽ تي هڪ ملئي مرد ۽ عورت هئا ۽ ان سيٽ جي پر ۾ هڪ

چيني عورت ۽ هڪ پاڻ جهڙي رنگ جو ڏٺم. چيني عورت لٽي تہ آءٌ ان جي پرسان وڃي وينس. خبر پئي تہ هو بئنگلور جو مسلمان آهي ۽ هتي قيمتي پٿر (Stones) جو واپار ٿو ڪري، نالو محمد غوث هوس. ڪيس جڏهن خبر پئي تہ آءٌ پرديسي آهيان ۽ ڪراچيءَ کان پيو اچان تہ ڏڪ مان ٻڌايائين تہ سندس ياءٌ بن سالن کان ڪنهن گهرو ڳالهہ تان رُسي ڪراچيءَ ويو آهي. ”هو ڪڏهن ڪڏهن خط لکندو رهندو هو، پر بن ٽن مهينن کان ڪو خط ڪونہ ٿو اچيس.“ هن ٻڌايو، ”هو اچان ڪاوڙيل ٿو ڏسجي.“ پاڻ مون کي سندس ياءُ امان الله جي ائدريس ڏنائين. جيئن آءٌ ڪراچيءَ پهچي سندس ياءُ جو نياپو پهچايان ۽ واپس سنگاپور وڃڻ لاءِ آماده ڪريان.

غوث جو گهر ويجهو اچي پهتو ۽ مون کي چانهہ لاءِ زبردستي بس مان لاهي گهر وٺي هليو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پريت جو هڪڙو پل ئي سَهي

چانگي ڳوٺ کان ٿي ميل اڳتي اپر روڊ (Upper Road) آهي، جنهن جي کابي پاسي ننڍڙا خوبصورت بنگلا آهن، جن ۾ يورپي ۽ سنگاپور جا امير ماڻهو رهن ٿا ۽ ساڄي پاسي سمنڊ جو ڪنارو آهي. بنگلا آمريڪي طرز تي ٺهيل آهن، منجهن سهوليت لاءِ اليڪٽرڪ جي هر شيءِ ٿي وي، ريڊيو گرام، ريفريجريٽر کان اليڪٽرڪ اوون، هيٽر ۽ ايئرڪنڊيشنر آهي. غوث جي بنگلي جو نمبر 715 آهي. اسان بس مان لهي ويهه پنجويهه وال پُنتي سندس گهر ڏي هلياسين.

سندس زال چانهه ڪٽي آئي، پاڻ ٻڌايائين ته ڪين ملايا جو پاسپورٽ آهي، پر واپار جي خيال کان سنگاپور ۾ ان بنگلي ۾ مسوار تي رهيل آهن، "اسان سڀ هندستان کان آيل مسواڙ جي گهرن ۾ رهڻ پسند ڪندا آهيون، جيئن هتي جون حالتون جيڪڏهن خراب ٿين ته آساني سان پڄي هندستان واپس هليا وڃون ۽ ڪو خاص نقصان نه ٿئي." غوث ٻڌايو.

ٻين هندن ۽ ملئي ماڻهن جي رسم مطابق سندن گهر به جُتي ٻاهر لاهي پيرين اگهاڙو گهڙٽو پيو. گهر ۾ سندس ٻار مادري زبان تامل ڳالهائي رهيا هئا ۽ مون سان انگريزي ۽ ٽٽل ٽٽل هندي ملندڙ اڙدو ۾ پڻ ڳالهائڻ لڳا.

ٿورو وقت گانا ٻڌي اسان اٿڻ لڳاسين. غوث به مون سان گڏ چانگي هلي واپس اچڻ چاهيو، جيئن آءٌ اڪيلائي محسوس نه ڪريان. اسان سندس گهر پرسان بس استاپ تي اچي ٻيناسين ۽ بس ۾ چانگي ڳوٺ پهتاسين، جو سنگاپور جي بلڪل باردر تي آهي. ان کان پوءِ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سمنڊ آهي، اسان جلدي جلدي ڳوٺ جو چڪر هنيو، جو غوث ٻڌايو تہ ڪلاڪ کان پوءِ جيڪا بس ويندي، اها آخري آهي، ان کان پوءِ صبح جو ويندي. چانگي ڳوٺ ۾ گهٽو ڪري سيُ ننڍڙا ڪاٺ جا گهر آهن. ڪاٺ هتي تمام سستو آهي جو ٻيلن جي ڪوٽ ڪانهي. ڳوٺ جي هڪ ننڍڙي بازار پڻ هئي جنهن ۾ سيُ ايئرڪنڈيشنڈ اسٽور هئا جن ۾ هر شيءِ سُئي سڳي کان سلائيءَ جي مشين پنکو وغيره ملیا ٿي. رستي جي ٻئي پاسي ٿورو پري بار (مئ خانا) ۽ ريسٽورنٽون هيون. شام جو وقت ٿي ويو هو ۽ اوندهہ ڪري بارن جون نيان بتيون ٻري رهيون هيون ۽ سازن جو مڌر آواز اچي رهيو هو. بس اسٽاپ جي ويجهو سنگاپوري چوڪريون انناس، ناريل جو رس، سمنڊ جون سپون، ڪکن جا ڇٻا ۽ ٽوپلا وڪڻي رهيون هيون ۽ ايندڙ ويندڙ کي سڏي شين ونڊ لاءِ چئي رهيون هيون. ڪجهہ يورپي سياح ٻہ هيڏانهن هوڏانهن گهمي رهيا هئا ۽ خريداري پڻ ڪري رهيا هئا. هڪ چوڪري چانگي ڳوٺ ۽ سنگاپور جي آس پاس جا فوٽو ڪارڊ وڪڻي رهي هئي. اسان ڪجهہ وقت هوٽل ۾ ويهي، اتي جو مشهور فالودو کائي ان چوڪريءَ وٽ خريد ڪرڻ لاءِ فوٽو ڏسڻ ۽ بس جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. پر ۾ هڪ ٻي چوڪري ٽيبل تي شيشي جا قيمتي راندیڪا ۽ جيئريون مڇيون ۽ رنگارنگي پوپٽ وڪڻي رهي هئي. چوڪري مني اسڪرٽ ۽ ٻانهن کان بغير بلائوز ۾ سمارٽ لڳي رهي هئي. ٻہ يورپين سياح سندس شيون ڏسي رهيا هئا. هن بار بار جهڪي ڪو نہ ڪو راندیڪو ڪٽي هنن کي ڏيکاريو ٿي، جهڪڻ وقت، گئس بتين جي روشنيءَ ۾ هن جو لسيون ۽ ملائم چاتيون چانديءَ جهڙيون سيتل نظر آيون ٿي. هوءَ خود ٻہ سمجهي رهي هئي تہ اسان جي نظرن جو مرڪز چا آهي. هوءَ ٻنهي يورپين ڏي نهاري، مُرڪي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پنهنجي جسم جي ڪئنواسنگ ۾ ڪري رهي هئي، شايد. اسان وري ڪاردِ ڏسڻ ۾ لڳي وياسين. ٿوري دير کان پوءِ ڏسون ته چوڪري ڏهي ڪاڻ ۽ نہ خريدار. پنيان مُڙي ڏٺوسين ته هوءَ ٽنپ کي ٽيڪ ڏئي بيٺي آهي ۽ بن مان هڪ يورپي پاڪر پائي ڪجهہ مجائي رهيو آهي، پر هوءَ ڪلي ڪين چئي رهي آهي: ”نہ نہ. ان ڳالهہ لاءِ چوڪريون سامهون بار ۾ اٿوَ.“

”نہ تون هل.“ هن پاڻ طرف چڪي رازدارانہ انداز ۾ چيس. چوڪريءَ سندس هٿ تي چُمي ڏئي چيس، ”دڪان ڇڏي نہ هلنديس. ڪلاڪ کان پوءِ منهنجي پيٽ اچڻي آهي.“

۽ پوءِ انگريز سامهون بار طرف وڌڻ لڳا ته چوڪريءَ ڪجهہ سوچي ڪين سڏُ ڪيو: ”هي، ڪم آفٽر ون اور (*Hey come after one hour*)“

اسان اهو سڀ ڪُجهہ لقاءُ ڏسي ڪلي رهيا هئاسين. ۽ هي ۾ يورپين اسان کي تاڙيندو ڏسي اک پيچڻ لڳا.

”وات نئشنلٽي؟“ هڪ مون کان پڇيو.

”پاڪستاني. ۽ تنهنجي؟“

”آءٌ انگريز آهيان ۽ هي ٻيو ڊچ.“ هن صاف انگريزيءَ ۾ بُڌايو.

”ڪير آهيو. ڪنهن جهاز جي عملي جا آهيو؟“ مون پڇيومان.

”نہ نہ سياحت جي خيال کان آيا آهيون. هتان ملايا وينداسين.“ ڊچ گاڏڙ ساڏڙ انگريزيءَ ۾ بُڌايو.

”شراب ۽ چوڪرين لاءِ بار سامهون آهن.“ غوث کين بُڌايو.

”ها، اسان کي خبر آهي، پر بار جي چوڪرين کان هي سنيون آهن. بار جو چوريون چنالون ٽيون ٽين.“ ائين چئي زور زور سان کلڻ لڳا ۽ سامهون ’سوزي ڊانسنگ بار‘ طرف هليا ويا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

انهن جي وڃڻ کان پوءِ اسان جهڙو اڳتي وڌياسين تہ ساڳي چوڪريءَ اسان کي بہ چڪي پنهنجو سامان ڏيکارڻ لڳي. پيپر ويٽ مون کي ڏاڍا پسند آيا. اهي شيشي جا نهيل هئا، جن ۾ مختلف جيت ۽ سامونڊي گاهہ ۽ ننڍڙا پکي بند ٿيل هئا ۽ هينان سنگاپور جو لفظ لکيل هو. هڪ ۾ سامونڊي گهوڙو هو. (سامونڊي گهوڙي ۽ دريائي گهوڙي ۾ فرق آهي. دريائي گهوڙو هاٿي ۽ مينهن وانگر ڳرو چار پيرو جانور ٿئي. سامونڊي گهوڙو وڇونءَ جيڏو سامونڊي مڇي ٿئي. سندس منهن گهوڙي جي منهن جهڙو ٿئي ۽ باقي بدن جل پري مڇيءَ جهڙو.)

"هي گهٽي جو آهي؟"

"هنن جي قيمت ڇهہ ڊالر آهي. (پاڪستاني پنجويهہ روپيا ڪن)." ڇينيءَ جي خوبصورت ڪُڏيءَ جهڙي سهڻيءَ سنگاپوري چوڪريءَ بہ پيپر ويٽ (Paper Weight) ڏيکاري قيمت ٻُڌائي.

"هي ڪپي يا هي؟" هوءَ خاص ادا سان مُرڪندي رهي. انهيءَ دوران چالاڪيءَ سان پنهنجي بلائوز جو مٿيون بٽڻ کولي ڇڏيو (مون کي پوءِ خبر پئي). سندس جوان ڇاتين جون لڪيرون..... نسون..... ايار ۽ ڪاهيون..... انهن جا ڪجهہ حصا اسان کي نظر اچڻ لڳا. هڪ ٻن ٻين ڳوٺ جي ماڻهن کي لنگهندي ۽ سندس طرف گهورينڊو ڏسي هن مٿيون بٽڻ بند ڪيو. ڃڻ ڪا تجسس واري فلم اڏ ۾ ڪٽجي وڃي. سڀنيما هال ۾ ڃڻُ سيٽيون ۽ واڪا مچي ويا.

"ڇو ٻنهي ۾ فرق آهي ڇا ــ ؟" مون پڇيومانس.

"ها. هي سامونڊي گهوڙو نَرُ آهي ۽ هيءَ مادي." هوءَ هٿن ۾ جهلي، هٿ منهنجي اڳيان ڪرڻ لڳي. پاڻ مننجي ايترو تہ قريب ٿي ويني جو آءٌ سندس ساهہ جي گرمائش ۽ جسم جي سُڳنڌ محسوس ڪرڻ لڳس.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”نرُ ڪپي يا مادي؟“ مون کي ڪُجهه دير چُپ ڏسي هن وري سوال ورجايو.

”مردُ هميشه مادي پسند ڪندو آهي.“ سندس اکين ۾ اکيون ملائي چيومانس يا شايد رومانٽڪ ٿيڻ جي ڪوشش ڪيم.

”اوهه! توهان تہ شاعر ٿيندا وجو.“

”تو جهڙيون حسين شيون، هر انسان کي شاعر بڻائي ڇڏيندیون آهن.“ هن پيپر ويٽ ٽيبل تي رکي منهنجي هٿ کي جهلي ڏيمي لهجي ۾ چيو: ”توهان کي خبر آهي تہ آءٌ ڇا ٿي چاهيان ۽ مون کي خبر آهي تہ توهان ڇا ٿا چاهيو. ان ڪري شاعريءَ بدران سودي بازيءَ جي ڳالهه ڪريو.“

”تو جهڙي بي بها شيءِ کي حاصل ڪرڻ لاءِ مون کي دنيا جي بئنڪ سان قرض لاءِ رجوع ٿيڻو پوندو، تنهنجو ملهه هن جهان ۾ ڪير ڪَٽي سگهندو؟ آءٌ تہ هي مئل ساموندي گهوڙي ئي خريد ڪري سگهان ٿو.“

”مون کي توهان غلط سمجهيو آهي، توهان انگلنڊ يا ٽائلنڊ جي راڻيءَ جي ڳالهه تہ نہ پيا ڪريو؟ منهنجي قيمت توهان آسانيءَ سان ادا ڪري سگهو ٿا.“

مون ڏٺو تہ پرسان غوث اسان جي گفتگو ٻڌي ڪلي رهيو هو، دڪاندار ڇوڪريءَ جي پيٹُ پٹُ اچي چُڪي هئي سا مُرڪي رهي هئي. ايتري ۾ چانگي ڳوٺ کان سنگاپور ويندر بس اچي پر ۾ بيني، اها هن ڳوٺ کان شهر ويندڙ آخري بس هئي. غوث بس ۾ پهرين وهي ان کان اڳ آءٌ جلدي ڇهه ڊالر ڇوڪريءَ جي هٿ تي رکي، ٽيبل تان پيپر ويٽ کڻي، اچي بس ۾ وينس. بس ٽورو اڳتي چُري، بارن وٽان ٻيا مسافر کڻڻ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

لڳي. سامهون هڪ بار جو در ٿورو ڪولي دربان بينو هو. اندر اسٽيج تي ٽي سنگاپوري چوڪريون ٽاپ ليس (Top Less) ۾ چيني يا ملئي گاني تي نچي رهيون هيون. ڪجهه يورپي ۽ ڪارا سياح اندر گهري رهيا هئا. ڪجهه هٿن ۾ جام جهلي مست هئا. پڙڪندڙ لباس ۾ چوڪريون آيل مهمانن جي آڏرياڻ ڪري رهيون هيون. هڪ گانو ختم ٿيو ۽ ٻيو شروع ٿيو. گانو ڪو مزيدار هو جو منهنجي اڳيان وينل هڪ سنگاپوري پيرن جي ٽاپ سان ساز وڄائڻ لڳو. سوچيم ته ڪانئس ان گاني جو مطلب پڇان پر ان وقت اوچتو منهنجي دماغ ۾ امداد حسينيءَ جو هڪ نظم ڦرڻ لڳو:

”ڪوجهو توڻي ڪاڻو آهي،
اڇُ ته هرڪو راڻو آهي،
ماڻي ماڻي واندي آهي،
تنهنجي منهنجي چاندي آهي،
ڪوبہ چوڻ وارو ڪونهي ڪو،
ڪوبہ پُڇڻ وارو ڪونهي ڪو،
تون بہ نشي ۾، مان بہ نشي ۾،
چنڊُ بہ آهي پنهنجي لئہ ۾،
هل ته هلي اڇُ موج ملهايون،
ڪاڪ محل جو درُ کڙڪايون،
پريت جو هڪڙو پل ئي سهي
چوريءَ جو هڪ چلُ ئي سهي،
ڪاڏل ئي سهي، پيتل ئي سهي،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مومل نہ سهي، سومل ئي سهي.“

بس ڪلاڪ کان پوءِ اچي سنگاپور شهر ۾ پهچايو. رستي تي غوث لهي ويو. هن وقت جڏهن هي مضمون جپان مان لکي رهيو آهيان، ٽيبل تي سنگاپور جي ڳوٺ مان ورتل پيپر ويٽ پڻ رکيو آهي. منهنجا هتي جا جپاني دوست اهو کڻي ان ۾ بند ٽيل سامونڊي گهوڙو، هڪ ڪوڏ ۽ سامونڊي گاهه جا پن ڏسندا آهن. پر مون کي ان ۾ انهن شين کان علاوه سنگاپوري دڪاندار چوڪري ۽ سندس سونهن پڻُ نظر ايندي آهي، جيڪا مختلف شيون وڪٽڻ سان گڏُ پنهنجي جسم جو سودو پڻُ ڪندي رهي ٿي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

متفرقات ۾ سنگاپور

سنگاپور جيتوڻيڪ هڪ تمام ننڍو ملڪ، ٻيٽ مثل آهي، جنهن ۾ پانت پانت جي ٻولين ۽ مذهبن جا ماڻهو رهن ٿا ۽ ايتري اندروني پيدائش ٻه نه آهي، بارش ٻه ٻارهوئي لڳي پئي آهي پر ان هوندي ٻه، پڙهندڙن کي تعجب لڳندو ته صفائيءَ ۾ سنگاپور جو مَٿُ دنيا ۾ ڪونهي. 'لي ڪئان يو' جي سنگاپور تمام خوبصورت ۽ صاف ستري آهي. جتي ڪٿي صفائي، ساوڪ ۽ هر گهر جي اڳيان گُلن جي ڇوڏيواري ڏسڻ ۾ ايندي. گذريل سال صفائي جي مقابلي ۾ سنگاپور کي دنيا جو 'مسٽر ڪلين' (Mr. Clean) مڃيو ويو. ۽ ان صفائيءَ جو جذبو هتي جي ٻچي ٻچي ۾ آهي. جپاني چوٽي - 'پنهنجي گهر ۽ ان جي اڳيان گهٽيءَ جو حصو صاف رکو ته توهان کي سڄو شهر صاف نظر ايندو..' تي پورو پورو عمل ڪن ٿا. ان کان سواءِ حڪومت پڻ صفائيءَ جي معاملي ۾ سخت آهي. ننڍين ڳالهين تي ٻه وڏا ڏنڊ رکيل آهن. بس اندر يا بس کان ٻاهر ٿُڪ اڇلائڻ تي پنجاهه ڊالر (يعني ٻه سؤ روپيا) ڏنڊُ، رستن تي پني پور يا سگريٽن جا ٽوٽا ڦٽا ڪرڻ تي ٻه ساڳيو ڏنڊُ ۽ ڇهه مهينا جيلُ. ڪچري ڦٽي ڪرڻ لاءِ شهر ۾ جتي ڪٿي ڊبا رکيل آهن جن ۾ جمع ٿيل گندُ صبح شام ٽرڪون ڊوئيندڙون رهن ٿيون. ٻيو ته ڇا پر شهر ۾ ڪابه اهڙي بس يا رڪشا نظر نه ايندي جيڪا گهٽو دونهون ڇڏيندي هُجي. ڳري ڏنڊ کان سواءِ جيل جي سزا پڻُ مقرر ٿيل آهي. جنهن کي پوري طرح عمل ۾ آڻڻ لاءِ ايماندار ۽ غير جانبدار پوليس ۽ قانون ڪاتو آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سنگاپور سنسڪرت جي لفظ سنگاپورا مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي 'شينهن جو شهر' شهر ۾ جتي ڪٿي سنگ مرمر جي شينهن جا بتَ نظر ايندا جن هينيان انگريزيءَ ۾ (Lion City) لڪيل آهي. سنگاپور جي آدمشماري ويهه لک آهي ۽ دنيا جو چوٿون نمبر وڏو بندرگاهه آهي.هي نہ فقط بندرگاهه آهي، پر بين الاقوامي هوائي آمدرفت جو پڻ مرڪز آهي. لي ڪئان يو (Lee Kuan Yew)، گذريل ٻارهن سالن کان سنگاپور جو وزير اعليٰ آهي، تنهن جي اٽڪ ڪوششن ۽ اڳواڻيءَ هن ملڪ کي ڪٿان جو ڪٿي پهچائي ڇڏيو آهي. پاڻ هڪ غريب هاريءَ جو پوٽو هو. انگلنڊ جي ڪئمبرج يونيورسٽيءَ مان تعليم حاصل ڪري وڪيل بنيو ۽ 1959ع ۾ سنگاپور جو پهريون وزير اعليٰ چونڊيو ويو.

اهو ننڍڙو ٻيٽ جنهن کي قدرتي اپت جو ڪوبه وسيلو ناهي، نہ ايتري پوک لاءِ زمين نہ ڪاٽيون. پر هتي جي هنرمند ۽ اڻ ورچ ماڻهن پنهنجي قابليت ۽ ذهانت سان پاڻ کي ۽ پنهنجي ملڪ کي سڪيو ستابو بنائي ڇڏيو آهي.

دنيا جي گهٽو ڪري هر ملڪ ۾ جيڪي سياحن لاءِ ڪُليل آهن اتي توهان کي ڏگهن وارن وارا هپي نظر ايندا. ميرن وارن ۽ گدلن ڪاتل ڪپڑن ۾ هي ڪنهن پارڪ جي بينچ تي اوباسيون ڪائيندا، يا رستي جي ڪپر تي Hitch Hiking (گاڏين جي لفٽ ونڻ) لاءِ منتظر نظر ايندا يا ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ چوڪرو چوڪري ياڪر پائي چرس جا سُوٽا لڳائيندي ضرور ڏسڻ ۾ ايندا. پر سنگاپور ۾ اهو هپي پهچڻ سان ٻين عام انسانن وانگر ٿيو وڃي. سنگاپور ۾ ايندي هر هپي ٻہ دفعا سوچيندو هوندو. ڳالهه هيءَ آهي تہ سنگاپور ۾ ڪنهن کي ٻہ وار ايترا ڏگها رکائڻ جي اجازت ناهي جو قميص جي ڪالر يا ڪنڈ تائين پهچن. جيڪڏهن ڪو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هپي پُل ڇُڪ ۾، قاعدي نہ معلوم هئڻ ڪري، ڏگهن وارن سان پهچي ٿو تہ اتي جو اتي جهلي، ڪئنچيءَ سان وار ڪتري پوليس جي حوالي ڪيو وڃي ٿو.

سڃيءَ سنگاپور ۾ بن قسمن جا پوسٽر چيني، انگريزي ۽ تامل زبانن ۾ عام ڏسڻ ۾ ايندا. هڪ هپين بابت تہ هتي مردن کي وڏن وارن رکائڻ جي منع آهي ۽ ٻيو تہ فئملي پلاننگ بابت، جنهن ۾ زال مڙس ۽ وچ ۾ ٻہ ٻار بينل ڏيکاريل آهن ۽ مٿان اڏامندڙ ٻگهہ پکي نصيحت ڪندو وڃين: "Stop at Two" (ٻہ ٻار ڪافي آهن.) ان کان علاوه ڪيترن هنڌن تي عام جام مختلف قسمن جا Loops استعمال ڪرڻ جا طريقا، ربڙ Pills, Prophylactics اورل Lid ۽ Condom طريقا ٻڌائي، گهٽ ٻار ڄڻڻ جي نصيحت ڪيل آهي.

سنگاپور ۾ سئنيمائن بابت هڪ خاص ڳالهہ اها آهي تہ هتي ٻين ملڪن وانگر عام وقتن تي فلم شو ٿين، پر آڇر رات هڪ مدنائيٽ (Mid-Night) شو پڻُ ٿئي. جيڪو رات جو ٻارهين کان ٽي وڳي تائين هلي. ان کان علاوه هتي اهي فلمون جن ۾ مارڪُٽ يا لڙائي ٿئي ـ يعني 'جيڪي مار ڌاڙ سان ڀرپور' ٿين تن تي سخت بندش آهي. باقي پيار محبت جي فلمن تي سينسر جي ڪابہ ڪئنچي نٿي ڦِري، پوءِ چاهي ان ۾ ڪيتري بہ اگهاڙپ ڏيکاريل هُجي. يعني Make Love, Not War تي پور پورو عمل آهي.

سنگاپور ۽ هن پاسي مشرق بعيد جي ٻين ملڪن ۾ اها ڳالهہ معلوم ڪري افسوس ٿئي ٿو تہ يورپ آمريڪا پاسي تہ نہ پر هيڏانهن بہ اسان جي پاڪستانين جو انڊين جي مقابلي ۾ ڪو خاص اثر رسُوخ ناهي. جتي ڪٿي انڊين هوٽلون، بئنڪون، انڊين ٽورسٽ بيورو ـ جتي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سياحن کي هندستان بابت معلومات ۽ گهمڻ لاءِ آماده ڪيو وڃي ٿو، انڊين ايئر لائنز جون آفيسون ۽ آفيس ۾ ڪم ڪندڙ ايماندار ماڻهو، جي ملڪ جو نالو روشن ڪرڻ لاءِ ڏارين کي، توڙي ملڪي ماڻهن کي هر قسم جي مدد ڏيڻ لاءِ تيار نظر اچن ٿا. ٻئي پاسي ڪٿي ڪٿي ڪا پاڪستان سان تعلق رکندڙ آفيس يا پي آءِ اي جي آفيس نظر اچي ٿي، پر شل نہ ڪو دشمن جو ٻہ ڪم پوي. گهٽو ڪري تہ غير حاضر. جي هوندا تہ ٻہ سنئين منهن تہ ڳالهائيندا ڪونہ. اهڙا ڪيترا مثال ملندا جتي ڏارين ملڪن ۾ پريشان شاگردن، واپارين ۽ سياحن جي پاڪستاني سفارخانن مدد نہ ڪئي هوندي پر ٻين ڪئي هوندي. ان قسم جا شڪايتي خط پاڪستان جي اخبارن ۾ پڻ ايندا رهن ٿا ۽ ڪيترن جي واتان ان قسم جا درد ڀريا داستان ٻڌڻ ۾ ايندا. ٻاهر ملڪن ۾ رهندڙ پاڪستاني آفيسرن کي عرض آهي تہ هو پنهنجي ملڪ جو نالو مٿي ڪرڻ لاءِ جنهن مقصد لاءِ ٻاهر موڪليا ويا آهن ان جي ايماندارانہ نموني ۽ جفاڪشي سان پيروري ڪن ۽ پرديس ۾ ملڪي ستايل پائرن جي دل سان خدمت ۽ مدد ڪن.

دنيا جي هر وڏي شهر جي هوٽلن ۾ انڊين ايئرلائنز جا ڪئلينڈر، ٽائيم ٽيبل ۽ ٻي اشتهاري معلومات ملندي. ساڳئي وقت انڊيا جي مختلف شهرن جي مشهوري جا ڪتابڙا مفت ملندا، جيئن دنيا جا ماڻهو انڊيا کان واقف ٿين ۽ ڏسڻ لاءِ شوق پيدا ٿئي. پر افسوس جو اسان جو ملڪ ان معاملي ۾ پنتي پيل آهي ۽ ان ڏس ۾ ڪي اپاءَ نہ ورتا اٿس. ٻئي پاسي ملايا، سلون، ٿائلنڊ جهڙن ننڍن ننڍن ملڪن جي ايماندار ۽ محب وطن فارين سروسز جي آفيسرن ۽ واسطيدارن اشتهاربازي ۽ اٽڪ محنت سان پنهنجي ملڪ ۾ اهڙا تہ ٻموهن جو دڙو، ٽئڪسلا،

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

لاهور، ڪراچي، ٺٽو، ڪوٽڏيجي، پنيور' جهڙا تاريخي شهر آهن، جو دنيا جي ماڻهن کي رڳو سچي دل سان هڪوار ٻڌائڻو پوندو ۽ کين سفر جون سهولتون ۽ رهبري ڪرڻي پوندي. ڏسندي ئي ڏسندي اسان سياحت (Tourism) مان ايترو ڪمائي سگهون ٿا جيترو سنگاپور، هانگ ڪانگ، لاس پاماس، سلون، جپان، ملايا يا ٻيا ملڪ ڪمائي ۽ فائدو وٺي رهيا آهن.

سنگاپور مغرب ۽ مشرق جو مرڪب آهي. منجهس مغربي قسم جون عمارتون، نائٽ ڪلب، رستا ۽ بلڪل جديد قسم جون مشينريون ۽ فئڪٽريون نظر اچن ٿيون ته قديم مشرقي مذهب، رسم ۽ رواج، تهذيب ۽ ثقافت پڻ.

سنگاپور جي رهاڪن کي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سرڪار طرفان همٿايو وڃي ٿو ۽ سندن قومي بچت جو پنجويهه سيڪڙو تعليم بلي آهي. اسڪولن ۾ ايترا ڪمرا آهن، جو ملڪ جو هر هڪ ٻار تعليم حاصل ڪري سگهي ٿو. تعليم کان علاوه ٻارن کي تقريرن، بحث مباحثن ۽ راندين ڈي پڻ ڏيان ڏياريو وڃي ٿو. هڪ اسڪول جي تقريري مقابلي ۾ مون کي وڃڻ جو موقعو مليو. مقابلي جو آخري ڏينهن هو ۽ سڄي اسڪول مان چونڊيل پنجن ڄڻن جو مقابلو هو. انهن کي چئن منٽن لاءِ انگريزيءَ ۾ تقرير ڪرڻي هئي ۽ ٻن منٽن لاءِ مادري زبان ۾. پنج ڇهه جج، مختلف زبانن جا ڄاڻو، جيڪي سنگاپور ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون، مقرر ڪيا ويا هئا. انهن آخري پنجن اميدوارن ۾ هڪ سنڌي چوڪري گيتو واسواڻي به هئي. ان کي ۽ هڪ چيني چوڪريءَ کي Consolation Prize ملي. پهريون نمبر چيني چوڪريءَ کنيو جنهن انگريزيءَ ۽ چينيءَ ۾ تقرير ڪئي، جيتوڻيڪ اسان سيني دوستن کي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٻيو نمبر آيل وملا جي تقرير بيحد پسند آئي. پاڻ انگريزي ۽ تامل زبان ۾ تقريرون ڪيائين ۽ اسان ان عمر جي شاگردن کي اهڙيون سني نموني ـ مواد توڙي ادائگي جي لحاظ کان، تقريرون ڪندي ڏسي دنگ رهجي وياسين. هڪ ڪاليج جي ليڪچرار ٻڌايو تہ سنگاپور ۾ هر اسڪول ۽ ڪاليج ۾ هر هفتي تقريرون ۽ بحث مباحثن جا پيرڊ رکيا ويا آهن ۽ هر هڪ کي وارو ڏنو وجي ٿو. جيئن ننڍي هوندي کان ٻار جو پبلڪ ۾ ڳالهائڻ کان حجاب ۽ شرم پجي ۽ هو سنو مقرر ثابت ٿي پنهنجا خيالات ٻين تائين پهچائي.

سنگاپور ۾ مسجد سلطان سڀ کان وڏي مسجد ۽ خوبصورت مسجد آهي، جنهن جي آسپاس ٽن لکن کان مٿي مسلمان رهن ٿا. هتي جي هڪ بازار جو نالو 'عرب اسٽريٽ' آهي، جيڪا سستائي ۾ سڄي سنگاپور ۾ مشهور آهي. هتي ساڙهين ۽ ڪپڙي جا دڪان تمام گهڻا آهن ۽ هر وقت سياحن ۽ خريدارن جو هجوم لڳو رهي ٿو. مغرب جا سياح تہ خاص ڪري ههڙن هنڌن تي مشرق جي غربت پڻُ ڏسڻ اچن ٿا. جيترا ڏينهن اسان جو جهاز سنگاپور ۾ هو، جهاز جا سيُ خلاصي ۽ ٻيو عملو هن گهٽيءَ ۾ خريداري يا رڳو اگهه پڇڻ لاءِ ضرور چڪر هڻندا هئا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ايمان لوڻن ۾ ٿائلنڊ جي ڏرتيءَ تي قدم

اسان کي ٻيڙيءَ ۾ ڪلاڪ کن اڃي ٿيو هو ۽ جهاز کي گهٽو پنيان ڇڏي، ڪناري جي قريب اڃي پُڳا هئاسين. پنيان جهاز ڪُلئي سمنڊ ۾ نُڪتي جيان نظر پئي آيو. ٻيڙيءَ جي انجڻ جو ليور منهنجي هٿ ۾ هو ۽ سڪان (Rudder) جو ڪنٽرول، جهاز جي سيڪنڊ آفيسر احمد حسين مخدوم جي هٿ ۾ هو. اسان کان علاوه ٻيا ٻه ڇهه ست جهاز جا جونئر آفيسر ـ ڪئڊٽ، اليڪٽريڪل انجنيئر سلطان، ريفريجريشن انجنيئر محمود هئا.

آخر محمود کان رهيو نه ٿيو تنهن دانهن ڪري مخدوم کي چيو: ”اجان ڪيترو ٻڇڙو ڪندين، الائي ڪٿي وڃي آيو آهين. ماڻهوءَ جو ته اجان ته ڪو پاڇو ٻه نظر ڪونه آيو آهي.“

واقعي هو ٻه ائين. جهاز جي ٻيڙي لاهي اسان اندر بندرگاهه ۾ گهمڻ نڪتا هئاسين. ڪناري جي ويجهو ايترو ته تانگهو پاڻي هو جو اسان جي جهاز ڪافي پري ڪُلئي سمنڊ ۾ ئي لنگر ڪيرائي ڇڏيو هو. ٿائلنڊ جي هن ننڍڙي بندرگاهه ’پٽاني‘ مان سامان بارجن ذريعي جهاز تي آيو ٿي ۽ جهاز جي ڊيرڪن ذريعي سامان چاڙهيو پئي ويو. اسان سيني جو ٿائلنڊ ۾ هي پهريون دفعو هو، خاص ڪري هن ڳوٺ پٽانيءَ ۾. جيتوڻيڪ ٻئنڪاڪ ۾ اسان مان ڪجهه اڃي ڇُڪا هئا.

جن جن کي سير ڪرڻ ۽ پٽاني شهر گهمڻ جو شوق هو، سي جهاز جي لائيف بوٽ لاهي نڪري پياسين. جهاز تي سامان چاڙهيندڙ هڪ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٽائيءَ سامهون اشارو ڪري ٻڌايو تہ بندرگاھ ان طرف اٿوَ. سامهون جتي آسمان ۽ سمنڊ وڃي ٽي ملیا، اتي رڳو ساون وڻن جي قطار نظر ٽي آئي. اسان ٻيڙي ڪاهي جڏهن ويجهو پهتاسين تہ ڇوڏاري ريڙ جي وڻڻ جو ٻيلو هو. نہ شهر نہ ماڻهو! ٻيلي مان ڪٽان ڪٽان شاخ يا ڪا نهر نڪري اچي ٽي سمنڊ ۾ پئي. آخر اهڙي هڪ نهر نما نديءَ ۾ اندر ٻيڙيءَ جو رُخ موڙيوسين.

"مخدوم پڪ ٻہ اٽئي تہ ڪا آبادي ويجهي آهي؟" محمود وري پڇيو. مخدوم کي ڪو چارٽ يا ڪارو جادو تہ هو ڪونہ جنهن کي ڏسي هو محمود کي پڪ ڏئي. هو پڻ ان ڪوشش ۾ هو تہ ٻيڙيءَ جو تيل (ڊيزل آئل) ختم ٽئي، ان کان اڳ ڪنهن آبادي تائين پهچي وڃون. ٽوري دير کان پوءِ هن دانهن ڪئي. "منو! پاڻ ڪنهن آبادیءَ جي بلڪل ويجهو آهيون." اسان ٻئي هڪ ٻئي کي ڪئدٽ ڪاليج جي ڏينهن کان وٺي منو ڪوٺيون.

"ڪيئن؟" مون آبادِيءَ جي هُجڻ جو پڇيومانس.

"هو ڏس سامهون."

سامهون هڪ جهرڪي اڏامي رهي هئي. "جهرڪي هميشہ گهرن ۾ هوندي آهي. جتي ماڻهو هجن. جهرڪي جهنگ جو پکي نہ آهي." مخدوم چيو.

ٻہ ميل ڪن نديءَ ۾ مس هلياسين تہ ڪيترون ئي ننڍڙيون ۽ وڏيون ٻيڙيون سامهون ايندي نظر آيون، جن ۾ ملاح ٻارين ٻچين رهيل هئا. ٽورو وڌيڪ ڪناري تي ڪاٽ جا جهونا گهر نظر آيا جن اڳيان اڌ اگهاڙا ٻار راند ڪيڏي رهيا هئا. ڪنهن گهر اڳيان ڪا عورت رسيءَ تي ڪپڑا سُڪائڻ وجهي رهي هئي. ڪي عورتون ڪناري وٽ وهنجي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

رهيون هيون. محمود ڪئميرا هٿن ۾ جهلي اشارو ڪين ته فوٽو ٿو ڪڍانوَ. سيني ڪٽي پاڻيءَ ۾ ٽُبي هنئي، پر هڪ ڇٽي پاڻيءَ مان ٻاهر نڪري فوٽو لاءِ پوز ناهيو. فوٽو ڪڍڻ بعد محمود چيو: ”يار ٽائلنڊ ڇڏڻ وقت مون کي هت ڇڏي وڃجو. واپس ڪراچيءَ نه وڃي هلجو.“

ٽورو اڳتي پٽانيءَ جو بندرگاهه هو. ٻيڙي ڪاڻ جي ڪلي ۾ ٻڌل ڪسٽم ۽ اميگريشن پوليس کي ٽائلنڊ ۾ گهڙڻ جو اجازت نامو ۽ ضروري ڪاغذ ڏيکاري اندر شهر منجهه آياسون ۽ ٽولا ٽولا ٿي گهمڻ لڳاسين. محمود مون کي سڃي جهاز تي بي ضرر انسان سمجهندو آهي، جو آڻ گهٽو ماڻ ۾ هوندو آهيان ۽ بقول سندس ”جهاز جا ٻيا آفيسر خواري آهن. الف کان ي تائين ڪناري جي ڳالهه جهاز تي ڪري ذليل ڪن ٿا. هاڻ ٻاهر جي ڳالهه ٻاهر ڇُڏي، جهاز سان ڪهڙو واسطو.“

”ها پارٽنر اهو ته سڀ صحيح آهي پر آڻ وري سيُ تنهنجيون ڳالهيون اخبار ۾ ڏيندو آهيان.“ مون چيو.

”اخبار ۾ پلي ڏي، پر اها اخبار جهاز تي نه اڇل ڪپي. ڏيهه کي جاڻ پوي ته پلي پوي باقي ڏيرياڻيءَ کي نه هئڻ گهرجي. سمجهئي.“ محمود مون کي سمجهايو.

محمود ۽ آڻ حيدرآباد جهڙي سنهيءَ بازار مان نڪري ٻاهر ڇوٽاڻي تي اچي پهتاسين. جتي ڪجهه خوبصورت دڪان، جڳهون ۽ هوٽلون نظر آيون. سڃي بازار ۾ هر هڪ دڪان اڳيان هڪ خوبصورت پجري ۾ ڳيري جهڙو پکي نظر آيو. پڇا تي معلوم ٿيو ته ٽائلنڊ جا ماڻهو ان پکيءَ کي ياڳ جي نشاني ٿا سمجهن. جيئن انگلنڊ، آفريڪا ۽ اسان جي ملڪ ۾ پڻ اڪثر دڪانن ۾ گهرن ٻاهران گهوڙي جا لوهي نعل لڳل هوندا آهن. يا جيان ۾ هوٽلن ۽ دڪانن جي وٽ ٻليءَ جي مورتي هوندي آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هڪ دڪان اهڙو به نظر آيو جنهن تي اهي پڪي، پجرا ۽ انهن جو داڻو وڪامي رهيو هو. اهو دڪان دراصل ٻين کان وڌيڪ پاڻ وارو هئڻ ڪپي، پر افسوس جو ان وقت اسان کي ان تي ڪوبه گراهڪ نظر نه آيو. مون کي خط پوسٽ ڪرڻا هئا، پوسٽ آفيس جو پتو ڪونه هو، ٿائلنڊ اهڙو ملڪ آهي جتي انگريزي کو ورلي ڳالهائي ٿو ۽ هتي سندن ٿائي (Thai) زبان عام هلي ٿي.

آخر هڪ نوجوان مليو جنهن انگريزي صاف ڳالهائي ٿي، پاڻ ٻڌايائين ته هو پٽاني جي اسڪول ۾ انگريزي ماستر آهي. مون پوسٽ آفيس جو پچيومانس اشارو ڪيائين ته سامهون واري گهٽيءَ ۾ آهي ۽ ان سان گڏ پاڻ به هلڻ لڳو. پنهنجو نالو ابراهيم ٻڌايائين.

پٽاني ٿائلنڊ جي انهن شهرن مان آهي جتي ڪجهه مسلمان رهن ٿا نه ته ٿائلنڊ ٻُڌ ڌرم کان مشهور آهي. ٻُڌ ڌرم هندستان ۾ ئي جنم ورتو ۽ هندن جي مذهب ۾ هڪ ارتقائي قدم هو. تنهن کي هندستان جي قدامت پسند گروهه قبولڻ جي عيوض، مخالفت ڪري ڏڌي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ ان اچي هيڏانهن ٽبيٽ، چين، برما، جپان، سيلون پاسي پناهه ورتي.

ٻڌ ڌرم اڄُ کان پنجويهه سؤ سال کن اڳ هتي پهتو. هتي جا خوبصورت پگوڊا جتي ٻڌ عبادت ڪن ٿا ۽ ٻُڌ پڪشوئن (ٻاوَن) کي ڏسڻ لاءِ دنيا جا ماڻهو ڪٽان ڪٽان ڪَهي اچن ٿا.

خط پوسٽ ڪري اسان ابراهيم کي چانهه جي صلاح ڏئي ۽ اچي هڪ ايراني نموني جي هوٽل ۾ ويناسين. محمود چانهه پيئڻ جهڙين بيڪار شين تي وقت ضايع ڪرڻ نٿي چاهيو جنهن جو مونکي پورو پورو احساس هو پر هوٽل جي در وٽ پهچڻ سان اندر جو خوبصورت سيامي چوڪرين کي هوٽل ۾ ڪم ڪندو ڏٺائين سو اسان کان به اڳ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پهچي ويو.

وڏا وڏا شهر جيڪي ڪاسموپوليٽن شهر ليکيجن ٿا، جتي دنيا جي هر ملڪ جا ماڻهو نظر اچن ٿا، جيئن ڪراچي آهي يا هتي ٿائلنڊ ۾ ٻئنڪاڪ آهي، اتي ڪو ڏاريون پيو هلندو ته به ڪنهن جي ڏيان تي نه چڙهندو، پر پٽانيءَ جهڙا ڳوٺ يا ننڍا شهر جتي ڪو ڏاريون ورلي چوڏهينءَ جو چنڊُ ٿو اچي، اتي اسان جهڙو ايشيائي به لنگهي ٿو ته هرڪو نهاري ٿو ۽ سمجهيو وڃي ته هي هن شهر ۾ نئون آهي. ان هوٽل ۾ ابراهيم جا ٻيا به ڪي ٽي چار دوست وينا هئا. تن سان به هن تعارف ڪرايو. هو ليچي جهڙو ميوو کائي رهيا هئا.

اسان کي به کائڻ لاءِ ڏنائون ۽ سيکاريائون ته ڪيئن مٽان ڳاڙهي کل لاهي اندرين سفيد ڳُرُ کائي اندرين ککڙي اچلجي. ٿائلنڊ ۽ سنگاپور پاسي ان ميوي کي رمبوتان سڏين ۽ تمام سستو آهي. جيئن اسان وٽ ٻير، پر رمبوتان قد ۾ صوفي ٻير کان وڏو ۽ سوادي ٽئي ٿو.

ابراهيم کان ٿائلنڊ جون خبرون چارون ونندو رهيس. محمود پهرين ته هيڏانهن هوڏانهن لوٽا قيرائي چوڪرين جي چڪاس ڪئي پوءِ اسان جي ڳالهين ڏي ڏيان ڏري ڪڪ ٽيڻ لڳو.

"چاهي يار، اهي تنهنجون اوٽ پٽانگ جون خبرون ختم ئي ڪونه ٿيندیون چا؟" هن بيزار ٿي مون کان پڇيو، "ٿائلنڊ ڪو اسان جي چاچي جو ملڪ ته نه آهي جنهن جي جاگرافي، تاريخ يا سياست معلوم ڪرڻ ضروري آهي."

"يار چُپ ته ڪر. اخبار لاءِ هن همراهه ۽ سندس ملڪ جو انترويو ونڊي رهيو آهيان." مون کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. محمود پنهنجي نرڙ تي ڏڪ هڻي بيزاريءَ جو اظهار ڪري اڳڀرو ۾ چيو:

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”يار ڇڏينس تہ ڪا ڪم جي ڳالهہ پڇانس، نہ تہ آءٌ وڃانوَ ٿو.“ ۽ پوءِ ابراهيم ڏي مخاطب ٿي بنا ڪنهن رک رکاءُ جي پُڇيٽ لڳس: ”هتي چوڪريون آهن؟ گرلز! گڊ گرلز؟!“

مون سمجهيو تہ اسان جو ميزبان ان اوپري سوال تي پڪ ڪاوڙبو ۽ ’ست ـ سُريون‘ ٻُڌائيندو. پر هن جي چهري تي ڪاوڙ يا تعجب جي ڪا نَلهي ليڪ بہ ڪانہ ايري. هن لاءِ اهو سوال ائين هو جيئن ڪنهن کان پُڇجي تہ بسڪٽ يا ٽافيون ڪٽان ملنديون.

”چوڪريون! اوهہ هتي ٽائلنڊ ۾ تہ جام آهن. جتي ڪٽي.“ ابراهيم وراڻيو. هوٽل جي چوڪريءَ ان وقت ڪوڪا ڪولا اڇي اڳيان رکي. پاڻيءَ لاءِ جگُ بدران ڪٽلي هر هڪ جي ٽيبل تي رکي هُئي. ٽائلنڊ ۽ ٻين هن پاسي جي ملڪن هانگ ڪانگ، چين، سنگاپور وغيره ۾ اها رسم آهي تہ پاڻيءَ بدران گرم گرم سليماني چانهہ رکي ويندي آهي. آردر توهان پوءِ ڇا جو بہ ڏيو. زيدي تہ چوندو آهي تہ پنهنجي ملڪ ۾ جي اهو رواج هلي تہ هوٽلون ڪڏهن بہ نہ هلي سگهن. هر ڪو پاڻ سان ڪنڊ ۽ ڪير ڪٽي اڇي تہ مفت جي چانهہ پي روانو ٿي وڃ.

”شو اس سم گرلس.“ محمود وري چيس.

”ڪوڪا ڪولا تہ ختم ڪر. ڪجهہ ٽڏو ٿي تہ پوءِ اٿون.“ مون چيومانس پر سندس خوفائتيون اکيون ڏسي ڪوڪا ڪولا اڌ ۾ ڇڏي اٿي ڪڙا ٽياسين.

رستي تان بہ چوڪريون پئي ويون.

”هي وٽن ٽيون؟“ ابراهيم وري پُڇيو. وري ٽورو اڳتي هڪ چوڪري سائيڪل تي اچي لنگهي.

”هن کي سڏ ڪيان؟“ ابراهيم پڇيو. وري ٽورو اڳتي هڪ گهر هو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

در واري ڪمري وٽ ٽي چار چوڪريون ٽي. وي ڏسي رهيون هيون. پر ۾ فون بہ رکيو هو. ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جو گهر ۽ سندس مادرن ڏيئرون ٽي لڳيون. ابراهيم انهن کي سڏ ڪيو ۽ هو اسان کي ڏاريون سجاڻي ککر وانگر اسان جي بدن سان چهٽي ويون. عمر ۾ ڪابہ ويهن سالن کان وڏي نہ هُوندي. سندن انگ انگ مان جواني ٻهڪي رهي هئي. سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هن ملڪ ۾ خراب ۽ سُڻي ماڻهوءَ جي وچ ۾ ڪهڙو فرق رکيل آهي. چا هتي جون سيُ خوبصورت چوڪريون هڪ جهڙيون آهن.

"هائو مچ؟" محمود سودي بازي ڪرڻ لڳو.

"ففٽي پات (پنجويهہ روپيا)."

"نونو!"

"اوڪي فارٽي پات." هو سڏڻ لڳيون. پر اسان اتان نڪري چُڪا هئاسين. ابراهيم ائين ڏهن بارهن گهرن ۾ وڃي آيو، ساڳيو نظارو ۽ ساڳيو وکر ٽي وکاميو.

ابراهيم کان پُڇيم تہ چا هتي جي سوسائٽي ۽ سماج ان کي خراب نٿو سمجهي يا بندش نٿو وجهي. هو وائڙن وانگر نهارڻ لڳو جڙ ڇئي رهيو هجي تہ ان ۾ خراب ڳالهہ ڪهڙي آهي. ملڪ ۾ غير ملڪي ناڻو اڇي، ڊالر اچن، ڪهڙي بہ ريت ۽ ڪنهن بہ طرح.

محمود هيڏي وڏي تعداد ۾ چوڪريون ڏسي مُنجهي پيو. هتي هر هڪ جو نالو سون خاتون هو، لوهہ ٻائي تہ ڪابہ ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي آئي.

"هڪ دل ڪنهن کي ڏئي ڪنهن کي ڏيان؟" محمود ڪُڇيو.

"دل ڏبي ناهي، صرف ڏيڪاربي آهي." اسان جي ميزبان ڪِلي وراٽيس. سامهون ڪتابن واري جو دڪان هو. سج لهڻ ٿي هو. محمود کي چيم خريداري ڪري ونون، دڪان بند ٿيڻ ٿي آهن. مونکي لفافا ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

رائٽنگ پئڊ ونٽا هئا. ٽائلنڊ، هانگ ڪانگ ۽ جپان جا رائيٽنگ پئڊ جڳ مشهور آهن ۽ ٽائلنڊ ۾ ته ڪجهه سستا به آهن. آڻٿ دڪان ۾ گهڙي ويس. دڪان ۾ ڪم ڪندڙ ڇوڪريون اسان مان شايد گهٽي خريداريءَ جي اميد رکي وڏيون مسڪراهٽون ڏينديون اچي پڇڙ لڳيون ته چا ڪپي. پنيان محمود اندر گهڙيو ۽ وڏن پوڙهن وانگر نصيحت ڪرڻ لڳو: ”هي لفافا هي ڪوڙا پنا، هي ڪتاب ۽ هي اخبارن لاءِ ڪوڙيون ڪهاڻيون ۽ من گهڙٽ مضمون، هي جهاز، هي انجڻيون، هي سفر هي شهر سڀ فنا آهن، منهنجا پاءُ! هنن ۾ ڪا رونق ناهي! ڪا بقا ناهي، بس صرف هڪ حسن لازوال آهي. بس صرف هڪ حسن سچُ آهي. بس صرف عورت ۽ ان جو پيار حقيقت آهي.“

’ڪنهن ڪاري ڇڳ تي رات ڪٽي ڪنهن ڳاڙهي ڳل تي باک ڦٽي،
ائين وقت ڪٽيو، ائين عمر لٽي، سڀ سانگ سجايو آ پيارا.‘

”توهان جي ئي ته ڪنهن سنڌي شاعر منهنجي ڳالهه انهن بن سٽُن ۾ سمجهائي آهي. ڪير آهي اهو شاعر؟“

آڻٿ ڪيس جواب ڏيان ان کان اڳ هڪ نازڪڙي ڇوڪريءَ محمود کان اچي پڇيو ته: ”چا ڪپي.“

محمود سيني تي (پنهنجي سيني تي) هٿ رکي اڙدو ۾ ”اوهه! ماردالو حسينائو“ اهڙي انداز سان چيو جو اسان سڀ سمجهڻ ۽ اڻ سمجهڻ جي باوجود سندس عاشقانه ادا تي کلڻ لڳاسين. پوءِ ابراهيم کي پر ۾ ڪري چيو، ”ڪيس ٽائي زبان ۾ چئُ ته تون ئي ڪپين. ٻيو ڪُجهه نه ڪپي.“ سندس ان حد کان وڌيڪ ترڙپائي تي مون محمود کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي:

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”محمود اهڙي ذلالت نہ ڪر. اجايو ڏارئين ملڪ ۾ جهڳڙو ٿيندو. گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن شريف ۽ خراب چوڪريءَ ۾ فرق ڪر.....“ مون اجان ڳالهه بہ ختم نہ ڪئي تہ ابراهيم چوڪريءَ سان ٿائي زبان ۾ ڪجهه سُس پُس ڪري محمود کي ٻُڌايو تہ هيءَ محترمہ انين وڃي دڪان بند ٿيڻ کان پوءِ واندي آهي. آءٌ تعجب کائڻ لڳس تہ ڪيئن مشرقي تهذيب ٿائلنڊ ۾ فٽ پات تي ڏينهن ڏني جو چند ڏوڪڙن ۾ وڪامي رهي آهي. اسان کي شام جو ئي واپس جهاز تي وڃڻو هو پر محمود رات اتي رهڻ ٿي چاهي.

”۽ جهاز تي ڪير ڏيوٽي ڏيندو، تنهنجي؟“ مون پُڇيومانس. ”وري ساڳي ڳالهه جهاز جي. پارٽنر بس هڪ قرب ڪجانءِ اڳئين حصي جو ايئرڪنڊيشنر جيڪڏهن هاءِ پريشر ڪٽ آئوٽ تي بند ٿي وجي تہ رڳو ريسيٽ والو (Reset Valve) کي دٻائي ڇڏجانءِ. پاڻهي هلي ويندو. جي نہ تہ اهو بہ ضروري ناهي. هڪ رات جي توهان گرميءَ ۾ گذاري تہ چا ٿيو. آءٌ سُپاٽي پاڻهي پاڙي تي ٻيڙي ڪري جهاز تي پهچي ويندس.“

آءٌ تکو تکو بندرگاهه ڏي موٽڻ لڳس. پڪ هيم تہ ٻيا انتظار ڪري رهيا هوندا. هڪ پات (اٺ آنا) ڏئي ماڻهوءَ جي ڇڪڻ واري رڪشا ۾ چڙهيس. هڪ پوڙهو ٿائي رڪشا جو اڳيون حصو ڪچن ۾ ڦاسائي ٿائلنڊ جي ڏامر جي پڪي رستي تي ڊوڙڻ لڳو ۽ مٿان ري ٽنيين ري ٽوٽين نيلو آسمان هو. پوڙهي جا پير اگهاڙا، قميص چيهون چيهون ٽيل ۽ پيٽ پنيءَ سان لڳل هو. آءٌ ايشيا جي ملڪن جي غربت، بک، بيماري ۽ بيڪاريءَ تي سوچيندو رهيس. پوڙهو ٿائي ڊوڙندو رهيو. ان کان گهٽي تکي رفتار منهنجي خيالن جي هُئي. ڪٽي ٽرئفڪ جو ڳاڙهو سگنل ٿي آيو تہ ترسي ڪنگهيو ٿي. پرسان ٻيون بہ رڪشائون اچي بينيون ٿي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪنهن تي ڪو ٽلهو سيٽ سامان جي پري اڇيان رکي وينو هو. ڪنهن تي ڪا سيامي (ٽائي) چوڪري رکشا جي آرسيءَ ۾ چپن تي لڳل لپ اسٽڪ درست ڪري رهي هئي. ڪنهن ۾ ڪو چوڪرو ۽ چوڪري مُرڪي ڳالهيون ڪري رهيا هئا. ڪنهن ۾ ڪو غير ملڪي سياح، ديسي چوڪريءَ کي پنهنجي زبان ۾ ڪجهه ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ چوڪري نه سمجهڻ جي باوجود به مسڪرائي رهي هئي. هن کي ته فقط شروع جي ڳالهه سمجهه ۾ آئي هوندي ته يورپي پنهنجي من جي مُراد پوري ڪرڻ تي ڪيس ڪيترا پات ڏيندو. ميل ڏيڊ جي پنڌ ڪان پوءِ رکشا اچي بندرگاهه وٽ ڇڏيو. احمد حسين مخدوم، ريڊيو آفيسر شير علي، ڪئپٽ وسيم، ۽ ٻيا بينا هئا. هڪ ٻه ڪُتل به هُئا. جن پڻ رات جهاز تي گُذارڻ بدران ڪناري کي ترجيح ڏني هُئي.

رکشا مان لهي پاڙو ڪيم. پنجين پات جو نوٽ هو، جو ڏئي رکشا واري پوڙهي ٽائي کان باقي پئسن جي گُهر ڪيم. پنهنجي چنل قسمت جهڙي چنل ڪيسي مان ميرو رومال ڪڍي، ڳنڍيون کولي ڏيڊ پات ڪڍي ٻُڌايائين ته: ”هي ئي اٿم. مون سندس منهن ڏي چتائي ڏٺو. سندس گهنجن سان پريل چهري تان پگهر ٽمي رهيو هو. ڊوڙڻ ڪري سندس اپو ساهه اڃان پنهنجي رفتار تي نه پهتو هو. مون اهو ڏيڊ پات به سندس هٿ تي رکيو.

پهرين ته هو نه سمجهيو. پر پوءِ جڏهن اشارو ڪيومانس ته باقي پئسا به پاڻ وٽ رکُ ته هو خوشيءَ وچان خاموشيءَ سان هٿ ٻڌي ڪمان جيئن جهُڪڻ لڳو. سڄي عمر بار ڍوئڻ جي ڪري سندس چيلهه، ڪمان وانگر چپي ٿي وئي هئي پر پيٽ اهو ئي خالي هو. نه صرف سندس پيٽ پر سندس هڪڑي پيٽ سان گڏ ٻيا به ٻه چار پيٽ زال ۽ ٻارن جا هوندا،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جن کي پڻ هن کي ئي پرٽو هوندو. ان لاءِ هن کي اڃان به ڊوڙڻو پوندو اڃا به رڪشا ٽائلنڊ جي شهر پٽانيءَ ۾ چڪڻي پوندي، جيسين موت کيس هن جهان مان چڪي ونيِ.

مخدوم پر ۾ اچي چيو: "اڄ جهاز تي هلي نه ٿا سگهون هتي ئي ڪنهن هوٽل ۾ رهڻو پوندو."

"چو، توسان به ڪا چوڪري ٽڪري آهي ڇا؟"

"نه ابا. پاڻ Sailor سيلاني جي عشق ڪريون ته پوءِ جهاز ڪير هلائيندو."

"ته پوءِ بي ڪهڙي ڳالهه تي آهي؟"

"سمنڊ ۾ تمام گهڻو جوش آهي. رات جي اونداهيءَ ۾ جهاز لاءِ ڪلئي سمنڊ ڏي وڃڻ خطري کان خالي ناهي."

"ته پوءِ رات ڪهڙي فٽ پاٽ تي گذاريون."

"نه. هلي ٿا ڪنهن هوٽل ۾ رهي پئون."

سڄي ٽائلنڊ ۾ ٻين شين جي ڪوٽ ٽي سگهي ٽي، پر چوڪرين ۽ هوٽلن جي ڪوٽ ناهي. پٽانيءَ جهڙي ننڍي شهر ۾ به اعليٰ کان اعليٰ انگريزي نالن واريون هوٽلون ٻاهرن سياحن جي رهڻ لاءِ نظر اچن ٿيون. اهو سڄو ڪم آمريڪن جي ڪري ٿيو آهي. جي ويٽنام جي جنگ نه هلي ها ته آمريڪن سپاهي موڪلون ملهائڻ لاءِ ۽ ڊالرن کي خرچ ڪرڻ لاءِ ٽائلنڊ، ڪمبوڊيا ۽ آسٽريليا طرف هرگز رُخ نه ڪن ها. پر هينئر تازو آمريڪا جي پاليسيءَ ۾ ڪجهه ردوبدل ڪري آمريڪي سپاهي واپس آمريڪا گهرايا ويا وڃن ۽ هيڏانهن تمام ٿورا کي وڃي بچيا آهن. نتيجي ۾ ٽائلنڊ ۽ آس پاس جي ملڪن جو ڪاروبار بند ٿيندو وڃيِ. هوٽلن جا ڪمرا خالي خالي نظر اچن ٿا. مشڪل سان ڪنهن هوٽل جا ڏهه

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سيڪڙو ڪمرا پريل هوندا. هوٽلن ۾ ماڻهن کي رهڻ لاءِ آماده ڪرڻ لاءِ ڪمرن جي مسواڙ گهٽائي وئي آهي ۽ سڄي ڏينهن بدران اڌ مسواڙ تي اڌ ڏينهن لاءِ يا ويندي ٻن ڪلاڪن لاءِ ٻه ڪمرو مسواڙ تي آڇيو وڃي ٿو.

اسان پٽانيءَ جي پئلس هوٽل ۾ رات رهڻ لاءِ پهتاسين، جا شهر جي ٻن وڏين هوٽلن مان هڪ آهي. اڪيلي ڪمري جي چاليهه پاٽ (يعني ويهه روپيا) مسواڙ هئي. اسان کي فقط رات رهڻ لاءِ ڪمرا ڪتا ٿي يعني ٻارهن ڪلاڪن لاءِ ڏهه روپيا. مخدوم کي چيم ته اجا ٻه جي ڊبل بسترن وارا ڪمرا ونون ۽ ٻه ٻه ٿي رهون ته گهٽ خرچ ايندو ۽ غير ملڪي ناڻو بچي پوندو. ريڊيو آفيسر، جو جهاز جي وائرليس وغيره جو انچارج آهي ۽ روزاني موسم جو حال احوال لهڻ مختلف هنڌن جي آفيسن ۽ جهازن جا نياپا حاصل ڪرڻ ۽ موڪلڻ ۽ جهاز جي عملي کي پگهارون ڏيڻ ان جو ڪم آهي تنهن کي اسان خزانچي مقرر ڪيو.

”ڊبل بيڊ ڪمرن جي ڇا مسواڙ آهي؟“ شير علي جنهن جي گجگوڙ فقط شينهن جهڙي آهي باقي بدن جهرڪيءَ جهڙو هلڪو، تنهن هوٽل جي مئنيجر کان اشارن ۽ انگريزي زبان ذريعي پڇڻ جي ڪوشش ڪئي. مئنيجر حساب لڳائي چيو، ”هڪ رات لاءِ ڊبل جا پنجاهه روپيا.“

”۽ هي ڏسو هتي ته ماڳهين ابتي گنگا پئي وهي. اڪيلي جا ڏهه ته ڊبل جا اسان ويهن کان ٻه گهٽ ٿا ڏيڻ چاهيون ته هي پنجاهه پيو ٻڌائي.“ شير عليءَ اسان ڏي اٽوٽندڙ شڪل ناهي تعجب جو اظهار ڪيو ۽ پوءِ وري انگريزيءَ ۾ مئنيجر سان بحث ڪرڻ لڳو. هوٽل جو مئنيجر انگريزيءَ جو هڪ اکر ٻه ڪونه سمجهيو ۽ پنهنجي ضد تي قائم رهيو.

”دراصل هن پنهنجي ڳالهه سمجهي ناهي. ڪٽي پاڻ ڇهن ڇٽڻ لاءِ هڪ وڏو ڪمرو ته نه پيو ڏئي. ان حساب سان ته پنجاهه روپيا نيڪ آهن.“

مخدوم چيو ۽ مئنيجر کي اشارو ڪيائين ته ڇا اسان سڀ ان ۾ رهنداسين.

”نہ نہ! فقط هڪ.“ هن اشارن سان سمجهايو.

”ڇڱو هلو ته ڪمرا ته ڏسون.“ شير عليءَ چيو ۽ مئنيجر کي ڏيکارڻ لاءِ چيائين. مئنيجر پنج منٽ ويهڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ فون ڪندو رهيو. پوءِ هڪ ٻئرو اڇي ۽ بلو ورديءَ ۾ وارد ٿيو ۽ لفٽ ۾ اسان کي مٿي وٺي هليو. ٻي ماڙ تي سڀ اڪيلا (Single-Beded) ڪمرا هئا. هڪ ٻہ کولي ڏيکاريائين ۽ اشارو ڪيائين ته ويهہ ٻات مسواڙ ۽ پوءِ ڊبل ڪمرا ڏيکارڻ لاءِ پنجين ماڙ تي وٺي هليو. رستي تي شير عليءَ پڇيس ته بريڪ فاسٽ ۽ ڊنر ان مسواڙ ۾ آهي.

”نہ نہ! ٻئرو اشاري سان انڪار ڪرڻ لڳو. پنجين ماڙ تي ڪمرا فقط ٻيڪڙيل هئا. هڪ جو در کولي اندر وٺي آيو. ٻہ پلنگ صاف ستڻ چادرن سان ڍڪيا پيا هئا. وچ تي گول ٽيبل تي ٽيليفون رکيل هو. ڪنڊ تي ايئرڪنڊيشنر، پرسان رکيل هڪ ريڊيو تان ٽائي زبان ۾ ڪو گانو وڄي رهيو هو. ٻئي پاسي صوفا سيٽ پيل هو، جنهن تي ڪير ۾ وهنتيل سيامي (ٽائي) دوشيزه پنهنجي پتڪڙن پيرن جي ننهن تي نيل پالش لڳائي رهي هئي. اسان کي اندر گهڙندو ڏسي هن اسان ڏي نهاريو. سندس چپن تي دعوتي مُرڪ هئي، باقي سڄي جسم تي ڪجهہ ٻہ نہ!“

تنهنجي جسم جي جوت اڇاڻ
سهي سگهي جيڪر تجلو ڪير
جي سارو وقت هجي نگاڻ.

(ڪاجوراءِ)

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

بئري دوشيزه ڏي اشارو ڪندي شير عليءَ کي ٻڌايو: ”ڪمري جي مسواڙ ۾ هيءَ به شامل آهي.“

هن کن دير لاءِ مسڪراهٽن جي ورڪا ڪئي پوءِ ڪٽ تي پيل باٿنگ ٽاول ڇڪي گوڏن تي رکي اوگهڙ کي ڏيکيو ۽ وري پنهنجي پيرن کي نيل پالش لڳائڻ ۾ جنبي وئي. آءُ سندس اڇا اڇا، ڪنول جي گلن جهڙا سهٽا پير، ڪاري ڪٽڇ رنگ جي غاليچي تي غور سان ڏسندو ئي رهيس.

”چون پيا هي چريو ڪير؟
جو ڇڏي پيا سڀ انگ سهٽيءَ جا
تڪي وينو سندس پيرا!“

مونکي چتائي نهارينڊو ڏسي مخدوم ٽوڪيو: ”ابا آهين ته هتي يا وڃي سڪرنڊ کان نڪتين. چا پيو ڏسين منو. ايمان ته سلامت آهي نه؟!“

”خبر ناهي! باقي جيستائين ٽائلنڊ ۾ هي طوفان ۽ زلزلا لڳندا رهندا. اسان جي ايمان جي ڪچي گهر جي پٽين ۾ ڏار پوندا رهندا، اڳتي جي سُڌ ان مالڪ کي جنهن توکي، مونکي ۽ هن حسينا کي خلقيو آهي.“

ايتري ۾ ڪئپٽن وسيم دوڙندو آيو ۽ اچي ٻُڌايائين:

”سيڪنڊ صاحب، سيڪنڊ صاحب! هينئين ماڙ تي ٽن ٽن بسترن وارا ڪمرا خالي آهن ۽ مسواڙ فقط پنجويهه روپيا آهي.“

شير علي، مخدوم ۽ آءٌ هڪڙي ڪمري ۾ ۽ پر واري ۾ ڪئپٽن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

وسيم، جلال بيگ فورٽ ميٽ ۽ عباسي ففٽ انجنيئر اچي رهياسين. چانور، پاڄي گانگٽ ۽ ڊبل روٽي گهرائي ڪائي سمجهٽ جي تياري ڪئيسين. بتي وسائي مخدوم کي سنڌيءَ ۾ چيم، "ابا، هاڻ سَوَ تائين ريڊون ڳڻي سمهي رهُ. ننڍ اميد ته اچي ويندءِ يار، هتي پهچڻ سان مونکي هر وقت شاهه جو هي شعر ياد پيو اچي."

مون کي مون پرين ٻڌي وڏو پار ۾،
ايا ائين چون متان پاند ۾ پسائين.

"پاڻ ٻيڙيءَ کي سخت ساموندي چولين جي لوڏن کان بچائي پنهنجي ايمان کي لوڏن ۾ وجهي ڇڏيو آهي." مخدوم چيو.

صبح جو جڏهن جهاز تي پهتاسين ته جهاز جي گينگ وي وٽ ئي ڪنهن ٽائلنڊ جو حال پُڇيو. شير عليءَ ٽڏو ساهه ڪڍي چيس: "ڏڍيءَ جا هزار شُڪر آهن، جو ان نقلي بهشت ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ۽ وصل حور جي معاملي کي اصلي بهشت تائين مهمل ڪري واپس پيا اچون."

"ڪوڙي تي....." ٻئي مٽان وراڙيو.

"اشراف وڏيڪ نه ڪُڇجانءِ" محمود سندس منهن تي ڪڍي هٿُ رکيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سونگ ڪلا ڪان حاديہ شهر ڏي

جهاز چار ڏينهن ڪن پٽاني (ٿائلنڊ) ۾ بينو رهيو، ان بعد ٿائلنڊ جي بي بندرگاهہ 'سونگ ڪلا' ۾ آياسين. جنهن ڪان فقط ٽيهہ ميل ڪن پري ٿائلنڊ جو ٻيو وڏو شهر، (بئنڪاڪ ڪان پوءِ) حاديہ آهي. سونگ ڪلا ۾ ڪافي ڏينهن رهڻ جو موقعو مليو. ايتري قدر جو جهاز جو عملو ٽئڪسي ۽ بسن ذريعي حاديہ شهر ہ ايندو رهندو هو. ٿائلنڊ ۾ ٽئڪسيون موٽر ڪارون نہ آهن، پر ننڍڙيون پڪ اپون آهن، جن جي پويان اٺ ڏهہ ماڻهو ويهي سگهن. شهر ۾ هڪ جڳهہ ڪان بي جڳهہ تائين هڪ ڀات ڏيڻو پوي ٿو. ان ڪان علاوه ماڻهوءَ جي ڇڪڻ جون رڪشائون ۽ سائيڪل رڪشائون جام آهن. باقي هن پاسي موٽر رڪشا نظر نٿي اچي، جيڪي اسان جي ملڪ ۾ عام آهن.

ٿائلنڊ جي هوٽلن جي دڪانن ۾ هتي جي راڻي، شهنشاهہ، شهزادن ۽ شهزادين جون تصويرون وڏن فريمن ۾ ٽنگيل نظر اچن ٿيون، جيئن پاڻ وٽ ايراني هوٽلن ۾ ايران جي شهنشاهہ، راڻي ۽ سندن اولاد جون تصويرون آهن. يا ڪنهن زماني ۾ راڻي وڪٽوريہ، جارج وغيره جون تصويرون سجي هندستان ۾ لڳايون ويون ٿي.

سخت مينهوڳيءَ جي ڪري هتي جي جڳهين جون پٽيون ۽ چتيون ڪاراٽيل آهن. اسان بندرگاهہ مان نڪري هڪ سوڙهيءَ گهٽيءَ ۾ اچي پهتاسين. مون سان گڏ جهاز جو ٽردِ آفيسر فاروق هو. بنهي پهرين حاديہ شهر ڏي وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو. اسان جي جهازران ڪمپني جي آفيس

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

بندرگاھ وٽ آھي. اتان پھرين اھا پڇا ڪئيسين تہ ھن گھٽيءَ جو نالو ڇا آھي، جيئن حاديہ شھر کان واپسي تي صحيح جڳھ تي پھچي سگھون. ھنن پني تي اسان کي انگريزيءَ ۾ ٽائي زبان ۾ گھٽيءَ جو نالو 'ھپ ـ ھو ـ ھن' لکي ڏنو، پر ايترو عقل کان ڪم نہ ھنن ورتو، نہ اسان، جو ڪٽي پڇا ڪريون تہ اھو ھن خاص ٽڪر جو نالو آھي يا سڄي بندر روڊ جھڙي ڏگھي رستي جو. واپسي تي جڏھن ٻارھين وڳي پھتاسين تہ دڪان ۽ آفيسون سڀ بند ھيون ۽ پنھنجي آفيس جتان جھاز تي وڃڻ لاءِ ٻيڙي ملٽي ھئي سا نہ پئي ملي. ٽئڪسي واري کي 'ھپ ھو ھن' لاھڻ لاءِ چيو ھئوسين. تنھن ھڪ ھنڌ لاھي چيو تہ اھو اٽانوَ 'ھپ ھو ھن روڊ'. گھٽو ئي آسپاس ڳوليوسين پر آفيس نہ ملي. ٻہ چار گھٽيون لتاڙي وري ھڪ ھمراھ کان پڇيوسين تہ 'ھپ ھو ھن' ڪٽي آھي تہ ھن ٻڌايو تہ ھي آھي. پر اتي آفيس نہ ھُئي. پوءِ معلوم ٿيو تہ 'ھپ ھو ھن' کو رستو يا گھٽيءَ جو نالو نہ پر سڄي علائقي جو نالو آھي، جيئن ناظم آباد، لطيف آباد، ھيرآباد، گاڏي کاتو وغيرہ.

ان رات ھڪ ٽيڙ ۾ کي پنڌرھن منٽ ھٿا ۽ پوري ھڪ وڳي آفيس طرفان ٻيڙي جھاز ڏي وڃڻي ھئي. ٽائيم گذري وڃڻ تي بي ٻيڙي صبح جو ھلي ھا. آخر تنگ ٿي ٻيو کو چارو نہ ڏسي، ھڪ رڪشا ۾ چڙھي پرواري پوليس اسٽيشن تي آياسين. در تي جيئن ئي رڪشا پھتي تہ آڏ تکو ٽاٽي ۾ گھڙيس. ٻہ چار پوليس وارا ۽ کي وڏا آفيسر اڳڻ ۾ ڪُرسيون وجھيو وينا ھٿا. ھڪ انسپيڪٽر وائرليس تي کو نياپو موڪلي رھيو ھو. مون تکڙو تکڙو کانئن پڇيو تہ کو انگريزي ڄاڻي. ھڪ اڳتي وڌيو ۽ 'ھا' ڪئي ۽ مون يڪدم کيس ٻڌايو تہ اسان فلاڻي جھاز سان تعلق رکون ٿا ۽ 'ھپ ھو ھن' ۾ اسان جي آفيس آھي، اتي

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اسان کي هينئر جو هينئر پهچڻو آهي يا توهان ئي اتي فون ڪري بيڙيءَ کي روڪايو نہ تہ هڪ وڳي ڇُٽي ويندي.

مون اجان گَالهہ ئي ختم نہ ڪئي تہ فاروق پٽيان سڏ ڪيو. ۽ ان پُٽيان جهاز جو ٻيو عملو اچي رهيو هو. اسان جي آفيس کا ٽاڻي جي بلڪل سامهون، رستي جي ٻئي پاسي هئي ۽ ٻيا همراهہ اتي ٻاهر ئي انتظار ڪري رهيا هئا. اسان کي جو ائين تکو تکو ٽاڻي ۾ ويندي ڏٺائون، سو سيُ وائڙا ٿي خبرچار معلوم ڪرڻ لاءِ ٽاڻي تي هليا آيا. پوءِ جڏهن کين خبر پئي تہ ڪيئن ڪِڪو ڪچَ ۾ ۽ شهر ۾ ڏينهوورو مچايو اٿئون تہ ڏاڍو ڪليا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ناريل جي رسُ جي فئڪٽري

بهرحال اسان کي ان جُڻ جي خبر نہ هئي تہ ڪا واپسي تي ٿيندي. اسان تہ نڪرڻ وقت ان علائقي جو نالو لکي اڳتي ٽئڪسي (Pick-Up) ڳولي رهيا هئاسين تہ جهاز جو ڪئپٽن ساونگ، سندس زال ۽ ٻہ ٻار گڏيا. ڪئپٽن اسان کان پروگرام پڇيو ۽ اسان کيس ريڊيو پاڪستان حيدرآباد وانگر ڇپيل پروگرام بدران مُرليءَ تي لوڪ ڏُنون ٻڌائڻ بدران اصلي پروگرام ئي ٻُڌايوسين ۽ پاڻ ٻہ ٻُڌايائين تہ هو ٻہ حاديہ شهر ڏي خريداري لاءِ وڃي رهيا آهن ۽ جي اسان چاهيون تہ هنن سان گڏ ساڳي گاڏيءَ ۾ هلون، جيتوڻيڪ ڪجهہ دير لڳندي جو رستي تان گهمندا هلنداسين.

اسان کي ٻيو چا ٿي ڪتو. ساڻن گڏ اسان جي آفيس جو ٽائي همراهہ ٻہ هو جو انگريزي صاف ڳالهائي سگهيو ٿي. هو هر ڳالهہ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ٻُڌائيندو رهيو.

پهرين ان ئي شهر سونگ ڪلا جي سمنڊ جي ڪناري تي وڃي آيو. ڪلفٽن جهڙو نظارو هو. پر ڪراچيءَ جو ڪلفٽن هن کان مادرن ٿي ويو آهي، جو پڪيون عمارتون آهن. هتي ڪابہ عمارت تہ نہ هئي بلڪ پرسان منجي پاڻيءَ جون شاخون هئڻ ڪري سمنڊ جي ڪناري جي اردگرد ڏِگها گهاٽا وڻ هئا، جن جي ڇانوَ ۾ ڪيترون ئي ڪکائون هوٽلون هيون. ڪنهن ندييءَ جو ڇوڙ (Delta) ٿي لڳو. هتي ماڻهو ترڻ ۽ آرام لاءِ آيا ٿي. صبح جو وقت هو ان ڪري ايتري رش نہ هُئي. ٿوري ٿوري فاصلي تي ٽائي، جوڙا جوڙا ٿي سئمنگ ڪاسٽومن ۾ تري رهيا هئا. ڪي پٽ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

تي چانوَ ۾ ليٽي ناريل جو ڪيرُ يا ڪوڪا ڪولا پي رهيا هُئا. ڪجھ يورپي ۽ آمريڪي سياح فوٽو گرافي ڪري رهيا هئا.

اسان جيئن ئي ڪار مان لٿاسين تہ فوٽا وڪٽندڙ، چونئرا، ڪاڄا ۽ پگڙا وڪٽندڙ، بوٽ پالش ڪرڻ وارا ۽ سگريٽ ۽ چاڪليٽ وڪٽندڙ ننڍا ننڍا چوڪرا ۽ چوڪريون اسان کي ورائي ويا. هڪ ٻن کان تہ پٽاٽو چپس ۽ چاڪليٽ ونڊي جان ڇڏائيسين. ڪئپٽن چوندو هليو تہ اجايو ڪن سن چو ٿا ونو. فوٽو وڪٽندڙ چوڪرن جي هٿن ۾ ڪي خاص فوٽو هئا، جن ۾ ڊيڪاريل هو تہ هڪ ماڻھو يا عورت پنھنجي شڪل جي ماڻھوءَ کي هٿ تي ڪنيو بينو آهي. ڪجھ عرصو اڳ حيدرآباد، ڪراچي ۽ سکر ۾ ٻہ اهڙا فوٽو عام هئا ۽ ماڻھو شوق سان ڪڍائيندا هئا. پر هي ڪجھ مختلف هئا. ان ۾ ڪوبہ پنھنجي تصوير، هٿ ۾ بوتل جھلي ڪڍائي سگھيو ٿي ۽ بوتل ۾ اندر ساڳي ماڻھوءَ کي بند ٽيل ڊيڪاريل هو. ان قسم جي فوٽوگرافڪ لُڇائيءَ (Trick) جا فوٽا ٻيا ٻہ ڪيترا نظر ايندا، پر ٽائلنڊ ۾ مٽئين قسم جا عام آهن. ڪئپٽن جي زال جي ٻہ دل ان قسم جي فوٽو خريد ڪرڻ تي ٿي رهي هئي ۽ مونکي ٻہ چوڻ لڳي تہ اخبار ۾ مضمون سان گڏُ هٿي جي هيءَ خاص شيءِ ـ فوٽو ٻہ ڏجانءِ. اسان اجان پُنيان فوٽو ونڊي ڏسون مَس تہ ڪئپٽن دانھن ڪري چيو تہ بيڪار ۾ پئسا نہ وجايو. سندس ڳچيءَ ۾ لڙڪيل ڪئميرا طرف اشارو ڪري چيائين تہ پاڻ پنھنجا رنگين فوٽا ٿا ڪيون. ساڳئي وقت فوٽو وڪٽندڙ بارن کي دڙڪا ڏئي ڀڄائڻ جي ڪيائين ٿي. پر بار ٻہ محسوس ڪري ويا هئا تہ اسان گراهڪ پڪا آهيون. پر آخر تائين اسام خريد ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي نہ سگھياسين. ڪناري وٽ هڪ ٽڪري هئي، جنھن جي مٿان پٿر جي عورت جو Statue نھيل هو. ان تي ويھاري ڪپتان اسان جا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

گروپ فوٽو ورتا. ان بعد هڪ پير جي وڙ هيٺ آرام ڪرسين تي ويهي ناريل جو رسُ پيتوسين. پر ۾ ئي هڪ عورت تازا ناريل رکيو وينِي هُئي. ڪپتان جو ناريل آڻڻ لاءِ ڪيس چوڙ، يڪدم وڏو تکو ڪات ڪڍي، هوا ۾ لوڏي هڪ هڪ ناريل جي متئين حصي کي هنيائين ٿي تہ يڪدم ڪپجي ويو ٿي. ائين ٿي لڳو جڙ کا جلاد هجي. خير ڪم سي جلادن وارا هيس پر صورت جي جل پري هئي. پيئڻ لاءِ هر هڪ ناريل ۾ تيلي وجهي ڏيندي وئي ۽ ان سان گڏ پُڇندي ب وئي تہ 'ڪيئن آهي، ڪيئن آهي'. اسان سيُ سرڪَ پري، 'ويرِ گُڊ - ويري گُڊ' چوندا وياسين. اسان جو ٽرڊ آفيسر فاروق جو منهنجي پر ۾ وينو هو، تنهنجي تيلي پڄي پئي هئي سو چوسڻ سان رسُ وات تائين ڪونہ آيس ۽ بنا چکڻ جي وڪڻندڙ عورت جي اکين ۾ اکيون ملائي 'ويرِ گُڊ - ويري گُڊ' چوڙ لڳو. تنهن تي مون آهستي پُڇيومانس، "ڪير؟"

"چڏ يار چرچا." هو شرمائڻ لڳو.

پر ۾ آفيس جو ٽائي همراهه اسان کي سُس پُس ڪندو ڏسي پڇڻ لڳو تہ، "چا ڳالهه آهي."

"فاروق جي تيليءَ مان رسُ اچي ڪونہ ٿو. شايد تيلي وچ تان ڦاٽي پئي آهي. بي ڪيس." مون هن کي انگريزيءَ ۾ سمجهايو. ۽ جيسين فاروق لاءِ نئين تيلي آئي، تيسين اسان سيُ رسُ پي چُڪا هئاسين ۽ ڪانيءَ جي چمچي سان ناريل جو اچو گودو ڪائڻ لڳاسين.

ناريل جو رسُ هن پاسي جي ملڪن ۾ عام طرح پيتو وجي ٿو. بندرگاهه وٽ پڻ هڪ ناريلن وارو رسُ وڪڻندو آهي، جو ٻين کان سستو ڏئي. هڪ پيئڻ بعد خالي ناريل واپس ونِي وري پري ڏيندو آهي. پهرين ڏينهن اسان ب بيوقوف بڻياسين، پوءِ خبر پئي تہ گاڏي هيٺان ناريل جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

رسُ جي فئڪٽري ڪوليو وينو آهي. هيٺ هڪ وڏي پتيلي ۾ نقلي رسُ ۾ خوشبوءِ وغيره ملائي خالي ناريل جا ڪوپا ان جڙتو رسُ سان پري گراهڪن کي ڏئي ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پلاسٽڪ جو ڪاڏو

سونگ ڪلا شهر جون ٻہ چار اهڙيون جڳهون ڏسڻ بعد، اسان حاديہ شهر ڏي روانا ٿياسين. حاديہ شهر ٻئنڪاڪ بعد ٿائلنڊ جو وڏو شهر آهي ۽ ڏکڻ ٿائلنڊ ۾ آهي. سونگ ڪلا شهر کان پنجويهہ ٽيهہ ميل ڪن پري ٽيندو. ٿائلنڊ ۾ چگي سستائي آهي. ٽئڪسيءَ ذريعي اڀائي روپيا ڪن ٽي لڳا ۽ بس ذريعي روپيو ڪن. ان کان علاوه شهر جو شهر ۾ سواريءَ لاءِ هتي پڪ اپ نموني جون ننڍيون گاڏيون موجود آهن، جن ۾ ٻہ اڳيان ڊرائيور سان ۽ ڏهہ ڪن پٺيان ٻن رڪيل بينچن تي وهن. اهي پڪ اپون شهر ۾ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين اٺ آنا وٺن پر چپي چپي تي وڌيڪ مسافر چاڙهڻ ۽ لاهڻ لاءِ ترسن.

سونگ ڪلا کان حاديہ تائين رستو ڏاڍو ساوڪ وارو آهي. ٻنهي پاسي گهاٽا ناريلن ۽ ربڙ جا وڻ ميلن تائين پکڙيل آهن. ڪٽي ڪٽي رستي تي ۽ ٽڪرين تي پري پري ٻُڌن جا عبادت گهر ۽ پگوڊا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. رستو ور وڪڙ وارو، سوڙهو ۽ گاڏين سان پريل هو پر ڊرائيور هوشيار ۽ تحمل وارا ٿا ڏسجن ۽ قانون تي عمل ڪيائون ٿي. ائين نہ تہ جيڪو ڏاڍو سو گابو. جتي چوواٽي تي ٻہ گاڏيون هڪ ٻئي جي سامهون اچي اڳ نڪرڻ لاءِ منجهي پيون ٿي تہ هڪ ٻئي کي گاريون ڏئي اڳ نڪرڻ بدران هرهڪ صبر کان ڪم وني ٻئي کي پهرين نڪرڻ جي لاءِ آڇ ڪئي ٿي. پاڻ وانگر نہ تہ جنهن جي وڏي يا مضبوط گاڏي اهو زبردستي، ڪمزور جو خيال نہ ڪندي (ڪن صورتن ۾ وس پُڄندي ٻُجو ڏيندي) اڳ ۾ ڏوڪي وجي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

حاديہ پھچي فاروق چيو تہ هاڻ پاڻ کي ڪپتان ۽ سندس فئملي ڪان الڳ ٿي جُدا راهہ ونڻ ڪپي نہ تہ ڪپتان اڳيان، خاص ڪري سندس زال اڳيان نہ آزادانہ نموني سان هلي سگھبو نہ ڳالهائي سگھبو. سو نيٺ ڪپتان کان الڳ ٿي اسان شهر گھُمڻ ۽ خريداري لاءِ ٻيو رُخ ڪيوسين. اڃان پنج منٽ بہ مس هلياسين تہ فاروق کي بُک ڪنيو ۽ اسان کا ڊنگ جي هوٽل ڳولڻ لڳاسين. ڊنگ جي هوٽل مان مُراد اها نہ تہ کا سڻي ماني واري سھڻي هوٽل پر جنهن ۾ اسان کيسي مطابق دال ماني کائي سگھون.

هن پاسي جي ملڪن جو اهو رواج آهي تہ هوٽل ۾ جيڪو بہ کاڌو ملندو، سو نموني خاطر پليٽن ۾ هوٽل جي در وٽ شيشي جي ڪبٽ ۾ رکيل هوندو. شايد ان ڪري بہ اهو ضروري هجي تہ هتي ڀانت ڀانت جا سياح اچن ٿا، جن جي مختلف زبان ۽ کاڌو آهي، جيئن هو در وٽ ئي نموني جو کاڌو ڏسي، پسند ڪري سگھن. فقط نالي لکڻ سان تہ ڇڪي طرح خبر نٿي پئجي سگھي تہ کاڌو ڪهڙو آهي. ائين نالا تہ اسان جي جهاز تي بہ بٽلر روز بدلائي لکندو آهي: ڪڏهن 'هاچ پاچ سُوپ' ۽ 'ويجيٽيبل سُوپ' تہ ڪڏهن ڇا ـ جنهن جو نالو ڪڏهن ڪنهن انگريز بہ نہ ٻُڌو هوندو،، ۽ ڏاريون مهمان يا ڪراچي هيد آفيس وارا اسان جي کاڌي جو مينو (Menu) پڙهي بٽلر کي آفرين ڏيندا هوندا تہ جهاز جي عملي جو ڪيڏو خيال اٿس. روز نئين شيءِ ٿو کارائي ـ پر کين ڪهڙي خبر تہ روز ساڳيو سُوپ (Soup)، ساڳي سواد ۽ رنگ وارو پي رهيا آهيون، پر ڏينهن وانگر نالا مختلف آهن، زندگي ساڳي آهي.

جڏهن ۾ بہ هر هوٽل ٻاهران، ان هوٽل جي کاڌي جي هر شيءِ رکيل هوندي، پر فرق فقط اهو تہ اتي نموني وارو کاڌو اصلي کاڌو نہ،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پر پلاسٽڪ جو ڪاڏو ٿئي. شيشي جي ڪٻٽن ۾ ڪيڪ، پيسٽريون، سيويون، ڪواب، اسٽيڪ ۽ مٽن چاپس مختلف پليٽن ۾ سينگاريا رکيا هوندا آهن ـ ويندي سلادن جا قسم، ڪوڪا ڪولا، بيئر، وائين ۽ ونيگر. پهرين ڏينهن جپان جي شهر ڪوبي (Kobe) ۾ ته پُلجي پيس پر پوءِ غور سان ڪوڪا ڪولا واري گلاس کي ڏٺم ته ناسي رنگ جي شربت مٽان جيڪو برف جو ڳنڍيو پيو آهي، سو هڪ ته چُري پُري ڪونہ ٿو، چنبڙيو پيو آهي ۽ ٻيو ته ڳري بلڪل ڪونہ ٿو! هونءَ آمريڪا ۾ ڪُتن لاءِ پلاسٽڪ جا هڏا ۽ گوشت جا ٽُڪر ملندا آهن، جي چيغم (Chewing Gum) وانگر ٿين ۽ ڪُتا سڄو ڏينهن وينا چٻاڙيندا آهن. ڪتا اهڙا بہ ڪي بيوقوف ڪونہ آهن، پر انهن جا گورا مالڪ انهن کي ٽلهو ٽيٽ ڪان بچائڻ لاءِ ڊائيٽنگ خاطر پلاسٽڪ جون هڏيون چٻاڙڻ جي عادت وجهندا آهن. هڪ مزيدار ڪارٽون ڪنهن رسالي ۾ ڏٺو هوم ته هڪ همراهه پنهنجي گهوڙي کي سائو اُس جو چشمو پارائي سُڪل گاهه ڪارائي رهيو آهي ۽ گهوڙو مزي سان کائي رهيو آهي.

اسان هڪ ملڪي هوٽل ۾ گهڙي ويا سين. هتي ملايا جا ڪافي باشندا رهن ٿا، جو ٻئي ملڪ هڪ ٻئي سان مليل آهن. ملڪي هوٽلون سڀُ مسلمانن جون آهن ۽ انهن هوٽلن جي اها خاص نشاني آهي ته ٻاهران بسـم الله لکيل هوندو.

هن پاسي گانگٽ تمام سستا آهن. سو گانگٽن جو ٻوڙ، ڪڪڙ جو ٻوڙ، چانور، مکڙ، ڊبل روٽي ۽ پاڄين جو سُوپ گهرايوسين. ڪاڏو بہ هن پاسي ڪو خاص مهانگو ڪونهي. اسان جي ملڪ جهڙو ئي اڳهه آهي جو دنيا جي پيٽ ۾ تمام سستو سمجهڙ ڪپي. اسان جي ملڪ ۾ ريڊيا، واچون، ٽي ويون، ٽيپ رڪارڊر، ريڊيو گرام ۽ ٻيو عيش عشرت جو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سامان ڪٽي نٿو ملي يا مهانگو آهي، پر هڪ ڳالهه آهي ته روزمره جي ضروريات جو سامان، ڪاڏو پيتو، ڏوبي، حجام، درزي، ٽئڪسي ۽ بس وغيره جو خرچ ۽ پاڻ پُتن جي سستائيءَ ۾ دنيا جو ڪو ملڪ پُڄي نه سگهندو ۔ باوجود اسان جي گهٽ ڪمائيءَ جي حساب تي به. آمريڪا ۾ مون کي ڪو اهڙو حجام ٻڌايو جو ساڍن ٽن ڊالرن (چاليهه روپين) کان گهٽ ونندو هجي. ننڍي دڪان وارو به وارن ناهڻ جي في چاليهه روپيا ونندو، جو سيني حجامن جي يونين نهي وئي پئي آهي، اسان وٽ ڪو چاهي ته به روپيا ڏئي ايلفيءَ جي ڪنهن ايئرڪنڈيشنڈ ماڊرن هيئر سئلون تان وار نهرائي، جي پُڄي نه ٿو سگهي ته بن آنن ۾ به وار ناهڻ وارا سعيد منزل جي سامهون ملي ويندس. يورپ، آمريڪا يا جپان وغيره ۾ ته مون کي اجا ڪو اهڙو درزي ڳولڻو آهي، جو سلائي، ڪپڙي جي قيمت کان گهٽ وٺي. ڪپڙو جي سؤ روپين جو هوندو ته سلائي ڏيڍ سؤ روپين کان گهٽ ٿيڻ جو ته سوچي به نٿو سگهجي. هاڻ مڙيئي پاڪستان ۾ به مزوري ۽ مزور جو مانُ وڌي رهيو آهي. خاص ڪري رازن، واڍن ۽ درزين جي ته في ڪافي وڌي چُڪي آهي. دراصل سڄي دنيا ۾ هڪ اهڙي تبديلي اچي وئي آهي، جنهن هيٺ پورهئي جو قدر ٿيندو وڃي.

پورهيت هاڻ خوشحال ٿيندو وڃي. اهو ڏينهن پري ناهي جو يونيورسٽين مان فقط ڊگريون وٺي، 'اڇن ڪالرن واري نوڪري' ڳولهڻ وارن کي افسوس ڪرڻو پوندو ته هنن کي تعليم سان گڏُ پيٽ قوت لاءِ ڪو پورهيو پڻ سکڻ کپندو هو. تعليم پنهنجي جڳهه تي آهي ۽ اها هر انسان لاءِ لازمي آهي، پر پئسي ڪمائڻ لاءِ دنيا ۾ جتي ڪٿي پورهيو ڪم اچي ٿو. اسان جي ملڪ ۾ به آهستي آهستي اهو شعور پيدا ٿي رهيو آهي ۽ ڪراچي، لاهور ۽ بين وڏن شهرن ۾ ڪيترا درزي، واڍا،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ويلڊر، مڪينڪ، مستري، پڙهيل ڳڙهيل نظر اچن ٿا جن کي پنهنجي هنر ۽ هٿن تي فخر آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پنڌ ضربايان پنڌ رهن = صحيح هنڌ

ماني کائڻ کان پوءِ فاروق جا خريداري شروع ڪئي ته رات ڪري ڇڏيائين. مون کي رڳو هڪ بن دڪانن تان رسالا ۽ اخبارون ۽ ٻيو ڪو هلڪو ڦلڪو سامان ونڻ ڏنائين، باقي پاڻ پنهنجي پسند جي خريداري لاءِ مجال آهي جو هڪ دڪان ڇڏيو هجيس. رات ڪري ڇڏيائين. اها ٻي ڳالهه آهي ته ورتائين ڪو ورلي ٿي، جو پسند جي شيءِ نه ٿي مليس. پاڻ ٻه مهينا کن ٿيندا جو هڪ پارسي ڇوڪريءَ سان شادي ڪري، يڪدم نوڪري تي آيو آهي. سو بيگم صاحبہ لاءِ خريداري ڪندو رهيو. چيومانس، ”پارٽنر ايڏي شاپنگ! توهان ۾ ڏيج پُڙو شاديءَ کان پوءِ ڏيڻ جي رسم آهي ڇا؟“

مون کان جونئر آهي ۽ شرميلو پڻ. سو اڪثر خاموش ئي رهندو آهي. هر ڳالهه ٻُڌي فقط مسڪرائيندو آهي. بيحد پيارو ۽ سڀاجهو ڇوڪرو آهي. پر ساموندي زندگيءَ مان سخت بيزار آهي. ٿورو ئي طوفان يا سمنڊ پنهنجي طاقت ڏيکاري ته همراهه جا هٿ پير ساڻا. پر ساڳي وقت پاپ ميوزڪ (Pop Music) يا جاز (Jazz) تي سندس هٿن پيرن ۾ ٻيٽي شڪتي اچي ويندي آهي. انگريزي پوشاڪ، انگريزي کاڌي ۽ انگريزي ناولن جو متوالو آهي. بس فقط مولا مهر ڪري، سندس رنگ مشڪي نه ڪري ها! محمود جيڪو نيويءَ ۾ ’ڪاليا‘ جي نالي سان مشهور آهي، تنهن ان نالي تي ٻين جهازن تي ته اعتراض نه ڪيو، پر هن جهاز تي مڙيئي چئي ڏيندو آهي ته، ”يار مون کان وڌيڪ ڪارو ته

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٽرڊ آفيسر فاروق آهي.“ پر اسان چا ڪريون، هي ڪٽي ڪارو وڏيڪ آهي، پر ڪم ۽ ڳالهيون ته گورن انگريزن واريون اٽس.

بهرحال اسان جو ٽرڊ آفيسر صاحب خريداري ڪندي ڪندي هڪ هنڌ اچي ڦاٽو. ڪيس نائٽي (عورتن لاءِ سليپنگ سوٽ) ٽي ڪتي، جا پوري ماپ جي ملي ڪانہ ٽي. هر دڪان تي وڏي ماپ جي ڏيڪارين ته ٻہ هن لاءِ ننڍي. دراصل ٽائلنڊ جا ماڻهو قد جا تمام بندرا آهن، خاص ڪري هتي جو عورتون. ۽ ڪُجهہ ڪُجهہ بي ڊولا پڻُ. اڪثر عورتن جي چيلهہ تمام ويڪري ۽ ٽنگون ٽلهيون آهن. ٽي سگهي ٿو ته ڪلوپترا ۽ هيلن آف ٽراءِ جي ڏينهن ۾ اها سونهن جي نشاني هُجي ۽ بقول ڊاڪٽر جيمس برنس جي، جنهن پنهنجي ڪتاب A Narrative a visit to the court of Sindh (سنڌ جي دربار) ۾ لکي ٿو ته: ”1890ع ڌاري (يعني اڄ کان سؤ سال ڪن اڳ) جڏهن هو مير مُراد عليءَ جي علاج لاءِ سنڌ ۾ آيو هو ته انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ پڻُ اهڙو جسم سونهن جي نشاني سمجهيو ويندو هو. اڇڪلهہ جي سونهن جا قدر، ٻين قدرن وانگر بدلجي چُڪا آهن. عورت جي سونهن جنهن جو اظهار ڪو زمانو هو ته شاعر پنهنجي شعرن ۾ ڪندا هُئا، پر اڄُ ان کي ٽيپ جي انچن ۾ ڪٽيو وڃي ٿو. ڇٽيهہ انچ بسٽس، ڇويهہ انچ ويسٽ ۽ ڇٽيهہ انچ هپس واهہ واهہ! بيوٽي ڪُئين!
مس ايشيا! مس ورلڊ!“

هڪ دڪان تي سيلز گرل، هڪ ڊگهي نائٽي ڏيکاري جا ٽائلنڊ جي ڇوڪرين جي قد کان ته برابر ڊگهي هُئي، پر ته ٻہ ڪا خاص ڊگهي نہ هُئي. ان تي وڪٽندڙ ڇوڪري تعجب کائڻ لڳي ته پاڪستان جون عورتون ڇڪيون ڊگهيون آهن. اسان ٻنهي جي ڇهہ فٽ هڪ انچ قد ڏي نهاري، معصوميت سان پُڇڻ لڳي، ”توهان ايترا ڊگها ڇو آهيو؟“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

تہ الٿو مون سوال ڪيومانس، ”ڇ تون ايتري ڊينڊي قد جي ڇو آهين؟“ مٿي آسمان طرف نهاري وارائڻ لڳي، ”ڀڳوان اسان جي بدن جي ڪجهہ اسيمبلي ئي اهڙي ناهي آهي.“

ٻاهر نڪري فاروق کي چيم، ”ميان هاڻ ان ائٽم جي پچر ڇڏ. هتان ٽائلنڊ مان ملڻ مشڪل اٿئي. هلي هلي هاڻ ساٽا ٽي پيا آهيون.“

”نہ يار، ڪوشش تہ تڏهن بہ ڪريون.“

”ڪمال آهي، ڪوشش تہ ڪريون. آهي ڪانہ ڪا شيءِ تہ ڪوشش ڇا ڪريون؟ ڇ رُڳو ٽائلنڊ تہ نہ آهي. هانگ ڪانگ يا جپان مان ڪٽي ونجاءِ.“ مون سمجهايومانس.

”اتي جا ماڻهو تہ ٽائلنڊ ڪان بہ ڊينڊي قد جا آهن.“ هن خاطريءَ سان مون کي ٻُڌايو، جو هو اڳ بہ هن پاسي جي ملڪن جا چڪر هڻي چُڪو آهي.

”تہ پوءِ ڀلا اڳتي لاس اينجلس (آمريڪا) بہ تہ هلڻو آهي. اتان ڪٽي ونجاءِ.“

”اتي جي آمريڪي عورتن جو قد هيڪاندو ڊگهو آهي ڇ اتي جي نهيل نائٽي منهنجي زال کي پوري نہ ايندي.“

”تہ پوءِ پارٽنر، تون بہ ڪجهہ تہ خيال ڪرين ها، پهرين ڪا نائٽي ونين ها، پوءِ ان ’سائيز‘ جي زال ڳولين ها.“

پوءِ سائين اتان مُڙيو تہ وري نندڙي ٻار جا ڪپڙا ڳنهڻ لڳو ڇ سندس ڏُورانديشِيءَ تي دل ئي دل ۾ داد ڏيڻو پيو.

پر اسان جو يار ايتري تي بہ بس ڪرڻ وارو نہ هو. ان کان پوءِ وري برئزير ونڻ شروع ڪيائين ڇ اسان ڪڪا وڪا تڏهن ٿي وياسين، جڏهن ڪيس نمبر جي خبر نہ هُئي ڇ اندازي لڳائڻ ڪارڻ هن الٿو

هن ڪتاب جا سمورا حق ڇ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

وڪٽندڙ چوڪريءَ کان هن جي برئزير جو نمبر پُڇيو. هوءَ مطلب نہ سمجهي گهبرائجي لڳي تہ اسان کي ٿيو ڇا آهي جو هن کي دڪان ۾ اڪيلو سمجهي غلط سلط سوال ڪري رهيا آهيون. جي ٿوري بہ سياڻي هُجي ها تہ جرمن دڪاندار وانگر گراهڪ بہ نہ وجائي ها ۽ گهبرائجي جي بہ نوبت نہ اچي ها.

چرچو مشهور آهي تہ جرمني ۾ هڪ همراهہ ساڳي مسئلي ۾ انگي ونندي مُنجهي پيو. دڪاندار بہ گراهڪ وجائڻ نٿي چاهيو، سو ڪيس مدد ڪرڻ لڳو، "پلا توهان جي متي جي سائيز جي ڏيان."

"نہ نہ! اهو تہ تمام وڏو آهي." گراهڪ وراڻيو.

"پلا سنگترو؟" دڪاندار سائيز معلوم ڪرڻ خاطر پڇيس.

"نہ نہ اهو بہ وڏو ٿيندو."

"پلا بيضو؟"

"جي ها بيضو." خريدار خوش ٿي هائوڪار ڪئي، "پر فراءِ بيضو."

خريداريءَ کان پوءِ اسان اچي هوٽل ۾ ماني کاڌي. اها ڏنر خاص فاروق طرفان هُئي، جا رشوت ان لاءِ هُئي تہ آڏ سندس خريداريءَ بابت ٻئي ڪنهن سان ذڪر نہ ڪريان. سو پڙهندڙن کي بہ عرض آهي تہ ٻئي ڪنهن سان ڳالهہ نہ ڪن. جي ڪنهن سان ڪن بہ تہ ان کي جهلي ڇڏين تہ ٻئي سان نہ ڪن.

ماني کائي باهر نڪتاسين. رات جا نَوَ ٻئي ٿيا. هڪ کان اڳ سونگ ڪلا شهر پهچڻو هئوسين، جو اتان پوري هڪ وڳي لانچ (Motor Boat) جهاز لاءِ ڇُڏڻي هُئي، جيڪو بندرگاهہ کان ويهہ ميل ڪن پري ڪُلئي سمنڊ (Open Sea) ۾ بينل هو .

باهر نڪري بس جي پُڇا ڪئيسين. بن ٽن ٽائي ماڻهن کان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پچيوسين، پر ’زبان يار من ترڪي، نمي دانم نمي دانم‘ وارو قصو. نہ سندن ٿائي زبان اسان کي سمجھ ۾ اچي نہ ڪو اسان جي انگريزي يا سنڌي اڙدو هو سمجھن. اسان بہ اُنَ وانگر سڌو ڏوڪيندا وياسين. جو هڪ ۾ اجا ڪافي وقت هو. ايتري ۾ هڪ بئنڪ اڳيان سڪُ چوڪيدار ڏٺوسين. پنجابيءَ ۾ خيرعافيت ڪري پوءِ پچيوسين، ”او سردار جي سونگ ڪلا لاءِ بس ڪٿان ملندي؟“

”ٿاور تان“

”ٿاور ڪٿي آهي. ٿئڪسيءَ ۾ وجون يا ويجھو آهي؟“

”او اتي ويجھو ئي تہ آهي. سامھون اها جنرل پوسٽ آفيس نظر پئي اچي. ان جيترو ٻيو اڳتي ويندائو تہ ٿاور. ان کان پوءِ بس اسٽاپ.“

بس. ڳالھ بہ ايتري. اسان ٻئي ٿائلنڈ جي پڪي رستي تي، خريداري ڪيل سامان جا ٿيلھا ڳچيءَ ۽ ڪلھن ۾ لٽڪائيندا، ليفٽ رائيٽ ڪندا هلڻ لڳاسين. هلندي هلندي اڌ ميل کن ٿي ويو. اچيو ٿي بارش پوي. ماڻھو چيڙو بہ ڪو ورلي نظر آيو ٿي. هڪ هوٽل ۾ ساعت ٻہ ويهي چانھ پيتيسين. تيسين بارش بہ سامت ۾ آئي. وري ساڳي پريد. اڌ ميل کن ٻيو بہ جڏھن هلياسين تہ فاروق دانھن ڪري چيو، ”يار، هن سک تہ لاھ پٽي ڇڏيا. اجان تہ پوسٽ آفيس بہ ڪانہ ٿي اچي. ڪڏھن بس اسٽاپ تي پھچنداسين ۽ ڪڏھن سونگ ڪلا. پنھنجي هلڻ جو تہ هاڻ ’هارس پاور‘ (Horse Power) ۽ ’ول پاور‘ (Will Power) ٻئي ختم ٿي ويا.“

”تہ پوءِ هاڻ پوسٽ آفيس جي بدران ڪا ٿئڪسي ڳول.“

آخر هڪ ٿئڪسي ملي. رُڄ ۾ ڪنھن مُسافر کي پاڻيءَ سُرڪ ملي. ٻڏندڙ ٻيڙيءَ کي سٺائو سمنڊ مليو. اڌ ميل کن جڏھن ٻيو بہ هلي، تڏھن اسان کي جنرل پوسٽ آفيس نظر آئي ۽ ڏيڍ ميل کن ٻيو بہ هلي تہ ٿاور

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

نظر آيو ۽ پوءِ آخر ’بس اسٽاپ‘ آيو.

فاروق چيو، چگو جو سردار جي کان بس اسٽاپ جو پڇيوسين، جي سونگ ڪلا شهر جو پُڇون ها تہ هو ان لاءِ بہ ائين چوي ها تہ اجهو اهو سامهون اٽانوَ. اسان کي تہ اڌ مُئو ڪري ڇڏيو ان سِکَ.

منهنجا پائرو، ڪڏهن پُلجي بہ ڪنهن ملڪ ۾ سک کان رستو نہ پڇجو ۽ جي پنڌ پُڇو بہ تہ سکن جهڙيون مضبوط ٽنگُون ڏارجو يا ان ٻڌايل پنڌ کي گهٽ ۾ گهٽ پنڌرهن سان ضرب ڪجو، تہ انشاءَالله صحيح هنڌ تي پهچي ويندائو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مختلف قسم جا ڪردار

اسان وٽ سنڌ ۾، هر يا ڪاڻ جي گاڏيءَ ۾ هميشہ ڏڳو جوٽيو وڄي ٿو. پر هتي ٽائلنڊ ۾ هر ۾ جوٽڻ لاءِ سانُ استعمال ٿئي. ان کان علاوہ سانُ سواريءَ جي ڪم ۾ بہ اچي ٿو. رستن ۽ بنين بارن ۾ ڪڏهن ڪڏهن پوڙهيون عورتون سانَ جي نڪ ۾ واڳ ٻڌي سندس اگهاڙي پٺِ تي سواري ڪندي نظر آيندیون. اڳيان سندن مردن جي ڏيکيل ماني ۽ پُنيان گاهہ جي يا ٻج يا پاڻ جي ڳوڙ رکيل هوندي.

ان قسم جو نظارو اسان سنڌين لاءِ عجيب آهي جو سنڌ ۾ سانَ کان اهڙو ڪم نہ ورتو ويندو آهي. ٽي سگهي ٿو تہ ان جو اهو سبب هجي تہ هن جانور کي پاڻيءَ جو اوسو آهي ۽ سنڌ ۾ سخت گرميءَ کان علاوہ پاڻيءَ جي پڙُ اٽاڻ آهي.

ٽائلنڊ کان علاوہ ملايا ۾ پڻ سانَ تي بارن ۽ وڏن کي ڳوٺن ۾ سواري ڪندي ڏٺم.

۽ هن سان ملو. هيءَ ٽائلنڊ جي چوڪري جيني آهي. عمر ٽيويهہ سال، بن بارن جي ماءُ ۽ بئنڪاڪ يونيورسٽي جي گرئجوئيٽ. سندس پار نانيءَ سان بئنڪاڪ ۾ رهن ٿا. پاڻ بئنڪاڪ کان ڪافي پري ڏکڻ ٽائلنڊ جي مشهور شهر حاديہ ۾ رهي ٿي. حاديہ شهر جي بين ڪيترين عورتن وانگر جيني پڻ هڪ ننڍڙي چڪلي جي سرپرست آهي. يعني هتي جي زبان موجب 'ماماسان' آهي. سندس مسواڙي گهر پنجن

ڪمرن تي مشتمل آهي جنهن جي مسواڙ مهيني ۾ ڇهه سؤ پات آهي. ست چوڪريون جن مان ڪُجهه ڪاليج جون شاگرد پڻ آهن. هاسٽل بدران هتي رهن ۽ ڪائين. ڪاليج ڪو ورلي وڃن، جنهن جي سندن مائٽن کي خبر ناهي يا واسطو ناهي. هو آيل گراهڪن جي دل وندرائين. ڪمائيءَ ۾ اڌ سندن، اڌ ماماسان جو.

"پڙهيل ڳڙهيل تي ڪري تو اهو ڏنڏو ڇو اختيار ڪيو آهي." هڪ ليکڪ يا صحافي پاڻ کي رندڀڙ ۽ پڙهندڙن جي نظرن ۾ شريف ڏيکارڻ خاطر پلا ٻيو ڪهڙو سوال پُڇي سگهي ٿو.

"مجبوريءَ خاطر." منهنجو مُڙس حادثي ۾ فوت ٿي ويو. ٻه نياڻيون اٿم. انهن جو ۽ پنهنجو پيٽ پارڻ خاطر. ڪجهه ڏينهن بکون ڪاٽي، بئنڪاڪ کان هتي هلي آيس. مائٽن کي اهو ٻُڌايم ته حاديه شهر جي هڪ آفيس ۾ نوڪري ملي آهي. هتي ته ان قسم جو ڏنڏو عام آهي. بلڪ فئشن پڻُ. جاءِ جي مسواڙ، کاڌو پيتو ۽ ٻيو خرچُ پکو لاهڻ بعد ٻه هزار کن مهيني ۾ بچت ٿئي ٿي. اڇڪلهه ٿائلنڊ ۾ نوڪريون ۽ ٻيا ڏنڏا ڪٿي آهن؟ جينيءَ ٻُڌايو.

ان قسم جا اڏا فقط حاديه جهڙي شهر ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه ادائي سؤ کن آهن. بئنڪاڪ ۾ ته ان کان ٻه مٿي آهن. جن کي آمريڪن هيڪاندو زور ونرايو آهي، جيڪي ويٽنام ۾ جنگ دوران موڪلون گذارڻ ۽ پئسو خرچُ ڪرڻ لاءِ ٿائلنڊ ۽ ٻين پر وارن ملڪن ۾ اچن ٿا. ۽ اها ته عام گاله آهي ته جتي ٻه آمريڪن جي آمد شروع ٿئي، اتي ڊالر ته جام اڇيو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

وجن، باقي بي هر شيءِ، ويندي غيرت، نايابَ بنجيو وڃي. اهو جڀان ۾ بي وڏي لڙائي دوران ٿيو ۽ ٿائلنڊ ۾ اڃُ تي رهيو آهي.

ٿائلنڊ جي تهذيب، ثقافت، مذهب، آرٽ ۽ رسم رواج تي پرواڻن ملڪن خاص ڪري هندستان ۽ هندو مذهب جو وڏو اثر آهي. دراصل هتي جو مکيہ مذهب بُڌ ڏرم پڻ هندو ڏرم جي Modification آهي ۽ پهرين هندستان ۾ گوتم بُڌ ايجاد ڪيو.

ٿائلنڊ ۾ هڪ خاص ناچ Mask Dance مشهور آهي. عورتون ۽ مرد پنهنجو منهن ڍڪي يا ان مٿان مختلف ديون ۽ ديوتائن جا پني ۽ پلاسٽڪ جا منهن چاڙهي، اسٽيج تي ناچ ڏيکارين. اهڙي قسم جي ناچن ڏسڻ جو حاديہ، سونگ ڪلا ۽ ٿائلنڊ جي ٻين شهرن ۾، ڏسڻ جو موقعو مليو.

هتي جي ماڻهن جي زبان 'ٿائي' آهي، جيڪا سنسڪرت زبان جي Modification سمجهڻ ڪپي. ساڳيا سنسڪرت وارا اکر منجهس آهن. مثال طور، ڪا، خا، گا، گها وغيره وغيره. ايتري قدر جو ڪيترن ٿائي لفظن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جي معنىٰ ساڳي آهي، جيڪا سنسڪرت جي لفظن جي آهي. مثال طور چندرا (چند)، ناري (عورت)، ثريا (سڄُ)، راتڙي (رات)، ارونا (صبح) وغيره. ٽائي زبان جا ڪيترا پُراڻا لفظ چيني زبان مان ورتل آهن. مثال طور ٽائي زبان ۾ پاڻيءَ کي 'نام' سڏين ۽ ڪائڻ کي 'جن'، انهن لفظن جي چيني زبان ۾ معنىٰ ساڳي آهي.

هتي ٻارن کي اسڪولن ۾ هندو ڌرم جا ڪيترائي ڪتاب ٽائي زبان ۾ ترجمو ڪري پڙهايا وڃن ٿا. مثال طور ڀگوت گيتا، رامائڻ وغيره. ۽ ٽائي ماڻهن جي مذهبي ڏينهن ۽ گڏجاڻين جو حساب ڪتاب چند مطابق ٿئي. هتي جي يونيورسٽين ۾ سنسڪرت زبان عام پڙهائي وڃي ٿي.

هيءَ ٽائلنڊ جي ڌرتي آهي. ٽائلنڊ کي مسڪراهٽن جي ڌرتي سڏجي ٿو پر هتي جي سياسي ردوبدل ۽ حالتون، ڏينهون ڏينهن ڪرندڙ معاشيات، ايشيائي ٻُک ۽ بيروزگاريءَ هتي جي ماڻهن جي ڪومل چهرن تي مسڪراهٽ بدران خوب ۽ هراس جي جهلڪ پيدا ڪري ڇڏي آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٽائلنڊ ربڙ ۽ مسالن جي پوک کان علاوه ٻُڌ ڏرم ، ٻُڌ پڪشوئن ۽ ٻُڌن جي عبادت گھر ـ پگوڊائن کان مشهور آهي.

هي هتي جو هڪُ پگوڊا آهي، مختلف رنگن ۽ عمارت سازيءَ جو شاهڪار، منجهس گوتم ٻُڌ جا مجسما رکيا آهن جي اکثر هتي جي گھرن ۾ پڻ نظر ايندا. هڪ چوڪري، عمر سورنهن سترهن سال کن، وارن ۾ گُلن جي ويڑهه، ساڄي هٿ جي ٻاچ ۾ ڪاري رنگ واري مندي ۽ ڪنن ۾ اڇي ٻُڙي وارا ائرنگ، هڪ پٿر جي بُت اڳيان هٿ ٻڌي، ڪجهه عبادت ڪري رهي آهي ۽ ٻي، ان ئي جيڏي گُلابي رنگ جي مني اسڪرٽ ۽ اڇي بشرٽ ۾ ڪجهه پري، پنهنجن خيالن ۾ خاموش انتظار ڪري رهي آهي. ذرا ڪن ڏئي ٻُڌون ته بت اڳيان وينل چوڪري ڪهڙي دعا گھري رهي آهي:

"نموتسا ـ پڪ وتو ـ الهتو ـ سم ـ سمپوت ـ تسا" ٿي دفعا ساڳي عبادت دهرائي ٿي. ٿائي نہ پر ڪا ڏارئين زبان جي اها دعا آهي. ٿي سگھي ٿو ته سنسڪرت يا ڪا ٻي قديمي زبان هُجي. جنهن جي خود هن چوڪريءَ کي به خبر ناهي ۽ هي ٻي گُلابي اسڪرٽ واري چوڪري چُپ ڪريو چو وينئي آهي؟

"چو بيبي، تون ڪير آهين ۽ تون عبادت چو نٿي ڪرين؟"

"مان هن جي ساهيڙي آهيان. هيءَ ٻُڌ آهي ۽ مان ڪرسچن. اسان جو چرچ يارهين وڳي شُروع ٿيندو. هتان پگوڊا مان ٿي پوءِ اسان اوڏانهن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ويندا سين. ان بعد مووي ڏسندا سين.“

”اڄن آمريڪن جي ڪليسا گهرن ۾ ڪو ڪارو شيدي عبادت نٿو ڪري سگهي! ڇا ڪارن شيدين ۽ گورن جو مختلف خُدا آهي؟ يا بُڌن، هندن، ڪرسچن ۽ مسلمانن جو جُدا جُدا خالق آهي. پگوڏا ۾ ڪرسچن چوڪري عبادت نٿي ڪري سگهي. هندو، گوردواري ۾ عبادت نہ ٿو ڪري سگهي. مسلمان پنهنجي رب سان چرچ ۾ نہ ٿو ملي سگهي. خدا تہ هر هنڌ موجود آهي. پوءِ اسان مان ڇو ڪن ڪيس مندرن ۾ ۽ ڪن مسجدن ۾، ڪن ڪليسائن ۾ ڪن گوردوارن ۽ پگوڏائن ۾ مقيد رکيو آهي؟“

مون سان گڏُ هلندڙ احمد حسين مخدوم، جو فلسفو چيڙيو ۽ آءٌ مان ميٺ ۾ وکون کٽندو رهيس.

نرالو سين کان سڃو تنهنجو ڪاتو
تون بي انت آهين نہ ڪنهن انت پاتو
تون هندوءَ ۾ آهين مسلمان ۾ پي
هنومان ۾ پي مسلمان ۾ پي
تون گبرو فرنگي ڪرستان ۾ پي
تون گيتا ۾ آهين تہ قرآن ۾ پي
تون ڪاشيءَ ۾ ڪرشن تون متڑا ۾ ساڳيو
تون ڪعبہ ۾ قادر ڪليسا ۾ ساڳيو
تون زمزم ۾ ذاکر تون گنگا ۾ ساڳيو
تون بستي ۾ پڳوان صحرا ۾ ساڳيو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ماستر چندر جو مٿيون راڳُ ان وقت منهنجي من جي مندر جي چانئٽ ٽپي مون کي مُنجهائڻ لڳو. پر ساڳئي وقت شاھ لطيف جو پڻ شعر سڄو قصو سلجهائڻ لڳو.

سوهي سوهو، سو اجل سو الله

سو پرين سو پساھ، سو ويرسو واھرو.

پگوڏا جي خوبصورت عمارت ۽ خاموش، خوشبو دار ماحول مان نڪتس تہ در وٽ هڪ ٽائي فقير ڪِشتو اڳيان وڌايو. سندس ڪاري ڪِشتي ۾ چند سِڪا وجهي، وري پگوڏا طرف غور سان ڏٺم.

'روحل' راھ پرين جي، جان گھمي ڏٺوسين گھيٽ،

تہ ربُ مڙني ۾ ھڪڙو، تنهن ۾ ڦندُ نہ ڦير،

سا ڪيڏي ڪندي پير، جا ستي ڪعبي وچ ۾!

اسان پگوڏا جي رستي جي ڏِگھي ڏاڪڻ لهي هيٺ اچي ٽئڪسيءَ ۾ ويناسين. ٽئڪسي ٽائلنڊ جي ڏامر جي ڏِگھي رستي تي ڊوڙڻ لڳي ۽ منهنجي دل شاھ جو شعر ورجائڻ لڳي:

پيهي جا پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،

تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾ نڪا ڪيچين ڪاڻ،

پنهون ٽيس پاڻ، سسئيءَ تان سور ويا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پورو ٿيو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

الطاف شيخ

مئرين انجنيئر

Altafshaikh2004@yahoo.co.uk

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ